
كارو كاري
ڪڏي رسم
قرآن و حديث نبويؐ جي روشني ۾
محقق:
محمد جميل ڦلپوٽو
پاران: علم دوست ادبي سنگت سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪارو ڪاري ـ ڪڌي رسم

(قرآن و حديث نبوي صہ جي روشني ۾)

محقق
محمد جميل قلپوٽو

نظرثاني
حزب ا لله آءِ سومرو

ڇپائيندڙ:
علم دوست ادبي سنگت سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا حق ۽ واسطه لکندڙ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: **ڪارو ڪاري – ڪُڌي رسم**
(قرآن و حديث جي روشني ۾)
محقق: محمد جميل ڦلپوٽو
موضوع: **تحقيق**
نظرثاني: **حزب ا لله آءِ سومرو**
ڇاپو: **پهريون**
سال اشاعت: 2014ع
ٽائيٽل ڊزائين: **آصف نظاماڻي**
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: **آصف نظاماڻي**
پاران: **علم دوست ادبي سنگت سنڌ**
قيمت: 150روپيه

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

Book Name:	**(Kaaro Kaari – Kudhi Rasam)**
Writer:	**Muhammad Jameel Phulpoto**
Editing:	**Hizbullah I Soomro**
Edition:	**1st**
Year:	**2014**
Title Design	**Asif Nizamani**
Composing & Layout:	**Asif Nizamani**
Published by:	**Ilim Dost Adbi Sangat Sindh**
Price	**Rs._/150**

انتساب

هن ڪتابَ جي ان عظيم هستيءَ جي نالي ڪريان ٿو. جنهن جي محنتن ۽ ڪاوشن جي بدولت منهنجي تعليم ۽ تربيت پروان چڙهي سائين جن جي محنتن جو آئون هڪ نہ پر سوين عالم ۽ شاگرد اڄ رب پاڪَ جو ڪلام پڙهائي رهيا آهن.

اها هستي منهنجي والد گرامي حضرت اقدس استاد محترم مولانا واحد بخش ٻلپوٽہ رحمة الله عليہ آهن.

مفتي محمد جميل ٻلپوٽو

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"ڪارو ڪاري _ ڪڌي رسم (قرآن و حديث جي روشنيءَ ۾)"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي اهم تحقيقي ڪتاب مفتي محمد جميل ڦلپوٽو جو لکيل آهي، جڏهن ته نظرثاني حزب الله آءِ سومري ڪئي آهي.

هن وقت سنڌ ۾ ٻين برائين سان گڏ هڪ وڏي برائي عورتن سان نا انصافي آهي ۽ غيرت جي نالي تي انهن جو ناحق قتل ڪيو وڃي ٿو. غيرت جي ڇا حقيقت آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ قرآن ۽ سنت ۾ ڪهڙو حل موجود آهي. هن ڪتاب ۾ ان جي مڪمل ۽ پوري معلومات فراهم ٿيل آهي. مولانا موصوف جو هي تحقيقي مقالو عام ماڻهن جي ذهنن ۾ مثبت سوچ پيدا ڪندو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي عورتن جي قتل کان روڪيندو. هي ڪتاب عوام سان گڏ علماءِ جي لاءِ به مفيد ثابت ٿيندو.

هي ڪتاب 2014ع ۾ علم دوست ادبي سنگت سنڌ پاران ڇپايو ويو.

ٿورائتا آهيون حزب الله آءِ سومري جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪلي، مهربانيون مفتي محمد جميل ڦلپوٽي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وسان
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

تاثرات: مفتي عبدالوهاب چاچڙ

تقريظات

مفتي قاضي سليم الله

مفتي عبدالغفار جمالي

مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو

مُهاڳ: حزب الله آءِ سومرو

پنهنجي پاران: محمد جميل ڦلپوٽو

تمهيد

باب اول: عورتن سان نازيبا سلوڪ ۽ مختلف قسم جا مظالم

01 عورتن سان ٿيل نازيبا سلوڪ ۽ مختلف قسم جا مظالم

02 سوچ کي مثائڻ جي ضرورت

03 ڪارو ڪاري رسم جي حقيقت ڇا آهي؟

04 ڪائنات ۾ اول قتل ٿيل ان جو سبب عورت هئي.

05 ڪارو ڪاري رسم ۽ باهه مان گذرڻ هندن جي رسم

06 ڏوهه ۽ سزائون

07 جنگين لاءِ سبب

08 بي جوڙ شاديون

09 والدين جا نافرمان پريمي جوڙا

10 باغي اولاد

11 غلط رسمن کي روڪڻ

باب ٻيون: اسلامي تعليم جي روشني ۾

01 واقعي کي سمجهڻ لاءِ حقيقت کي ڄاڻڻ ضروري آهي.

02 ڳالهہ جي حقيقت قرآني قانون مان سمجهو
03 دانشورن جا رايا
04 آمريڪا ۾ بدامنيءَ جي رپورٽ
05 دنيا جي مقابلي ۾ آخرت ڪتي وئي.
06 صحابي رسول حضرت ماعز رضي الله عنہ جو پيش ٿيڻ.
07 حدود جو نفاذ ا لله جي رحمت جو سبب.

باب ٽيون: اسلامي طريقي موجب

01 مشڪل گهڙيءَ ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي.
02 اجائي ڳالهين کان بچڻ گهرجي.
03 گواهيءَ لاءِ چار شاهد ضروري آهن.
04 زنا ۾ فاسقن جي شاهدي قبول ناهي.
05 ڪتابن جا حوالہ
06 حل
07 جيڪڏهن شڪ آهي تہ حد نہ لڳندي
08 نا بالغ ۽ چرئي ٻار تي حد نہ لڳندي
10 حمل واري عورت کي قتل نہ ڪبو. نہ ئي حد لڳندي جيسين وضع حمل ٿئي.
11 زنا جا قسم زنا بالجبر و زنا بالرضا.
12 زنا بالجبر ۾ عورت کي سزا نہ ملندي
13 قومي اسيمبلي ۾ منظور ڪيل تحفظ خواتين بل
14 جرم 375

باب چوٿون: نفاذ عمل جو طريقو

01 خبر جي حقيقت
02 سوال ڪرڻ جو حق امام يا قاضيءَ کي آهي.
03 جيڪڏهن شاهد رجوع ڪن تہ حد نہ لڳندي

اهم ۽ قابل توجه ڳالهه 04
زاني مرد ۽ عورت جي لاءِ شريعت ۾ سزا 05
جنهن تي حد لڳي ان کي غسل ڏيو 06
قرآني سزا قتل ڪندڙ آهي. 07
حد شرعي ڇو لڳائبي آهي؟ 08
حدود الله تعاليٰ جي حقوق مان آهن. 09
تنبيه 10
توبه 11
گناهن کي روڪڻ لاءِ جماعت جو هجڻ ضروري 12
گناهن جي ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ گناهه آهي 13
نا اهلن جو نقصاندهه قانون 14
8 مارچ حقوق انساءِ (عورتن) جو ڏينهن 15
اعتراض 17

باب پنجون: اصلاح

عورتن جي اصلاح بابت پيغمبري تعليم 01
عورتن جي اصلاح لاءِ چار اُپاءَ 02
نبي سائينءَ جن جو ازواج مطهرات کان ترڪ تعلق 03
سينگار ڪري گهرن کان ٻاهر نڪرڻ جي منع 04
ام المئومنين عائشه صديقه رضه جو عمل 05
سخت ضرورت وقت عورتن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ 06
فاجره عورت جو عمل 07

باب ڇهون: جن عورتن تابعداري جي حد ڪري ڇڏي

پٽ جي شهادت جي موقعو تي به پردو نه ڇڏيو 01
مڙس جي تابعداري پيءُ جي موت کان وڌيڪ اهم 02

03 عورت کي جائز ناهي (چند وجوهات)

04 عورتن سان سهڻو سلوڪ رکڻ جي باري ۾ چند احاديث

05 اسلام ۾ عورت جو مقام

06 آمريڪي صحافي عورت جي نصيحت

07 جن عورتن جي ڪوشش سان مَردن جي حالت مٽجي وئي

08 دشمنن جي قيد ۾ دشمنن جو نظريو بدلائي ڇڏيو

09 **عورتن جي سڃاڻپ وارا رشتا**

(1) ماءُ جيجل (2) والدين جي اهميت (3) عورت بحثيت زال جي
(4) عورتن جو هٿيار (5) عورت بحيثيت ڀيڻ جي (6) تعليم جي بهاني
نياڻين جي عمر ضايع ٿيڻ لڳي (7) عورت بحيثيت نياڻيءَ جي
(8) هڪ گذارش (9) ٿن ڪمن ۾ جلدي (10) ڌيءَ جي نالي نصيحت ڀريل خط.

باب ستون: اصلاح معاشره

01 معاشري جي اصلاح لاءِ چندحدود قيود

02 بغير اجازت جي گهر ۾ داخل ٿيڻ

03 ڪلامَ ڪان پوءِ ديدار جي طلب

04 پنهنجي گهر جا ڀاتي بہ اجازت وٺي گهرائجن.

باب اٺون: تجويزون ۽ رايا

01 اهم ۽ قابل توجہ ڳالهہ عِلماءِ ڪرامن جو فيصلو

02 عالمن سڳورن، اديبن، سماجي ڪارڪنن جا رايا

مفتي اصغر علي آرائي، مولانا مير محمد ميرڪ، مفتي عبدالوهاب چاچڙ

03 تجويزون ۽ خيالات: (عالم ۽ اديب)

مفتي اسد الله شيخ، علامہ حزب الله آءِ سومرو، پروفيسر الطاف اثيم، برڪت بلوچ

04 حوالا:

05 ليکڪَ جو مختصر تعارف: صفي الله آءِ سومرو

(الحمدالله العظيم ونصلي عليٰ رسول الڪريم اما بعد)

هن وقت سنڌ جي حالت جاهليت اوليٰ کان بہ بدتر ٿي وئي آهي. قتل غارت محمول بڻجي ويو آهي. پيسن ڪمائڻ يا سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن جو ڪارپ ۽ ناحق قتل ڪرڻ عام ٿي ويو آهي قتل ڪرڻ جي سزا سابتي سان بہ پبلڪ کي ڏيڻ جو اختيار نہ آهي اڪيلو سردار هجي توڙي سردارن جو گڏيل جرگہ ڪنهن کي بہ اهڙي سزا ڏيڻ يا اهڙي ڪاروائي کي جواز مهيا ڪرڻ جو شرعاً ، اخلاقاً، قانوناً اختيار نہ آهي قبائلي تڪرار ۾ ملڪ سنڌ تباهہ ٿي ويو آهي.

سوين گهر اجڙي ويا آهن عورتون بيواهہ ۽ ٻار يتيم ٿي رهيا آهن. ڪاروبار، تعليم ۽ امن برباد ٿي ويو آهي. ان ۾ سڄو قصور سردارن ۽ وڏيرن جو آهي. ان تي خاموش حمايت ڪرڻ وارين برادرين جو آهي. ضروري آهي تہ علماءِ ڪرام ۽ دانشور اخوات ان تي قلم کڻن ۽ ماڻهن کي اجتماعي ۽ انفرادي طرح سمجهائين. وڏيرن جي اهميت وڌائڻ لاءِ پنهنجي شو (Show) ڪرڻ لاءِ ميڙمنٽ قافلن نيڻ بجاءِ ماڻهن جي ذهن سازي ڪجي ۽ عملي ڪم ڪجي.

مولانا محمد جميل ڦلپوٽہ صاحب جس لهڻي جنهن انهيءَ واديءَ ۾ پير رکيو آهي. مون سندس مقالہ کي سرسري نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان جا ڪي حصا ڏسڻ کان رهجي ويا آهن. هي مقالہ وقت جي امر ضرورت آهي. ٻين عالمن کي بہ گهرجي تہ زندهہ باد مردهہ باد

جي بي سود مشغلہ مان نڪري ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪم ڪرن ۽ قوم کي تباهي کان بچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرن.

مفتي عبدالوهاب چاچڙ

صدرمدرس

جامعہ العربيتہ دارالعلوم الشرعيتہ

روهڙي ضلع سکر سنڌ

تقريظات

نحمده ونصلي عليٰ رسوله الڪريم:

اما بعد: برادرم مولانا محمد جميل قلپوٽو جو لکيل ڪتاب عنوان ”ڪارو ڪاري“ مختلف جڳهن تان پڙهيم ڪتاب ۾ موضوع کي پوريءَ طرح نڀايو ويو آهي ۽ مسئلي جي مڪمل شريعي تحقيق پيش ڪئي وئي آهي.

هن وقت سنڌ جو معاشرو اسلام کان اڳم عربن ۾ جاهليت واري دور جي جهلڪ پيش ڪري ٿو. ٻين براين سان گڏ هڪ وڏي برائي عورتن سان نا انصافي آهي ۽ غيرت جي نالي تي انهن جو ناحق قتل ڪيو وڃي ٿو. غيرت جي ڇا حقيقت آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ قرآن ۽ سنت ۾ ڪهڙو حل موجود آهي.

هن ڪتاب ۾ ان جي مڪمل ۽ پوري معلومات فراهم ٿيل آهي.

مولانا موصوف جو هي تحقيقي مقالو انشاءَالله عام ماڻهن جي ذهنن ۾ مثبت سوچ پيدا ڪندو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي عورتن جي قتل کان روڪيندو سنڌ مان ماڻهون عورتن کي قتل ڪري پنهنجي نسل کي گهٽائڻ جو سبب بڻيا آهن. نتيجي ۾ پنهنجي سنڌ کي آباد نٿا ڪري سگهن ۽ ٻين صوبن جا ماڻهو هتان جي زمينن ۽ علائقن کي آباد ڪن ٿا.

هي ڪتاب عوام سان گڏ علماءِ جي لاءِ به مفيد ثابت ٿيندو ڇو ته موضوع جي باري ۾ هڪ جاءِ تي مڪمل معلومات ڏني وئي آهي. دعا آهي ته الله تعاليٰ هن ڪتاب کي مفيد بڻائي ۽ مولانا کي علم ۽ عمر ۾ برڪت عطا ڪري.

مفتي قاضي سليم الله
جامعه دارالهديٰ ٺيڙهي
خيرپور ميرس سنڌ پاڪستان.

الحمدالله وحده والصلوات والسلام عليٰ من لا نبي بعده وعليٰ اٰله واصحابہ خيارالامة

اما بعد: مولانا محمد جميل ڦلپوٽو صاحب جو مقالو بعنوان ”ڪارو ڪاري“ کي مختلف جڳهين سان ڏسڻ جو اتفاق ٿيو. ماشاءَالله مقالو پنهنجي موضوع تي احاطہ جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

شايد ان انداز سان سنڌي زبان ۾ هن کان اڳ ڪم نہ ٿيو هجي اصل ۾ ان موضوع تي مختلف عنوانن ۽ زاوين سان بحث مباحثا ۽ تحقيقون ٿي رهيون آهن ڪي تہ ان رسم کي ان ڪري موضوع بحث بڻائي رهيا آهن جيئن ٿورو گهڻو هتر ۽ خوف سماجي معاشرتي ڪارو ڪرڻ وارو آهي.

اهو قبيلن مان ختم ٿي وڃي هت بہ ايشياء ۾ مرد وزن آزاد معاشرو يورپ وانگر نهي پئي.

اسلام ان مرض ۽ رسم بد جي سد باب لاءِ پردي کي لازم قرار ڏنو آهي. ڪنهن بہ قسم جي نمائش ۽ زيبائش کان منع ڪئي. نتيجہ طور اهي خرابيون معاشري مان ختم ٿي ويون ۽ وري جيتريون اسلامي روايات ختم ۽ ڪمزور ٿينديون ويون ايتريون جاهلي رسمون ان جاءِ کي پرينديون ويون ان ڪري ان جاهلانہ رسم جي خاتمي جو بهترين فارمولو اسلامي پردي کي لاڳو ڪرڻ آهي هن معاشري جو اصلاح ۽ سڌارو بہ ائين ٿيندو.

جيئن اسلام کان اڳ جاهليت وارو معاشرو اسلام جي اچڻ سان سڌريو.

لن يصلع آخر هذه الامتہ الابما صلح بہ اولهاوکما قال

مولانا موصوف بہ اهڙي اصلاح تي گهڻو زور ڏنو آهي ۽ هن دور ۾ ڪارو ڪاري جي جاهلانہ رسم کان سنڌي قبيلن کان بچائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي ۽ عالمانہ ذميداري جو حق ادا ڪيو آهي ۽ علماء کي ڪپي تہ هر دور ۾ هر غلطي تي نظر رکي تنبيہ ڪن ان ڪري حضرت معاويہ رضي الله تعاليٰ عنہ جي سامهون جڏهن وارن جو هڪ ڳچو آندو ويو تہ سمجهيائين تہ عورتون پنهنجي وارن سان ٻين عورتن جا وار ملائين ٿيون تنهن ڪري فرمايائون اين علماء کم (**ترجمو: توهان جا عالِمَ ڪِٿي آهن؟**)

مون نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کان پڙو جو اهڙي ڪم کان منع ڪيائون ۽ فرمايائون تہ بني اسرائيل ۾ بربادي تڏهن آئي جڏهن عورتن اهڙا ڪم شروع ڪيا بخاري شريف 878ع جلد 2 ان مان اشارو ڪيائين تہ عوام ۾ جيڪڏهن غلطيون ٿين تہ ان جا ذميوار علماء آهن.

آءُ اميد رکان ٿو تہ جيڪڏهن اهڙي محنت ميدان ۾ آئي الله تعاليٰ جي فضل ڪرم سان مسلمانن ۾ ڪافي تبديلي ايندي آخر ۾ دعا ڪيان ٿو تہ الله تعاليٰ هن مقالہ کي شرف قبوليت سان نوازي ۽ سڀني مسلمانن لاءِ نفح وارو بڻائي آمين ثم آمين وصلي الله علي النبي الڪريم محمد وآلہ و اصحابہ اجمعين

العبد المستغفر

عبدالغفار جمالي

غفر الله دار الافتاء

جامعہ اشرفيہ سکر

7-6-2-8

سبحانک لاعلم لنا الاما علمتنا انک انت العليم الحکيم و اما بعد!

الحمدلله، هر دور ۾ دين جي عالمن پنهنجي زماني ۾ اُٿيل فتنن فسادن جي آڏو مضبوط بند ٻڌا آهن ۽ هر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي خلاف انهن مسجدن ۽ مدرسن مان ئي توانا آواز گونجيا آهن. ۽ تاريخ شاهد آهي تہ حق وارن عالمن تي ظلم ۽ بر بريت جا ڏونگر ڏاريا آهن. پر رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سنت طريقي تي عمل ڪندي عالمن جو جهاد جاري آهي ۽ جاري رهندو. يبطل جو رجائر ولا عدل عادل! عالمن الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان شرڪ، بدعت ۽ معاشري جي لڳ پڳ ۾ گهري ويل ڇتڪين ۽ واٽڪين ريتن رسمن جي خلاف بہ ڀرپور جهاد ڪيو آهي. جنهن ڪري اڄ اسلام جي صحيح تصوير اسان جي سامهون آهي. نہ تہ دين اسلام جي ويرين اسلام جي حقيقي روح کي ختم ڪرڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي. وان کان مکرهم لتزول منہ الجبال (جيتوڻيڪ انهن جو مڪر اهڙو هجي جو جبلن کي هٽائي ڇڏي ابراهيم 36) جي جيري جاڳندي تصوير ٿي سامهون آيا آهن.

اسان جي هن دور ۾ جتي نت جوان فتنا ۽ فساد ڪر ڪڍيو بيٺا آهن، اُتي سنڌ جي سدا بهار ديني فضا کي زهر بڻائي ڇڏڻ واري هڪ نهايت ڪُڌي رسم ۽ انسان ذات تي ڪارو داغ "ڪارو ڪاري" جي رسم بہ آهي اسلام تہ هڪ اعليٰ ۽ رفع ۽ مڪمل ضابطئہ حيات آهي، جنهن ۾ انسان تہ ٺهيو پر جهنگ جي جانورن سميت جيتامڙن جا جا بہ حق محفوظ آهن. پر دنيا جو ڪو بہ قانون، دنيا جي ڪا بہ عدالت هي ڪُڌي رسم کي صحيح چوڻ کان ٺابري واري بيٺي آهي.

هن ڳالهہ جي ضرورت هئي تہ هن موضوع تي قرآن ۽ سنت، فقہ ۽ اجماع امت جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ قلم کنيو وڃي. ۽ هن ڪُڌي رسم جا سمورا رُخ ۽ پاسا اسلامي تعليمات سان پيٽائي انهن کي غلط ثابت ڪيو وڃي بيشڪ انفرادي طور تي عالمن سڳورن هن موضوع تي پاڻ ملهايو آهي. ۽ مسلم امت جي رهنمائي جو پنهنجو مذهبي فرض ۽ زميواريون سهڻي نموني سان نڀايون آهن.

پر اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور ۾ جڏهن سڄي دنيا گلوبل وليج جي چائنٽ تي اچي بيٺي آهي. تہ هن ڳالهہ جي ضرورت ذرا سرسي محسوس ٿي رهي

هئي تہ ڪارو ڪاريءَ جي ڪُڌي رسم جا سمورا ديني ۽ دينوي نقصان ۽ خرابيون مضبوط شرعي بنيادن ۽ دليلن سان سامهون آندا وڃن. ۽ ان جي هڪ هڪ پهلو ۽ ڳالهہ کي عقل ۽ منطق (Logic) سان غلط ۽ خراب ثابت ڪيو وڃي ۽ مسلم امت جي هر هڪ فرد لاءِ جهجهو مواد مهيا ڪيو وڃي.

الحمدالله، اسان جي برادر محترم مولانا محمد جميل صاحب قلپوٽو جيڪو هڪ نوجوان عالم فاضل آهي، نئين جذبي ۽ شوق ذوق سان وقت جي هن اهم مسئلي (Burning Issue) تي قلم کنيو آهي. ۽ هڪ جامع ڪتاب، جنهن ۾ شرعي راءِ سان تقريباً سڀني پهلوئن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. تحرير ڪيو آهي.

الله تبارڪ و تعاليٰ کان دعا آهي تہ مولانا محمد جميل صاحب قلپوٽي جو اهو پورهيو ۽ پگهر قبول فرمائي ۽ هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ شايع ڪرڻ ۾ جن بہ عالمن ۽ نيڪ صالح مسلمانن جو جيتري بہ حصو ۽ محنت شامل آهي، تن سڀني لاءِ هن ڪتاب کي آخرت جي نجات جو ذريعو بڻائي ۽ اسان سڀني جي لاءِ هدايت جو ذريعو بڻائي. اللهم آمين. ربنا تقبل منا انک انت السميع العليم و تب علينا انک انت التواب الرحيم.

احقر العباد

محمد رمضان

عفاعن الرحمن

مدرس مدرسہ عربيہ مظهرالعلوم

حماديہ کهڙا

15 جماد الوليٰ 1429هہ

21 مئي 2008ع

قلپوٽو

ليلة الخميس

مُهاڳ

سبق سِک سهڻي شريعت سندو

مذهب ئي جائز ناجائز، حلال حرام ۽ غلط صحيح جو تصور ڏنو ۽ باقاعده قائم ڪيو باقي ماده پرستيءَ ته انسان کي جانور قرار ڏنو آهي پوءِ جانور جي ته مرضي نه! جيئن سندس عقل چوندو ائين ڪندو، وري هڪ جو عقل هڪ شيءِ کي غلط سمجهندو ته ٻئي جو ان کي صحيح سمجهندو، پوءِ جانورن جي دنيا کي ڪنٽرول ڪير ڪري، بس ڏاڍو سو گابو، ڏاڍ لٺ جو هجي يا اڪثريت جو هجي.

مذهب ئي پيڻ ماءُ ڌيءَ سان شاديءَ کان منع ڪئي آهي نه ته عقل جي حوالي کان پيڻ ماءُ، ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ۾ ڪا قباحت نه آهي. رت جي ڇڪ ذهني قربت ۽ طبيعت مان واقفيت جا اهڙي شاديءَ لاءِ عقلي جواز به موجود آهن ـ عقل پرست سائنس کي پنهنجو وڏو سهارو سمجهن ٿا پر سائنس جا نظريا ۽ ضرورتون متجنديون رهن ٿيون ان صورت ۾ انهن وٽ اخلاقي نوعيتون به متجي وينديون، هم جنس پرستي عقل پرستن وٽ رڳو هن ڪري منع ٿي وئي جو ان سان لاعلاج بيماري ايڊز پئي ٿئي پر جيڪڏهن سائنس ان جو علاج دريافت ٿي ڪري ته اها روڪ ختم ٿي ويندي، روڪ ته هاڻي ئي رڳو عارضي احتياطي اپائن (ڪنڊوم جي استعمال) سان ئي ختم ٿي وئي آهي اهڙيءَ طرح سائنس خراب پاڻي (پيشاب يا ناليءَ جي پاڻي) کي سائنسي انداز ۾ ڇاڻي لائقِ استعمال بڻائي ڇڏيو آهي ان ڪري عقل پرستن وٽ اخلاقي قدر مستقل نه آهن ـ سچ دائمي هوندو آهي وارو تصور آهي ئي ڪونه! ايتريقدر جو هي دنيا حقيقي طرح آهي يا نه؟ فلسفين يا عقل پرستن وٽ ان بابت به بحث هلندڙ آهي!!! لبرل، سيڪيولر يا عقل پرستن وٽ وري جمهوري طريقي سان ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪري سگهجي ٿو. يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترين رياستن ۽ ملڪن ۾ هم جنس پرستي کي جمهوري طرح (اسيمبليءَ جي ذريعي) جائز ۽ صحيح قرار ڏنو ويو آهي جيڪو ڪم ماضيءَ ۾ اتي به غلط ۽ جرم هو.

مذهبن جزا سزا جو تصور ڏنو ۽ قائم ڪيو ـ هڪڙا قانون سزائن جا دنيا ۾ ڏنا، ٻيو ته جنت دوزخ ۽ نرڳ سرڳ کي مڃڻ ان سلسلي ۾ بنيادي عقيدا آهن جنهن تحت خدا سٺن کي انعام ۽ خراب کي سزا ڏيندو. حڪومتي قانون کي بنياد فراهم ڪيو ته دنيا ۾ جيڪو سٺو ڪم ڪري اهو سزا کان بچيل رهي جيڪو غلط ڪم ڪري ان کي سزا ملي ـ جرم جيترو به وڏيڪ هوندو ته اوتري سزا سخت هجڻ گهرجي. مثال طور هڪ ماڻهوءَ اگر خون ڪيو ته ان کي عمر قيد جي سزا ملي جيڪا چوڏهن سالن جي سزا ڪٽي ٻاهر نڪتو ۽ جيل ۾ جيڪي اچ ڪلهه سهولتون آهن جن کي ڏسي سزا جو تصور ئي ختم ٿيو وڃي ته ڇا اها سزا ان خون جو نعم البدل آهي؟ اگر نه ته زنا کي رڳو ڏنڊ سان ٽارڻ به مؤثر نه ٿيندو. امير ته ان کي ٽيڪس سمجهي ڪري عياشي ڪندا ـ ان ڪري زنا جيڪا انساني خانداني نظام کي ڊانواڊول ڪري ٿي يعني اگر زنا کي صحيح تصور ڪري ان جي اجازت ڏني وڃي ته پوءِ ڪير گهر ٻار جون ذميداريون سنڀاليندو ۽ پوءِ نظامِ زندگي ڪيئن هلندو؟ ان سڄي نظام جي لوڏيندڙ جرم ”زنا“ جي سزا به سنگين هجي. ان صورت ۾ اسلامي سزا صحيح ۽ مؤثر رهندي. اسلامي معاشرن ۾ زنا نه هجڻ برابر آهي پر جِتي جنسي آزادي آهي زنا بالرضا جرم نه آهي ته اتي راضپي جي زنا جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي پر اتي زوري زنا (Rape) جا واقعا روزانو روز ٿيو ٿا وڌن؟؟؟ ان ڪري جوان لاءِ يا ته سزا ڪونهي يا غير مؤثر آهي.

چون ٿا ته ڪاروڪاري بلوچستان جي رسم آهي ان ڪري بلوچستان وارن حصن جيڪب آباد ـ لاڙڪاڻي ۾ زياده آهي ته ان سلسلي ۾ سوال آهي ته بلوچستان به ته واديءَ سنڌ يا سنڌو تهذيب جو حصو آهي ان صورت ۾ ان رسم کي غير سنڌي رسم چوڻ صحيح ڪيئن آهي؟ اصل سبب اهو نه آهي، تاريخ سنڌ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته عرب مسلمانن جي حڪومت اروڙ(سکر) ۽ ان کان مٿي وارن علائقن مان ختم ٿي وئي هئي. ملتان ۽ منصوره ۾ حڪومت هئي پر جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي سميت بلوچستان ۾ حڪومت نه رهي هئي. هئي ان ڪري عربن معرفت اسلامي تعليمات جو اثر انهن علائقن ۾ سٽي لڪڙي ۽ ڪاروڪاري جهڙن غلط رواجن تي پابندي نه وجهي سگهيا. پنهنجن علائقن ۾ هو

وڏيڪ اثر انداز رهيا ان ڪري عرب حڪومت وارن علائقن ۾ ستي لڪڙي ۽ ڪاروڪاري قتل گهٽجي ويا جڏهن تہ ٻين علائقن ۾ اهي رواج مسلم معاشرت سبب گهٽيا تہ ضرور مگر وري بہ رائج رهيا. ڪاروڪاري سنڌي رواج ئي آهي ۽ بدڪاريءَ جي سزا طور رائج رهيو پوءِ اڳتي هلي ڪٽي ان جو غلط استعمال ٿيو۔ قديم دور جي سنڌ بابت ڪِتاب "قديم سنڌ" ۾ ص 35 تي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ لکيو آهي تہ "جيئن اڄ ڪلهہ ڪاروڪاريءَ کي بروقت قتل ڪرڻ واجب سمجهن ٿا تيئن اڳي بہ هو ۽ اهڙي خون ڪرڻ لاءِ ڪا بہ سزا ڪانہ ملندي هئي." ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ "سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات" ص 44 ۽ 45 تي قديم سنڌ بابت لکيو آهي تہ "ڪٽي ڪارو ڪاريءَ کي مارڻ جو رواج بہ موجود هو..... (بعد ۾) ڪاروڪاري جي رسم هند ۾ تہ نہ رهي پر سنڌ جي مسلمانن ۾ موجود رهي۔ ميمڻ صاحب ڪِتاب جي ص 160 تي عرب تاريخدان سليمان تاجر جي ڪِتاب "سلسلة التواريخ" جي حوالي کان لکيو آهي تہ "جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت کي وٺي اچي ۽ بدڪاري ڪري تہ بدڪاري ڪرڻ واري عورت ۽ مرد ٻئي قتل ڪرڻ سڄي ملڪ ۾ ضروري سمجهيو ويندو هو۔ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زبردستيءَ عورت سان زنا ڪئي تہ اڪيلو مرد قتل ڪيو ويندو هو پر جيڪڏهن عورت جي رضا منديءَ سان بدڪاري ڪئي تہ مرد عورت ٻئي قتل ڪيا ويندا هئا." ميهار واري سهڻيءَ جو قتل بہ غيرت جو قتل ئي سڏبو۔ ڀٽائي صاحبَ بہ مومل راڻيءَ جي حوالي کان هڪ بيت ۾ غير مرد سان ڏسڻ جي صورت ۾ مارڻ واري رواج جو ذڪر ڪيو آهي:

جي مرد ڏٺو هوءِ محلات ۾ تہ ماري ڪرين ها مٽ
ترازي ۽ وٽ مرڪ تنهنجو آهي مينڌرا

بهرحال جيڪي ماڻهو سنڌي ثقافت جو مطالعو رکن ٿا تن کي معلوم آهي تہ ڪاروڪاري رسم تحت فقط بدڪار مرد ۽ بدڪار عورت کي سينگاري درياءَ ڪناري ويهاري سيني آڏو ڪهاڙيءَ سان ماري درياءَ داخل ڪيو ويندو هو. اها رسم هاڻي سنڌ ۾ ڪٿي بہ رائج ڪونهي باقي غيرت جا قتل تہ سڄي دنيا ۾ رائج

آهن. مغرب جِتي زنا بالرضا جو لفظ ئي لغت ۾ ڪونهي، جنسي آزادي آهي اتي دوست (Boy Friend) ڪرڻ تي قتل ٿين ٿا ـ زوري زنا جا واقعا بہ وڌي رهيا آهن.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪاروڪاري سنڌ جو رواج هجي ها تہ "سهڻي" غير مرد "ميهار" سان ملندي رهي ان جي منڊي چو نہ لاٿي وئي تہ خبر هجڻ گهرجي تہ سهڻيءَ جو قتل بہ غيرت جو قتل آهي پر مارڻ جو انداز ٻيو آهي ـ پڪي گهڙي بجاءِ ڪچو گهڙي رکڻ جو مقصد اهو هو تہ سهڻي درياءَ ۾ ٻڏي مري ۽ ائين ئي ٿيو ـ ڪي ماڻهو سهڻيءَ جو غير مرد ميهار سان ملڻ ڪي ڀٽائيءَ پاران صحيح قرار ڏين ٿا ـ هو اهو چو نہ ٿا سوچين تہ اگر غير مرد سان ملڻ صحيح آهي تہ ڇا هو پنهنجي عورتن کي اهڙي آزادي ڏيندا؟ ٻيو تہ ڇا ڀٽائي عورت جو غير مرد سان ملڻ صحيح سمجهندو هو؟ ڇا ڀٽائي بدڪاريءَ جو علمبردار هو؟ باقي ڀٽائي سر سهڻيءَ ۾ سهڻيءَ جا جذبات بيان ڪيا آهن تہ سهڻي ڏَمَ کان سواءِ پاڻ کي پليت، اڏوتي ٿي سمجهي، ڀٽائي اهو ذڪر ڪري الله جي عاشقن کي سمجهايو آهي تہ هڪ غلط عورت پنهنجي مقصد يا محبوب لاءِ طعنا سهي ٿي، درياءُ اُڪاري ٿي. آخر جان قربان ڪري ٿي تہ اوهان پوئتي چو ٿيندا آهيو؟ باقي ڀٽائي سهڻيءَ کي عقل ـ مت (مذهب) ۽ شرم کان عاري سڏيو آهي ۽ ان کي ڪاٽياري (بدڪار) سڏيو آهي:

تڙ تڪڻ تار گهرڻ، اي ڪاٽيارين ڪم
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ ڏي ڏوراپا ڏم
عقل مت شرم ٿئي نينهن نهوڙيا

(شاهہ جو رسالو شاهواڻي سر سهڻي داستان ـ 3 بيت 1)

ڀٽائي سهڻيءَ کي چيو آهي تہ اگر ميهار سان محبت ڪرين ٿي تہ شريعت (قانون) وارو طريقو اپناءِ ڏم کان طلاق وٺي ميهار سان شادي ڪر يا دل ۾ ئي ميهار جي محبت رک پر ان سان نہ مل:

ساري سک سبق شريعت سندو سهڻي
طريقتان تکو وهي حقيقت جو حق
معرفت مرڪ اصل عاشقن جو

(شاهہ جو رسالو شاهواڻي سر سهڻي داستان ـ 3 بيت 10)

باقي جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ سهڻي ميهار جو پيار پاڪ هو سي بہ غلط آهن, رات جو سهڻي ميهار سان ملڻ ڇا لاءِ ويندي هئي؟ ۽ رات جو ڇو؟ لوڪ کان لڪي ڇو ويندي هئي؟ ڇا اهي ماڻهو سهڻي ميهار کي پاڪ پيڻ ڇئي سگهندا؟ اگر نہ تہ پوءِ سندن محبت پاڪ ڇو ۽ ڪيئن سڏبي؟ اهو بہ مؤقف غلط آهي تہ سهڻيءَ جي ڏم سان زوريءَ شادي ڪرائي وئي سو ان سان نڪاح نہ ٿيو هوس حالانڪہ سهڻيءَ جو ميهار تي عاشق ٿيڻ جو واقعو شاديءَ کان واپسيءَ تي ٿيو هو- بيو تہ اهو ڪٿي آيو آهي تہ سهڻيءَ سان ڏم جي شادي زوريءَ ٿي هئي؟ ٿيون تہ زوريءَ شادي ٿي بہ هجي ها تہ بہ ان کي اهو حق تہ ڪونہ هو جو بدڪاريءَ واري واٽ وٺي, پنائيءَ چواٽي قانوني رستو وٺي ها نڪاح ٽوڙائڻ جو.

ڏنو وڃي تہ ڪاروڪاري خلاف آواز بظاهر تہ سنو آهي پر ان جا پيش ڪندڙ غير ملڪي ايڊ ۽ ايجنڊا تي هلندڙ اين جي اوز وارا آهن انهن جو مقصد پئسو آهي, ان جي ايجنڊا بدڪاريءَ کي وڌائڻ آهي ان ڪري اهو نعرو ڪجهہ خطرناڪ آهي - جڏهن پلي شيءِ بد نيتيءَ جي بنياد تي پيش ڪئي وڃي تہ اها پلي شيءِ بہ نقصان ڏيندي آهي. بندوق جڏهن فوجي بجاءِ ڌاڙيل جي هٿ اچي وڃي تہ اها خطرناڪ بڻجي وڃي ٿي ۽ جيئن هڪ مسجد منافقن مسلمانن جي خلاف سازشن ڪرڻ لاءِ ناهي هئي تہ اها ئي تہ مسجد پر ان کي مسجد ضرار (نقصان ڏيندڙ مسجد) ڇئي ڊاهڻ جو حڪم ٿيو- زهر شربت ۾ ملائي پياربو تہ رڳ رڳ ۾ جلد سمائجي ويندو _ اهڙيءَ طرح ڪاروڪاريءَ جي سزا ڪٽي اسلام ۾ نہ آهي پر اين جي اوز پاران پنهنجي دڪان چمڪائڻ ۽ بدڪاريءَ آڏو بند کي هٽائڻ جي نيت سان ان کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش قابل مذمت آهي, جڏهن تہ اسلامي معاشري يا اسلامي نظام جنهن ۾ بدڪاريءَ جي لاءِ سزا بہ آهي ان لاءِ اين جي اوز جي ڪا بہ جدوجهد نہ آهي ۽ نہ وري بدڪاريءَ جي لاءِ سزا بہ آهي ان لاءِ اين جي اوز جي ڪا بہ جدوجهد نہ آهي ۽ نہ وري بدڪاريءَ لاءِ هو ڪا سزا تجويز ڪن ٿا - چون ٿا تہ ڪاروڪاري ملڪيت لاءِ ڪئي وڃي ٿي. ميون ٿا تہ ان ۾ حقيقت آهي پر سڀ واقعا ملڪيت لاءِ بہ تہ نہ ٿا ٿين, غلط ڪاري بہ ٿئي ٿي ۽ غلط ڪاري ٿيندي ڏسي غيرت ۽ جذبات ۾ اچي مرد عورت کي ماريو وڃو اها بہ تہ

حقيقت آهي ـ اهو تعداد پلي ڪيترو بہ ٿورو مجيو وڃي پر اين جي اوز اهڙن مجرمن لاءِ ڪا سزا تجويز ڪري. چون ٿا ان کي طلاق ڏئي ڇڏجي تہ آءٌ پڇان ٿو تہ اگر عورت ماءُ ۽ پيڻ يا ڌيءَ هجي تہ پوءِ طلاق ڪيئن ڏجي؟ اين جي اوز ۽ نام نهاد سول سوسائِٽي بدڪاري لاءِ اسلامي ملڪ ۾ اسلامي سزا (رجم يا سنگساري ۽ ڪوڙا) تجويز ڇو نہ ٿي ڪري؟ مورڳو ڪنهن بہ سزا تجويز نہ ڪرڻ جي ڪري سندن بدنيتي ظاهر ٿئي ٿي تہ اسلامي سزا بہ نافذ نہ آهي ۽ بدڪاريءَ جي راهہ ۾ هڪ رڪاوٽ ڪاروڪاري يا غيرت جو قتل بہ ختم ٿئي تہ معنيٰ ڇڙواڳي ۽ بدڪاريءَ جو فروغ ٿئي.

هن سلسلي ۾ اين جي اوز پاران اهو طعنو ملندو آهي تہ عالم غير شرعي ڪاروڪاريءَ خلاف ڇو نہ ٿا لکن؟ مفتي جميل احمد ڦلپوٽي ڪاروڪاريءَ کي شرعي حوالي کان غلط ثابت ڪري اهڙن مغربي تهذيب جي پگهار دارن، ياڙيتو ۽ ويڪائو وڪيلن جا وات بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ گڏوگڏ بدڪاريءَ جي سزا کي بہ نروار ڪري سندن قلعي کولي ڇڏي آهي ۽ ان موضوع جي هر رخ کان جائزو ورتو آهي. هاڻي ڏسون تہ هي همراهہ اسلامي سزا جي حمايت ۽ جدوجهد ڪن ٿا يا مورڳو هو ڇڙواڳي ۽ بدڪاريءَ جو فروغ چاهين ٿا:

حزب الله آءِ سومرو

چيئرمين

علم دوست ادبي سنگت ـ سنڌ

0300-3290626

پنهنجي پاران

الحمدالله رب العالمين و العاقبته للمتقين والصلواة والسلام علي سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم.

اسلامي دستور جي لاءِ علماءِ ڪرامن جون حڪمرانن سان ملاقاتون.

مارچ 1948 ۾ جڏهن محمد علي جناح اوير پاڪستان جي دوري تي ويو ته هڪ ڏينهن هڪ مولانا ظفر احمد عثماني رحه دستور سازيءَ جي معاملي ۾ باني پاڪستان سان گفتگو ڪرڻ لاءِ ذاتي طور تي ان جي ڍاڪا جي گهر تي پهتو مولانا عثماني محمد علي جناح کي فرمايو:

''مجھے سب سے پہلے یہ عرض کرنا ہے کہ پاکستان اس لیے نہیں لیا تھا کہ ہندوستان کے لاکھوں مسلمان قتل اور لاکھوں مسلمان خانماں برباد ہو جائیں۔ ہم نے اس خطرہ کو دھلی میں پہلے ہی آپ پر ظاہر کیا تھا ۔مگر آپ نے ہم کو یقین دلایا تھا کہ ایسا نہیں ہو گا۔ مگر جو خطرہ ہم نے ظاہر کیا تھا وہ پیش آ کر رہا۔ پھر یہ سلسلہ ختم نہیں ہوا آپ نے اسکا کیا انتظام فرمایا؟ پھر اگر پاکستان میں نظام اسلام جاری ہوتا تو ہماری اشک شوئی ہو جاتی اور ہم یہ سمجھتے کے ان قربانیوں کی تلافی نظام اسلام جاری ہونے سے ہو گی جو بہت بڑی نعمت ہے۔افسوس! وہ بھی ابتک نہ ہوا ہم قوم کو کیا منہ دکھلائیں جس مقصد کے لیے پاکستان بنا تھا، وہ بھی حاصل نہ ہوا اور نقصان حد سے زیادہ ہو گیا۔ رماخوذ اسلامی نظام خلافت اور ہماری ذمہ داری 69 صفہ۔

مولانا ظفر احمد عثمانی رحہ جي سوالن جا جواب ڏيندي مسٽر جناح چيو:

''مولانا جو خطرہ آپ کو تھا اس کا احساس مجھے بھی تھا۔ مگر میرا یہ خیال تھا کہ پاکستان بننے پر ہندو کچھ ایسی ہی سازش کریں گے۔ جیسی قربانی یا محرم کے موقع پر کبھی کبھی کرتے ہیں۔ سو میری قوم نے ایسے موقع پر کبھی ھندو سے شکست نہیں کھائی ہمیشہ غالب رہی ہے۔ ایسا اس دفعہ بھی ہو گا۔ اس کا مجھے وھم بھی نہیں تھا کہ اس قوم کو بائولا (چریو) کتا کاٹ جائے گا۔۔۔۔۔ باقی رہا نظام اسلام کا مسئلہ تو آپ مطمئن رہیں ذرا مجھے مھاجرین کی طرف سے اطمانان ہو جائے اور اسمبلی کو بھی اطمینان نصیب ہو جائے انشااللہ بہت جلد دستور پاکستان اصول اسلام کے موافت مرتب ہو گا۔ میرا خیال ہے پاکستان میں ایک لارڈ بشب ہو گا۔ اس کا ترجمہ

آپ کیا کریں گے؟ میں نے کہا ''شیخ الاسلام'' کہنے لگے ہاں! ایک شیخ السلام ہو گا جو حکومت پاکستان کو کنٹرول کرتا رہے گا کہ کوئی دستور اور کوئی قانون خلاف اسلام پاس نہ ہو سکے۔

(ماخوذ اسلام نظام خلافت اور ہماری ذمہداری) 69،70 صفہ۔

پاڪستان ۾ اسلامي قانون رائج ڪرائڻ ۾ اڪابرين علماء جون ڪوششون:۔

3 جون 1947، تقسيم ورهاڱي هند جي اعلان ٿيو:۔

11 جون حضرت علامہ شبير احمد عثماني رحہ ۽ حضرت مولانا ظفر احمد عثماني رحہ ۽ مولانا مفتي محمد شفيح رحہ ديوبندي.

تحريڪ پاڪستان جي ڪاميابيءَ جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ مسلم ليگ جي قائد محمد علي جناح جي ڪوٺي (بنگلي) تي پهتا جيئن ئي هي حضرات ان جي ڪمري ۾ داخل ٿيا تہ انهيءَ بيهي ڪري انهن جو استقبال ڪيو. مصا فحي ڪان پوءِ پنهنجي پرسان ويهاريو. علامہ شبير احمد عثماني رحہ حصول پاڪستان تي مبارڪ باد پيش ڪئي تہ انهن چيو ''مولانا یہ مبارک باد تو آپ کو ہے آپ کی ہی کوششوں سے یہ کامیابی ہوئی ہے۔

اسلامي نظام جو واعد:

انهيءَ تي مسٽر جناح چيو ''سرحد پاکستان کی ریڑھ کی ھڈی ہے اور سلیٹ کا علائقہ بھی مشرقی پاکستان کے لیے ایسا ہی ہے میں دل سے چاھتا ہوں کے پاکستان اس ریفرنڈم میں کامیاب ہو'' اس کے جواب میں ان دونوں حضرات نے کہا یہ شرط پیش کی کہ'' ہم آپ کو اطمینان دلاتے ہیں کہ انشااللہ پاکستان اس میں کامیاب ہو گا بشرطیہ آپ اعلان کر دیں کہ پاکستان میں اسلامی نظام جاری ہو گا اور اسکا دستور اسلام ہو گا۔ کیوں کہ فرنٹیئر اور بنگال کا مسلمان سیاسی مصالح کو نہیں جانتا وہ صرف اسلام کو جانتا ہے اور اسی کے نام پر ووٹ دے سکتا ہے۔ کہنے لگے مولانا! میں تو اس بار اعلان کر چکا ہوں اور جب پاکستان میں مسلمانوں کی اکثریت ہو گی تو وہاں اسلامی دستور کے سوا اور کون سا دستور ہو سکتا ہے؟ آپ بخوشی اپنی تقریر و تحریر میں میرے حوالے سے اس کام اعلان کرتے رہیں اور ان کو پورا اطمینان دلائیں کہ میں نے قوم سے کبھی غداری

نہیں کی۔ جو میں نے پہلے بار کہاہے وہ میں آج بھی کہتاہوں'' پاکستان کا نظام حیات اسلامی ہو گا اس کام دستور کتاب دینت کے موافق ہو گا''

(ماخود اسلامی نظام خلافت اور ہماری ذمہ داری) صفحہ 66.

اعتراض

11 سيپٽمبر 1948 ع تي مسٽر جناح صاحب هن دنيا مان رخصت ڪري ويا. ان ڪانپوءِ ارباب اقتدار وارن مقصد پاڪستان ڪان هڪ طرفو منهن ڦيري ڇڏيو اسلامي نظام جي مخالفن سيڪيولر ولاديني نظام حڪومت جي قيام لاءِ چالا ڪيون شروع ڪيون.

10,9 فيبروري 1949ع ۾ ڍاڪا جميته علماءِ اسلام ڪانفرنس ۾ علامه شبير احمد عثماني رحه فرمايو:

'' ہم اس کوشش سے کبھی دست بردار نہیں ہو سکتے مملکت پاکستان میں اسلام کا وہ دستور و آئین اور نظام حکومت تشکیل پذیر ہو، جس کی رو سے اس بات کا مؤثر انتظام کیا جائے مسلم قوم میں اپنی زندگی اسلام کے انفرادی، اجتماعی تقاضوں اور اسلامی تعلیمات کے مطابق جو قرآن وسنت سے ثابت ہو مرتب و منظم کر سکے اور کوئی ایسا قانون، بل اور آرڈیننس جاری یا نافذ نہ ہو سکے جو احکام اسلام کے خلاف ہو۔

(ماخوذ سانحہ لال مسجد صفحہ 20)

ٻئي طرف مخالفين اسلام هي پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏيو. اسلام جو ڪوئي دستور مملڪت ناهي ۽ نه قرآن ۾ دستور جي متعلق ڪوئي لفظ موجود آهي. حڪومت جي ان مطالبي جي جواب ڏيڻ لاءِ 24,23,22,21 جنوري 1951ع ۾ ڪراچي ۾ تمام مسلڪن جي 31 جيد علماء ڪرامن جو اجتماع علامه سيد سليمان ندوي رحه جي صدارت ۾ منعقد ٿيو. ان تي متفق طور تي اسلامي مملڪت جي بنيادي تي مستقل 22 نڪتا پيش ڪيا ويا. مولانا مفتي محمد شفيع رحه ”دستور قرآني“ جي نالي سان 18 دستوري دفعات ڪي قرآن ڪريم مان اجمالاً

پيش ڪري ثابت ڪيو تہ دستور اسلامي قرآن مان ثابت آهي (ترجمو ڪيل (ايضاً)21

جنوري 1955ع ۾ مولانا مفتي محمد شفيع رحہ جي زير قيادت مجلس دستور ساز ميمبران کي انگريزيءَ ۾ هڪ ميمورنڊم پيش ڪيو. جنهن جا اهم نڪتا هي آهن.

”ہمارا دستور قرار دار مقاصد کے مقتضیات کے عین مطابق مرتب کیا جائے علماکرام کے متفقہ 22 نکات کی روشنی میں دستور میں اسلامی دفعات شامل کی جائیں، قانون سازی کے لیے قرآن و سنت کے ماخذ اصلی قرار دیا جائے“

(ماخوذ سانحہ لال مسجد صفہ 21)

پاڪستان قائم ڪرڻ جي مقصد کي هميشہ نظر انداز ڪيو ويو ۽ ان جي جڳهہ تي اسان جي حڪمرانن فرنگي نظام ۽ معاشرن کي مٿي آندو. جڏهن اسلامي نظام نافذ نہ ڪيو اسلامي تهذيب ۽ ثقافت کي رائج نہ ڪيو ويو تہ پوءِ پاڪستان قائم ڪرڻ جو مقصد ڇا هيو؟ مسلمان عوام سان ڪيل وعدن جي اصل حقيقت ڇا هئي؟ انهن مخلص اڪابرن جي انتهائي ڪوشش جي باوجود اسلامي دستور نہ بڻجي سگهيو. بد قسمتيءَ سان اسان جي حڪمران اختيارن جي اڪثريت اولهہ جي طرز اپنائيندڙ مفادپرست ۽ متضاد عنصرن جي مالڪن تي شامل آهي. انهيءَ لاءِ اهي اسلامي اصولن جي احياء کي پاڪستان لاءِ نہ بلڪہ پنهنجي لاءِ موت جي پرواني تي دستخط ڪرڻ جي برابر سمجهن ٿا.

اقتدار، مال، دولت ۽ شهرن جي بکين ڪرپٽ حڪمرانن پنهنجي ڪارن ڪرتوتن سان اهآ فيصلا ڪيا ۽ اهڙيون پاليسيون ٺاهيون. جنهن جي نتيجي ۾ تمام ملڪي ادارا تباهہ ٿي ويا. اهڙا اهڙا واقعا ٿيا جو انسانن جي جسمن جا وار ڪانڊارجي وڃن ۽ پنهنجي پوري ملڪ جي قوم جو مٿو شرم سان جهڪائي ڇڏيو. لال مسجد تي حملو ڪري اسلامي ملڪ ۾ الله جي گهر تي بمباري ڪري مسلمانن جو رت پنهنجي ئي مسلمان ڀاءُ واهيو. الله جي دشمنن ڪافرن جي ٿيڪر ۽ لالچ جي ڪري پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀينرن کي رت

سان رنگي ڇڏيو جيڪي پاڪستان جي مقصد ياد ڏيارڻ جو جرم ڪرڻ تي لال مسجد جي حافظن طالبن قرآني نسخن حديث رسول جي ڪتابن کي بمبن، گولن، جي برسات سان غسل ڏياريو. ذاتي انا پرستي جي ڪري چيف جسٽس افتخار چوڌري کي عهدي تان هٽايو ويو. جنهن پاڪستان جي اهم مسئلن کي حل ڪري ورتو ۽ ڪن مسئلن کي اڃا پورو نہ ڪرڻ ڏنو ويو. اڪابرين علماء ڪرام، ملڪ جي مخلص ۽ سچن امن ۽ امان لاءِ تڙپندڙ شخصيتن جون ايڏيون ساريون قربانيون پاڻي ۾ ٻڏندي ڏسي دل هڪ دم مايوس ٿي پوندي آهي. ۽ دل ۾ اهو خيال ايندو اٿم تہ جتي ايڏين وڏين شخصيتن جو تقريرون، بحث مباحثا انهن اقتدار جي بکين جا ڪن ۽ اکيون نہ کولي سگهيون اتي مون جهڙي اڻوڄھ بيوسي جي ڳالھ جي ڪهڙي اهميت آهي. پر ٻئي طرف علماء ڪرامن جا خيال ۽ دوست ۽ استادن جي ڪيل ڪم جي بابت تحريف ۽ تحسين دل کي همت ڏياري وقت جي ضرورت جو خيال رکي انهيءَ اهڙي ڏکي ڪم کي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

جنهن ۾ سڀ کان اول سان مالڪ قدوس جي ذات جو فضل ۽ ڪرم نہ هجي ها تہ اهو ايڏو سارو ڪم ڪئين ٿي سگهي پيو. ڪڏهن ڪڏهن ننڊ جي حالت ۾ آيتن ۽ حديث پاڪ جو دل ۾ خيال اچڻ اهي سڀ ڳالهيون الله تبارڪ و تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم جو هجڻ سان وجود ۾ آيون ٽئين نمبر تي؛ مان انهن دوستن، احبابن ۽ استادن جو ٿورائتو آهيان علماء ڪرامن جو جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي منهنجي ڪيل ڪم مان غلطيون ڪڍيون ۽ پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪئي، جنهن جو احسان مان نہ ٿو لاهي سگهان الله تبارڪ وتعاليٰ جي دربار ۾ سدائين انهن شخصيتن لاءِ دعاگو رهندس، جن پنهنجي رهبر هجڻ جو حق ادا ڪيو. ۽ مون اڻوڄھ تي شفقت جي نظر ڪئي. ورنہ خيالات جي سمنڊن ۾ پيو غوطا کاوان هان.

ڪنهن وقت ۾ اهو بہ خيال ٿيو تہ ڪير منهنجي ڳالھ کي پسند ڪندو، تنقيد ٻريل تيرن کائڻ جي پوءِ کان ڪتاب لکڻ ڇڏي ڏنو. وري محترم ”حزب الله سومرو“ صاحب جي حوصلا افزائي تي ٻيهر نئي عزم ۽ جذبي سان لکڻ جي ڪوشش ڪيم جيڪا توهان پائرن، دوستن جي هٿن مبارڪن ۾ هي ڪتاب پهتو آهي.

اميد اٿم پنهنجي پالڻهار مان تہ مالڪ سائين منهنجي انهيءَ معمولي ڪاوش کي منظور ۽ مقبول فرمائي ۽ منهنجي لاءِ ۽ پوري امت لاءِ هدايت ۽ رحمت جا دروازا کولي تہ جيئن اسان سنڌي قوم سمجهہ کان ڪم وٺي پنهنجي مستقبل کي اسلامي تعليمات مطابق هلائڻ جي همت ڪري وٺون ۽ پنهنجي رب کي راضي ڪري وٺون.

ڪتاب پڙهندڙن معزز شخصيات کي اپيل ٿي ڪجي تہ پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي حوصلا افزائي فرمائيندا تہ سائين جن جو ٿورائتو رهندس.

فقط والسلام

راقم الحروف

محمد جميل ڦلپوٽو

تمهيد

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدالله رب العالمين العاقبته للمتقين والسلام عليٰ سيد المرسلين وعليٰ اله واصحابه اجمعين.

اما بعد: فاعوذ بالله من الشيطان الرجيم: وقال الله تبارڪ وتعاليٰ في القرآن المجيد والذين يرمون المحصنت ثم لم ياتوا باربعته شُهداءَ فاجلدو ثمنين جلدته ولا تقبلوا لَهُم شَهَادَته ابدا. واولئڪ هم الفسقون (النور 4) وفي المقام الاخر. الخبيثت للخبيثين والخبيثون للخُبيثت والطيبتُ لليطبين والطيبون للطيبت اولئڪ مبرون مما يقولون لهم مغفرته ورزق ڪريم (النور26)

وقال النبي صلي الله عليه وسلم الغيرته من الايمان والريب من النفاق. (حديث نبوي ﷺ)

عن انس قال النبي صلي الله عليه وسلم عن الڪبائر الاشراڪ باالله وعقوق الوالدين، وقتل النفس والشهادت الزور. (بخاري صفه)

اما بعد: بعد حمد و ثنا جي امت مسلمان جي ڪوڙ سارن مسائلن مان ڪجھ اهم ۽ وساريل لا پرواهيءَ جي ور چڙهيل مسئله آهن جي جي باري ۾ گھٽ تعداد ۾ قلم ڪنيو ويو آهي. تنهن ڪري پنهنجي مظلوم قوم ڪي جهالت جي انڌيري مان ڪيڊندي دل انتهائي غمگين حالت ۾ دانهون ڪندي مجبوراً نقلم ڪڻڻ جي جرات ڪئي آهي.

ملڪ ۾ نه ڄاڻ ڪيتريون ئي مظلوم عورتون اغوا ٿينديون رهن ٿيون نه ڄاڻ ڪيترن عورتن ڪي حوس جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ڪنهن انگ اکر ۾ به ڪونهي جنهن سان طرح طرح جا ظلم ۽ زيادتيون ٿي رهيون آهن ڪوئي قانون ڪوئي همدرد، ڪوئي باشعور، انهن مظلومن جو آواز ٻڌڻ وارو ناهي، ڪنهن به عالمن، وڪيلن، ڪالم نگارن، حڪومت جي آفيسرن ڪي ڪائي مظلوم ڏيءَ نظر ڪونه ٿي اچي؟........................

ڏٺو وڃي تہ پاڪستان جي ٻين ڪوڙ سارن مسئلن سان گڏ اڄ ڪلهہ ”حقوق نسواں“ جي نالي تي گهڻا بحث، مڪالا، تقريرون ڪانفرنسون ٿي رهيون آهن. هر ڪوئي عورت جي مظلوميت تي پنهنجي قلم کي حرڪت ڏئي ٿو، روزانو اخبارات ۾ عورتن جي مظلوميت تي خبرون پيون ڇپجن پڙهندڙن ۽ لکهندڙن کي هڪڙي قسم جو موضوع ملي ويو آهي.

1. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي عورتن جو قتل.
2. عورتن تي تهمت لڳائي ”ڪارو ڪاري“ ڪري مارڻ.
3. زميني تڪرار جي ڏنڊ ۾ بہ عورت کي ڏنو وڃي پيو.
4. رڍن ٻڪرين جي قيمت ۾ عورتن کي وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

ظاهر طور تہ انهن مسئلن کي ”جرڳي“ جي صورت ۾ حل ڪيو وڃي ٿو پر اهو نا ڪافي آهي ڇو تہ فيصلي ڪرڻ وارا وڏيرا ۽ جاگيردار، سر پنچ ۽ عقل جا دشمن آهن. انهن کي نہ قانون جي خبر آهي نہ وري شرعي اصولن کان واقف، بلڪل جاهل ۽ ظالم آهن. حقيقت ۾ انهن وڏيرن، جاگيردارن، سرپنچ جي هٽ تي ئي اهي فيصلہ ٿين ٿا.

غيرت جي نالي تي قتل ڪرائي بعد ۾ فيصلو ۽ ”جرگو“ ڪرائي اڌ رقم وڏيرا ۽ جاگيردار پيا کائن نہ حڪومت انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ ڪا حڪمت عملي جوڙي نہ ئي وري صحيح معنيٰ ۾ ان جو اپاءُ ورتو وڃي ٿو. نہ ئي سماجي ڀلائي وارا انهيءَ لاءِ ڪا ”روڪ ٿام“ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن نہ ئي وري اسانجي معزز علماء ڪرام، خطيب حضرات، انهيءَ موضوع کي پنهنجي بيانن ۾ ڪائي اهميت ۽ جڳهہ ڏني آهي ڇا مظلوم نياڻي قيامت جو ڏينهن ڪونہ پڇندي ”باي ذنب قتلت تڪوير“ مون کي ڪهڙي گناهہ جي سزا ۾ قتل ڪيو ويو؟

علماء ڪرام ۽ خطيب حضرات کي مئودبانہ گذارش آهي پنهنجي بيانن ۾ مظلوم قوم جي نياڻي جي قتل تي ڪجهہ روشني ضرور وجهو! سر پئنچ، مقدمن جي ڪاروبار کي ڪجهہ بلاڪ ”Block“ ڏيو مظلوم هاري، مزدور مجبور پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ پورا آهن انهن کي ظالمن جا وات ڦاڙي جيڪي هر وقت انهيءَ سوچ ۾ وينا هوندا آهن تہ ڪڏهن ٿو ڪو غريب ڪنهن کي ”ڪارو“ ڪري ماري،

ڪڏهن ٿو مظلوم بي گناهہ عورت کي پنهنجن ڪوٺن ۾ قيد ڪرڻ جو بهانو ملي. پوءِ چڙهه هنن لاءِ عيد ٿي پئي.

پاڪستاني عورت جو مسئلو سمجهڻ جي ڪير ڪوشش ڇو نہ ٿو ڪري اصل مسئلو اهو آهي جنهن ۾ هوءَ مبتلا آهي اهي حقيقت مشڪلاتون، دردن پريون دانهون، انصاف لاءِ ڪندڙ ڪوڪون ڪير ٻڌي.

پاڪستان جي عورت جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي جو هن جي عزت ۽ ناموس، عفت ۽ عصمت، پاڪدامني جو تحفظ ڪيو وڃي، ان کي حوس ۽ حرص جي چنگل کان نجات ڏياري وڃي، اخبارات ۾ عورتن سان جانورن جهڙو سلوڪ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي قتل ڪرڻ، بي گناهہ الزام لڳائي عورت جو گردن کهي ڇڏڻ، ان کي باهہ ۾ ساڙڻ، ڪائي بہ اخبار کڻي ڏسو ان ۾ عورت سان ناجائزي جي خبر ملندي،

1. اهڙي طرح پاڪستان عورت جو هڪ بنيادي حق آهي تہ انهي کي پنهنجي دين ۽ مذهب جي مطابق زندگي گذارڻ ۾ ڪائي رڪاوٽ پيش نہ اچي.
2. مڙس جي طرفان ان کي دين جي خلاف زندگي گذارڻ تي مجبور نہ ڪرڻ گهرجي مثلاً ڪائي عورت "شرعي پردو" ڪرڻ چاهي ٿي تہ ان کي مجبور نہ ڪجي تہ هو بي پرده گهمڻ ڦرڻ تي دٻاءُ نہ ڪري.
3. الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ هي التجا آهي تہ الله تعاليٰ هن ڪم کي صرف ۽ صرف سچي خلوص ۽ خالص درد جي مرهم ٻڌائي ۽ منهنجي هن ٿوڻي ڪاوش کي پنهنجي بارگاهہ ۾ منظور و مقبول فرماءِ آمين يا رب العلمين.

باب اول

”عورتن سان نازيبا سلوڪ ۽ مختلف قسم جا مظالم“

پاڪستاني عورتن جا ڪيترائي حقيقي مسئلن آهن جيڪي انهيءَ لاءِ موت ۽ حيات جو مسئلو بڻجي ان جي جسم کي ڳاري رهيا آهن جن ۾ ڪيترائي قابل ذڪر آهن جن مان.

1. عورتن جي قرآن سان شادي (نڪاح).
2. ڏي وٺ يا عيوض.
3. رنڙ يعني بيواهن جي نڪاح کي معيوب (عيب سمجهڻ).
4. بار بار طلاق ڏئي عورت کي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ وري موٽائڻ.
5. عورت کي پيءُ ماءُ جي وراثت کان محروم رکڻ ۽ ان جو حق نہ سمجهڻ.
6. عورت کا ناجائز ڪمن لاءِ مجبور ڪرڻ.
7. غربت ۽ لالچ جي ڪري عورتن کي وڪڻڻ.
8. پاڻ کان وڏي عمر واري 80 سال پوڙهي سان نڪاح ڪرائڻ.
9. عورتن کان محنت مزدوريءَ جي ڪم وٺڻ.
10. ”ڪارو ڪاري“ جي الزام ۾ قتل ٿي وڃڻ.
11. ظالم ۽ جاگيردارن جي مٿان اغوان ٿيڻ ۽ بعد ۾ عزت جو لٽجڻ.
12. بي جوڙ شاديون.
13. بي پردگي ۽ بنا مقصد جي هڪ ٻئي جي گهر ۾ اچڻ.

۽ ٻيا کوڙ سارا مسئلن عورتن جي مجبوري ۽ ظلم جي داستان بڻجي سينن ۾ دفن ٿيل آهن. جن جي جيڪڏهن پرچار ڪي تہ کوڙ سارا دفتر ڀرجي ويندا. تن مان سيني کان اهم ۽ ميڊيا ۽ عوام جي زبان تي بحث بڻيل ”ڪارو ڪاري“ آهي.

جنهن جي مغرب وارن کي به ڏاڍي ڳڻتي آهي انهيءَ ۾ به ان جو مقصد آهي ته جنهن ڪا عورت جو موضوع بڻجي ته ان کي ميڊيا تي آڻي پوءِ اسلامي ملڪن ۽ اسلامي احڪامن جي خلاف پنهنجي دل ۾ لڪيل زهر ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا. انهيءَ جو مثال ”مختياران مائي“ ۽ ٻيون ڪوڙ جيڪي اوهان اخبارن ۽ ٽي .وي ۾ پڙهيون ۽ ڏٺيون هونديون.

هڪ اردو اخبار جو تحقيقي ڪالم پڙهيو هيس جنهن ۾ لکيل هيو ”مختياران مائي“ ۽ ”اسامه بن لادن“ تي ڪيترائي ڪروڙ ڊالر مغربي ميڊيا ڪمايا هئا.

سوچ ڪي مٿائڻ جي ضرورت

هر مسلمان کي ڪنهن به معاملي ۾ ڪو به مسئلو پيش اچي ته ان کي گهرجي ته پهريائين اسلامي تعليمات ۽ احڪامن جي معلومات ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن انسان کان ڪو ”گناهه“ ٿي وڃي ٿو ته ڏسجي ته ان جو حل اسلامي احڪامن ۾ آهي يانه. جيڪڏهن اسلامي قانون ۾ آهي ته اهو سڀ کان بهتر آهي ۽ هر مسلمان کي اهو فرض به آهي ته الله تعاليٰ جي ٺاهيل احڪامن تي پنهنجي زندگي جا مسئله حل ڪجن هن ڪائنات کي هلائڻ لاءِ هن ڪائنات جي ٺاهيندڙ (Creator) ان جي هلائڻ لاءِ پنهنجي پتڪيل ٻانهن لاءِ ”قرآن پاڪ“ به نازل فرمايو آهي ته جيئن انهيءَ کي پڙهي ۽ سمجهي ٻانها زندگي گزاري سگهن.

توهان دنيا جو مثال وٺي ڏسو جيڪا ڪمپني جيڪا به مصنوعات (Product) ٺاهيندي آهي ته ان جي هلائڻ لاءِ چند قوانين به مقرر ڪندي آهي ۽ ان لاءِ هو هڪ ڪتاب به ڇاپيندي آهي. جنهن ۾ ان جو طور طريقو (Procedure) سڀ لکيل هوندو آهي. ته ڇا پلا جنهن مالڪ هيءَ هيڏي ساري ڪائنات خلقي آهي انهيءَ جي هلائڻ لاءِ هر دور (زماني) ۾ هدايت لاءِ نبي سڳورا نه موڪليا؟ ان سان گڏ ڪتاب به صحيفا به موڪليا. انسان جي بنايل قانون تي اعتبار آهي پر ڌڻي پاڪ جي ٺاهيل قانون تي اعتبار ڇو ڪونهي؟

اصل وجھ هي آهي تہ اسان انسانن پاڻ بہ اسلامي تعليمات کي ڇڏي ڏنو آهي ڪيترا پيارا اصول ۽ بنيادي ڪم اسلامي تعليم ۾ رکيا آهن. ان تي عمل ڪرڻ سان ڪيترائي فائدا آهن. پنهنجي پياري رسول صلي الله عليہ وسلم جن سان بہ اهي واقعا رونما ٿيا. جنهن پاڪدامن بيوي ڏانهن ياڏي ”جبرائيل امين“ الله پاڪ جا سلام کڻي ايندو هو ان ام المئومنين عائشہ صديقہ رضي الله عنها تي بہ منافقن ”ڪوڙي تهمت“ لڳائي هئي پوءِ رحمتہ للعالمين ڪهڙو فيصلو ڪيو ڇا مسلمانوءِ! توهان کي خبر ڪونهي؟

پوءِ انهيءَ سهڻي سرور جي طريقي کي ڇو وسارجي جنهن ۾ ڪاميابي سڪون نجاب سيئي ڳالهيون ۽ انهيءَ جو بهترين حل بہ موجود آهي.

عورتن جي مختلف قسم جي مظالم جي بحث کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ۾ پنهنجي ذاتي موضوع ”ڪارو“ ڪاري“ جي حقيقت ۽ پرچار جي ڪوشش ڪرڻ چاهيون ٿا.

اسان وٽ مختلف قسم جا عنوان (Subject) آهن.

1. ڪارو ڪاري جي حقيقت.(Reality)
2. ڪارو ڪاري رسم جي شروعات (Starting)
3. ڪارو ڪاري جي جاهلاڻي رسم جو بند (Black)
4. ڪارو ڪاري جو شريعت ۾ حل. (Solution)

ڪارو ڪاريءَ جي حقيقت ڇا آهي؟

ڪارو ڪاري هڪ بي هودا رسم آهي جيڪا انتهائي جاهلانا آهي. غيرت جي نالي تي قتل جي صورت ۾ ڪئي ويجي ٿي. جنهن ۾ نہ شريعت اجازت ڏئي ٿي نہ ئي وري ڪنهن ملڪ (State) ان جي اجازت لاءِ ڪو قانون ناقد ڪيو آهي. بس مرد ۽ عورت تي زنا جي تهمت لڳائي انهن کي قتل ڪيو ويجي ٿو. (1) صرف ۽ صرف شڪ جي بنياد تي. (2) ڪنهن سان ذاتي دشمنيءَ جيڪري دشمن

جو ڪو ماڻھو پنھنجي ذاتي علائقي ۾ ڏٺائون بس پوءِ دير نہ ڪندا پنھنجي زال ۽ ڌيئر کي يا جيجل ماءُ کي رت ۾ رنگيندي انھيءَ جي پاڪدامنيءَ تي الزام ھڻي پوءِ وڏا غيرت جي نالي تي انعام ڪمائيندا. پنھنجي ماءُ، ڌيئر کي بدڪردار ڏيکاري پوءِ بي غيرت "پيسن" ۽ "عيوض" جي صورت ۾ وڏا انعام ڪمائيندا. ڇل نہ ڪنھن عورت ۽ ڪنھن مرد سان ڳالھايو (پوءِ ڀلي ڪٽي گاھہ ڪٽائڻ جي مدد ڇو نہ ھجي) بس ڪاري ڪندي دير نہ ڪندا پوءِ ڀلي حقي ھجي يا ناحقي. پاڻ بي غيرت وڏا ھوندا ھوٽلن تي مُڇُون کي تيل ھڻي نرڙ تي ٽوپي پائي ھنن جي زال ڌيئر، ڌيءَ ماءُ زمين ۾ وتندي گاھہ ڪندي، لابارو ڪندي ڀيجارو پٽيندي جيءَ کي ڳاريندڙ سج جي تپش ۾ اونھاري جي گرمين ۾ گرم پاٽي ۾ ساريون ھڻنديون ھي غيرت جي ڪوٽ جنھن کي گھر جو ڪم پاڻ ڪرڻو ھو.

ٻاھر جي ڪم جي ذمو شريعت ھن جي ذمي ۾ رکيو ھيو گاھہ ڪرڻ. ڪاٺيون ڪٽڻ، لابارو ڪرڻ، رونبو ھڻڻ، جانور چارڻ مردن جو ڪم آھي نہ ڪي عورتن جو. عورتن کي بي لگام گھوڙين وانگر ڇڏي ڏيندا تہ نتيجو اھو ئي نڪرندو توھان ڀين جي عورتن جي پٺيان پوندا ۽ توھان جونعورتون وري ڀين مردن پٺيان پونديون.

"ڪارو ڪاري جا ٻيا بہ ڪيترائي قسمن جي بھانا ڳولي عورتن کي قتل ڪيو وڃي ٿو. مثلاً (1) زميني تڪرار جي ڏنڊ ۾ بہ عورت کي قتل ڪيو وڃي ٿو. (2) رڍن ۽ ٻڪرين جي قيمت بہ گھٽي ھوندي پر معصوم ناري انھيءَ قيمت ۾ بہ نہ ٿي ڏني وڃي. (3) رنگ ۽ نسل جي ڪري بہ قتل ڪيو وڃن ٿيون پنھنجي زال جيڪڏھن ڪاري ھوندي تہ ٻئي جي نياڻين ۽ ڌيئرن ۾ اکيون ھوندن پوءِ وڏا بھانا ۽ پلاننگيون (Plannings) ڪندا رھندا. ڪيئن پنھنجي زال ڌيئر. ڌيءَ ماري ڪري عيوض ۾ سڱ بہ وٺان ۽ ڏنڊ بہ وٺان ڇو تہ قانون. پوليس تہ پاڪستان ۾ جڻ آھي ئي ڪونہ جيڪو "ڏاڍو سو گابو" وارو قانون آھي. ڪنھن وڏيري جو پاسو ۽ ڪيسو گرم ڪبو ۽ پوليس واري کي رشوت کارائبي پوءِ فيصلي ۾ وڏيري، سرپنچ ۽ قتل جو پلان ناھيل ڪامياب ويندو.

ناحق جي نياڻي به وينديون ۽ پئسا به وينديا غيرت جي نالي تي قتل ڪرائي بعد ۾ فيصلو ۽"جرگي" ڪرائي اڌ رقم وڏيرا ۽ جاگيردار پيا کائن نه حڪومت انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ ڪا حڪمت عملي ڪونه جوڙي نه ئي سماجي پلائي وارا انهيءَ لاءِ ڪا صحيح "روڪ ٿام" ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. جيڪڏهن حڪومت انهيءَ مسئلي لاءِ سنجيده ٿئي ته گهڻو ڪجهه فائدو ٿيندو ۽ انهيءَ جو حق ۽ فرض به آهي ته انهيءَ جو جلد از جلد ڪو ممڪن ۽ مناسب حل نڪري پئي ته جيئن قوم، ملڪ سڪون جو ساهه کڻن جهڙو آزاد ماحول پيدا ٿئي پوي. جنهن ۾ حڪومت جي به ڪاميابي آهي ورنه هڪڙي حڪومت ۾ ٻئي حڪومت وڏيرن ۽ سرپنچ جي ناهيل آهي.

ڪائنات ۾ اول قتل جو سبب عورت هئي

انسان جي فطرت ۾ ڪجهه اهڙيون عادتون ۽ اهيون ڳالهيون موروثي طور تي منتقل ٿينديون آهن. اهڙي طرح ڪجهه بيماريون به موروثي ٿينديون جيئن شوگر، نظر جي ڪمزوري، طبيعت جو تضاد،ڪي گرم مزاج ته ڪي سرد مزاج.

هن انساني نسل جي اول شخص حضرت آدم عليه السلام کي جڏهن الله پاڪ ناهيو ته روح وجهڻ کان بعد ۾ جلدي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي جنت ۾ اڪيلي رهڻ کان پوءِ الله تعاليٰ انهيءَ جي پاسيري مان ڏاڏي حوا رضي الله تعاليٰ عنها کي ناهيو. ان کي ڏسي جلدي ان ڏانهن هٿ وڌائيائين انهيءَ ڪري ان جي اولاد يعني انسان جسم رکندڙ ۾ جلدبازي واري عادت منتقل ٿيل آهي.

اهڙي طرح انهيءَ جي اولاد ۾ هابيل ۽ قابيل جو عورت جي ڪري جهيڙو ڪرڻ ۽ بعد ۾ انهن مان هڪڙي ڀاءُ ٻئي ڀاءُ کي قتل ڪري ڇڏيو.

انهيءَ جو سبب آهي ته اڄ تائين دنيا ۾ جيڪي جنگيون خون ريزيون ٿيون آهن تن مان سڄي طرح يا اڌ سڌي طرح ان جو تعلق عورت سان ضرور ملندڙ جلندڙ آهي.

اهڙي طرح انسان جي فطرت ۾ رکيل آهي تہ هڪ انسان عورت ڏي لاڙو رکندڙ هوندو ۽ پيو انسان انهيءَ عورت جو پاءُ، پيءُ هوندو اهو شخص چاهيندو تہ مان عورت کي جائز ناجائز طريقي سان حاصل ڪيان ۽ ٻئي شخص لاءِ عزت ۽ غيرت جو مسئلو ٿي پوندو اهو ائين ڪرڻ نہ ڏيندو پوءِ ٻن شخصن جي ڇڪتان جو سبب خون ريزي، جگهڙا، فساد، بدامني ٿي پوندي.

اهڙي طرح هابيل قابيل انساني نسل جي شروعات آهي انهن ۾ جيڪي ڳالهيون هيون اهي بعد ۾ انسانن جي طبيعت قبول ڪيون يا ڪٽي ڇئجي منتقل ٿيون ۽ ايسيتائين جگهڙا فساد پيا هلندا جيسيتائين انهيءَ جو ڪو مناسب حل نہ ڳوليو وڃي.

اسان آخري نبيءَ ﷺ جي آخري امت آهيون اسان لاءِ اول امتين جيڪي غلطيون ڪيون ۽ جيڪي سنا عمل ڪيا اهي اسان لاءِ سبق آهن. الله تعاليٰ بہ قرآن پاڪ ۾ جيڪي گذريل امتن جو ذڪر ڪيو آهي تہ ان جي اول ۽ آخر ۾ چيل آهي تہ هي نصيحت آهي "سمجھ وارن لاءِ" يا اولي الالباب جا لفظ قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جڳهين تي آيل آهن.

حضور عليہ السلام جن جي مبارڪ تعليم ۽ تربيت اسان لاءِ هدايت اصلاح. بقاءِ جي ضامن آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ انهي تعليم جي روشني ۾ ڪي اهڙا اپاءُ ونڻ گهرجن جن سان سماجي برايون جلد از جلد ختم ٿي ان جون پاڙون پٽجي وڃن ۽ هڪ اهڙو صاف سٿرو ماحول پيدا ٿي جنهن ۾ هر هڪ سک ۽ آرام جو ساھ کٽي.

ڪارو ڪاري رسم ۽ باھ مان گذرڻ هندن جي رسم

"قديم سنڌ" ۾ پيرو مل لکي ٿو تہ" جيڪڏهن ڪنهن ڏوھ لاءِ (رگ ويندن) (هندن جي ذات جو قسم راقم الحروف) کي پوري ثابتي نہ ملندي هئي يا ڏوهي کي شڪ جو فائدو ڏيندا هئا. پر متان فريادي جي دل ۾ ڪو ڏک رهجي وڃي. ائين سمجهي تہ مون سان نياءُ نہ ٿيو. تنهن ڪري تهمتي جي هڪ نہ ٻئي طرح پريکيا لهندا هئا.

1. تهمتي کي اڪثر باهه جي ٻرندڙ مچ مان لنگهڻ لاءِ چوندا هئا. جيڪڏهن باهه مان گذري (لهنگهندي) جلي ويندو هو ته سمجهندا هئا ته پنهنجو ”ڪيتو“ لوڙيائين. پر جيڪڏهن سلامتي سان مچ مان لنگهي پيار پوندو هو ته پوءِ جي ڏوهي سمجهيو ويندو. جنهن زال ۾ شڪ هوندو هو تنهنجي به پريکيا ائين لهندا هئا.

(قديم سنڌ ڀيرو مل صفه 377)

ڏوهه ۽ سزائون

ائين نه سمجهڻ گهرجي ته رگ ويدن واري زماني ۾ ماڻهو گناهه جا ڪم ڪندا ئي ڪو نه هئا. انساني سياءُ جهڙو اڄ آهي تهڙو اڄ کان اڳ به هو تنهن ڪري ماڻهون قسمين قسمين ڏوهه ۽ گناهه ڪندا هئا. ڪي لفنگا پراين ڇاين کي تڪيندا هئا ۽ ڪي جوان ڇوڪريون ۽ زالون ڇنبي ۾ اڇي ويندیون هيون.

پراي استريءَ (زال) سان سنجوڳ (زنا) ڪرڻ ڳرو گناهه لکبو هو. جيئن اڄ ڪلهه ”ڪارو ۽ ڪاري“ کي بروقت قتل ڪرڻ واجب سمجهن ٿا تئين اڳي به هو ۽ اهڙي خون ڪرڻ لاءِ ڪا به سزا ڪانه ملندي هئي ۽ ٻين حالتن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهون ڪنهن جو خون ڪندو هو. خون ٿيل ماڻهو جا مائٽ خوني جي ڀنيان ڊوڙيندا هئا. اُتي پڪڙي اُتي ماريندا هئا. وقتي ائين به ٿيندو هو ڪو خون ڪري ڀڄي ويندو هو .... راجائو راضا نامو ڪرائي فوتي جي مائٽن کي خون جي عيوض ڳابيون ۽ ڏاند ڏنا ويندا هئا.

(قديم سنڌ ڀيرو مل صفه 375)

جنگين لاءِ سبب

رگ ويدن زماني ۾ ڪي جنگيون ڇتا ڀيٽيون خاص هن سبب جي ڪري لڳنديون هيون ته ڏاڙيل جيڪو مال ڪاهي ويا هجن سو ڪانئن موٽي هٿ ڪجي يا دشمن جو چوپايو مال بلڪ سندن زالون هٿ ڪجن (2) وقتي پوڪ جي پاڻي تان تڪرار ٿيندا هئا.

(قديم سنڌ ڀيرو مل صفحه 375)

پاڪستان جا فڪر مند سنڌيو! مذڪوره حوالن مان اهو ثابت ٿيو ته "ڪارو ڪاري" جهڙي رسم هندن جي ويدڪ (ويندن) جي آهي. هندن ۽ مسلمانن جو مذهب الڳ آهي. انهن جي ,مذهبي ريتون رسمون الڳ آهن مسلمانن جون ريتون رسمون الڳ آهن جنهن مقصد لاءِ اسان کي ممبئي کان الڳ ٿيڻو پيو جنهن جي ڪري سنڌ ٽٽيءَ ته اڄ تائين ٽٽي ٽٽي وڃي بچي آهي. جيڪا به قبائلي جڳهڙن ۾ باهه ۾ پئي ٻري. ڪٿي ٻري، ٻري سنڌ صفا ختم نه ٿي وڃي.

ڪٿي سزائن جي وڪڙ ۾ اچي سنڌي نسل تباهه ڪرڻ جا منصوبا ته نه ٿا ڪيا وڃن. جو قبائلي تڪرار، غلط ريتون رسمون پاڙي لاءِ ترسندڙ ماروئڙا اڄ به تڙپي تڙپي مري نه وڃن هر هڪ شخص پنهنجي طور تي پنهنجي طاقت آهر آزار ڪوشش ڪري سنڌو ديش جي بچاءُ لاءِ جيڪا ولين جي ڏرتي لاءِ آهي.

بي جوڙ شاديون تڪرار جو سبب بڻجن ٿيون

شادي هڪ اهڙي زندگيءَ جي حقيقت آهي جنهن ۾ انسان جي زندگيءَ جون حسرتون، آسائشون، بي چينيون، مسڪراهٽون ۽ ڪٿيون منيون رنجشون محبت ۽ نفرت جي ميلاپ ۽ جدائن جون راتيون ۽ ڏينهڙا مهينا سال پيا گذرن ٿا.

شادي شده جوڙي جي زندگي ٻن مرحلن مان گذرندي آهي ڪڏهن خوشيءَ ۾ ڪڏهن غميءَ ۾ پئي گذرندي آهي.

جيڪڏهن پرٽيل جوڙو هڪ عمر هڪ سوچ ۽ هڪ فڪر رکندڙ آهي ته اهي هميشه خوشين جي ياڪرن ۾ هوندا پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن الڳ سوچ ۽ فڪر رکندڙ هوندا ته زندگيءَ جي گاڏي هميشه لوڏن ۾ هوندي پوءِ ڪڏهن تڪرار ته ڪڏهن بي قرار اهي زندگيءَ جون خوشيون غمگين ۾ تبديل ٿيندي دير ڪونه ٿي لڳي. پوءِ ڳالهيون جدائي، طلاق مارڻ ڪٽڻ تي ٿيون پهچن ڳالهه وڏي وڏي خوني تڪرار، قبائلي جڳهڙن تي وڃي پهچي ٿي.

اهڙن فسادن جو فائدو جنهن کي پهچي ٿو اهي انهيءَ کي وڏائي انسانن جي خون ريزي تائين پهچائين ٿا.

فسادن جهيڙن جو فائدو گهڻو ڪري وڏيرن سرپڻچن کي پهچي ٿو. ڇو ته آخر ۾ انسان جي اڻ کٽندڙ جنگ بي مقصد قبائلي تڪرارن جو فيصلو انهن کي ڪرڻو هوندو آهي. انساني جانين جي قيمت مقرر ڪرڻ وارا، عيوض چٽي، ڀرائڻ وارا، ناحقن کي پوليس ۾ ڀڏرائڻ وارا، نياڻين کي ڪوٺن ۾ بند ڪري رکڻ وارا اهي مقدمي وڏيرا هوندا آهن.

رشتي ڪرڻ وقت

انهن سڀني مصيبتن کان بچڻ جو واحد حل وقت تي صحيح فيصلو ڪرڻ. جيڪڏهن وقت تي صحيح ۽ مناسب رشتو نه ڪيو ويو ته ان جو نتيجو بهتر ڪونه ايندو. رشتي ڪرڻ وقت ديندار گهراڻو. ديندار گهوٽ ۽ ڪنوار جو خيال رکي پوءِ نڪاح جو فيصلو ڪيو وڃي. عمر ۽ خاندان، سوچ فڪر ماحول جو اثر انسان جي گهڻين ڳالهين تي اثر انداز ٿئي ٿو.

والدين جا نافرمان (پريمي جوڙا)

والدين جا نا فرمان جنهن پيءُ ماءُ پنهنجي اولاد کي ڏکن غمن ۾ پاليو، جنهن ماءُ سردين گرمين جي راتين ۾ اوجاڳا ڪري ننڊون ڦٽائي پنهنجي ننڍڙي اولاد تي شفقت ڀرين دعائن سان کير پياريا، معصومي حالت ۾ ان جا ناز نخرا سنا تنهن جيجل ماءُ جي لوري جيءَ کي وڻندي وئي. الله الله ڪندي ٻچڙي لاءِ دعائون گهرندي رب کي پڪاريندي ڪڏهن ننڊ وٺي وڃي ٿي. ٻالڪپڻ ۾ ٻار ڪيئن پل (گهڙيءَ) رسي ٿو، وري گهڙيءَ ۾ راضي ٿئي ٿو. جواني ۾ اها عادت ڇو وساري ويهي ٿو؟ ڇو هڪ انجان تعلق خاطر والدين جي عزت کي نيلام ڪرڻ تي راضي ٿئي ٿو؟

جنهن ماءُ، پيءُ انهيءَ جي جواني جا خواب پنهنجي دلين ۾ سمايا هوندا ڇو انهن کي ڪنهن غير جي خاطر ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏڻ کان به نه ٿي ڪيٻائي؟

ڇا انهن ظالم ”پريمي جوڙن“ کي انهيءَ وقت والدين جو نصيحتون ياد ڪونه ٿيون اچن جنهن وقت مفاد پرستن عاشق انهن نياڻين کي سماج جا طعنا، ٺوڪون، سهڻ ۽ ٻڏڻ لاءِ اڪيلا ڇڏي ڏين ٿا؟ صرف هڪ ڪلاڪ سوچي ڏسو ڪنهن به مستقبل جي فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ ته ڇا حالت ڪيفيت هوندي انهيءَ والدين جي جنهن جي نياڻي پنهنجي عاشق سان گهر کان ڀڄي نڪتي آهي. ان وقت انهيءَ پيءُ جي دل چاهيندي ته جيڪري زمين ڦاٽي پوي ۽ مان ان زمين جي پيٽ ۾ هليو وڃان ته جئين زماني وارن جا زهر ڀريا تعنا کائڻ کان بچي وڃان.

انهيءَ بد نصيب ڇوڪريءَ کان پڇي ڏسو جنهن کي انهيءَ جو مطلبي پريمي ڇڏي ويو هجي. جنهن ڪنهن اجنبيءَ خاطر پنهنجي جوان جوانيءَ جي قرباني ڏني هجي. هاڻي افسوس جي زندگي گذرندي هجي.

پريمي لاءِ گهر ڇڏيم پر هن مون کي ڪال گرل بڻائي ڇڏيو.

(زويا ڊنيڙ –ڪاوش 16 سيپٽمبر 2008)

معاشري ۽ والدين جا باغي اولاد بڻجڻ جو سبب:

ڪنهن به سوچ ۽ تهذيب جي تبديل ٿيڻ ۾ ماحول ۽ مطالعي جو گهڻو اثر ٿئي ٿو. اڄ ڪلهه جديد دور آهي معلومات گهڻن طريقن سان ملي سگهي ٿي. اليڪٽرانڪ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، جو گهڻو دخل آهي. جتي انسانن جا خيالات، تهذيب، رهڻي ڪهڻي ۾ گهڻي تعداد ۾ فرق اچي وڃي ٿو. فلمي ماحول، آزادي، خيالات جي گندي سوچ رکندڙ دوستن، يورپين ملڪن جي ڪلچر کان متاثر شخصن جي سوچ گڏيل محفلن جو عام ٿيڻ. تهذيبن جو ٽڪراءُ. اُهي سيئي سبب آهن اولاد کي والدين جا باغي بڻجڻ تي مجبور ڪندڙ. حقيقت ۾ ڏسجي ته جتي ٻار کي پيدا ٿيڻ سان ئي الله جي منڙي لولي جيجل ماءُ جي زبان مان نڪرندڙ ملي ٿي اٿڻ سان ئي ٻار جي پرورش اسلامي طور طريقن تي ٿيڻ لڳي ٿي. کائڻ پيئڻ، لباس ۽ اخلاق ۽ والدين جو ادب، احترام جو درس شروع کان ئي هڪ مسلمان ٻار کي ملي ٿو. ته پوءِ اهو جوان ٿي والدين جو باغي ڪئين بڻجي ٿو؟ پنهنجي جاءِ تي هي هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو.

انهيءَ جو جواب اهو آهي ته جنهن ملڪ جي تعليم، نظام، ميڊيا، سياستدان، حڪمران سيئي غير مسلمن جي تهذيب، تعليم، ثقافت جي تعريف ڪندڙ هجن ۽ انهيءَ کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ هجن جن حڪمرانن کي اسلامي سوچ، اسلامي نظام پراڻو ۽ فرسوده سمجهه ۾ اچي، جتان جا مسلمان پنهنجي نياڻين کي ڪچا پارائي روڊن تي ڏڪ پيجائڻ چاهن. جيڪي غيرت مند مسلمان انهيءَ ڪڌي ڪم جي مخالفت ڪن انهن لاءِ چون ٿا، اهي ترقي ۾ رڪاوٽ آهن ۽ ٿي. وي تي اعلان ڪن ته ”جنهن کي ڳالهه نه وڻي ته اهي منهن پري ڪن“ اسان پنهنجو منهن ڪارو ڪري پنهنجي غير مسلمن جي دل خوش ڪنداسين پلي الله ۽ الله جو رسول ناراض ٿئي. جتان جا حڪمران اسلام جا باغي هوندا ته اتان جا ماڻهون به ظاهر آهي اسلام جي باغي ٿيندا. الله تبارڪ و تعالىٰ شل سيني کي هدايت ڏي.

(آمين ثم آمين)

غلط رسمن کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ

هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي طاقت آهر جيڪي به سماج جون برايون آهن انهن کي روڪڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري اهو ملڪ جو حڪمران هجي. عوام هجي، عالم، محدث، خطيب، مفتي، مدرس، وڪيل دانشور، سماجي ورڪر انسانن جي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون، تحريڪون، انفرادي طور تي يا اجتماعي طريقي سان ختم ڪري هر هڪ اهي جاهلن واريون ڪڌيون رسمون ختم ڪرڻ جا طريقا بنائي ته جيئن اسانجي نسلن جي بقاءَ ترقي ٿئي. دشمن سماج، دشمن قوم جي ٽيڪر تي پنهنجي نسلن تي قتل عام ٿيڻ کان بچائي هڪ طرف پنهنجو فرض نڀايون ٻئي طرف پنهنجي نسل جي بقا جي جنگ لڙي پنهنجو نسل بچايون منهنجي اها درخواست سماجي جي انهيءَ هر فرد کي آهي. جيڪو ڪنهن نه ڪنهن واسطي سان ملڪ جي عوام جي سڌاري جا ذميوار آهن. حڪومتي ادارا دين جو درد رکندڙ علماء ڪرام، مفتيان عظام، جج صاحبان، مخلص قوم، وڏيرا، سر پنچ، مطلب ته جيڪي قومن جا فيصله ڪندڙ اهن انهن

سيني کي خدا جي واسطي هي دردمندانا درخواست ٿو ڪيان تہ ڪنهن بہ مظلوم جي فرياد ٻڌي انهيءَ کي انهيءَ جو حق وٺي ڏيڻ توهان جو ڪم آهي ڇو تہ حديث ۾ ايندو آهي. ” توهان ۾ هر هڪ نگهبان آهي هر هڪ کان سندس انهن جي رعيت جي باري ۾ پڇا ٿيندي“. (صحيحين)

جيڪي عالم ۽ خطيب آهن اهي پنهنجن واعظن، تقريرن، ۾ انهيءَ ڪڏي رسم کي ختم ڪڻ بابت عوام کي آگاهہ ڪن ۽ انهن جا نقصانات بيان ڪن جيڪڏهن عوام ڳالهہ سمجهي ۽ پنهنجا عمل سڌاريا تہ پوءِ وڏيرن جي درتي ڏڪا کائڻ جي نوبت نہ ايندي شل الله تعاليٰ امت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي دين جي سمجهہ ۽ هدايت نصيب فرمائي.

(آمين ثم آمين)

باب پهريون
”اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾“
(واقعي کي سمجهڻ لاءِ حقيقت کي ڄاڻڻ ضروري آهي)

ڏٺو وڃي ته اسان مسلمان آهيون ۽ اسان کي اهو يقين هئڻ گهرجي ته هر مسئلي جو حل شريعت ۾ ضرور هوندو ان قرآن ۾ ڪا حڪمت هوندي جنهن کي الله تعاليٰ انسان جي ڀلائي لاءِ نازل ڪيو آهي.

ان ۾ ٿورو غور ڪرڻ واري ڳالهه آهي. ڪوئي شخص توهانجي ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ زال تي الزام هڻي ٿو. توهان ان جي حقيقت ڪو نه ٿا ڪيو ۽ سوچو به ڪو نه ٿا ته هن جي ڳالهه ۾ سچائي آهي يا اسانجي پاڪدامن عورتن تي الزام هڻي ٿو؟ سوچڻ گهرجي. هو منهنجي ماءُ، ڀيڻ تي تهمت لڳائي ٿو ۽ مان ان تي يقين ٿو ڪيان!

قران پاڪ ۾ ارشاد آهي ته:

”والذين يرمون المحصنت.....الخ (النور4)

ترجمو: ”۽ اهي شخص جيڪي پاڪدامن عورتن تي زنا جو الزام لڳائن انهن کي گهرجي ته اهي شاهد آڻن جيڪڏهن اهي شاهد آڻن جيڪڏهن اهي شاهد نه ٿا آڻن ته اهي فاسق ۽ گنهگار آهن. جو ته پاڪدامن عورتن تي زنا جي تهمت لڳائن ٿا“.

حديث ۾ ايندو آهي ته ابي هريره رضه فرمايو. فرمايو سعد بن عباده جيڪڏهن پنهنجي گهر واريءَ سان ڪوئي مرد ڏسان ته ان مرد کي ڪجهه نه ڪريان تانته آڻيان چار شاهد حضور عليه السلام جن فرمايو ها. چيو (سعد) قسم آهي ان ذات جو جنهن وهان کي حق سان موڪليو تحقيق مان هوندس ترار سان اڳرائي ڪندڙ انهن (شاهدن) کان اڳ ۾ حضور عليه السلام جن فرمايو. ٻڌو جيڪا ڳالهه توهانجو اڳوڻ چئي ٿو ”تحقيق اهو غيرت مند آهي ۽ مان وڌيڪ غيرتي آهيان انهيءَ کان ۽ الله مون کان وڌيڪ غيرتي آهي.“

(مِشڪوات)

مزڪوره حديث مان اهو سبق ملي ٿو تہ الله تعاليٰ جي يا ناهيل قاعدن قانونن جو خيال رکڻ ضروري آهي الله تعاليٰ کي ٻانها سڀئي ئي پيارا آهن انهيءَ لاءِ ڪجهہ قانون ۽ ضابطا مقرر فرمايا اٿس. ورنہ ائين انسان غيرت جي نالي خاطر هڪ ٻئي جو خون وهائڻ جائز سمجهن ٿا.

اڄوڪي دور جا "لالچي غيرتي" بہ تہ پنهنجي نياڻي کي بي گناهہ قتل ڪن ٿا. انهن مظلوم نياڻين جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ذڪر ٿيل آهي.

واذا المؤدة سُلت ٥ باي ذنب قُتِلتَ. (تڪوير 9)

ترجمو" ۽ جڏهن جيئري پوريل ڌيءَ کان پڇا ٿيندي، تہ ڪهڙي ڏوهہ ۾ ماري وئي".

قيامت جي ڏينهن اهي نياڻيون قبرن مان اٿي الله پاڪ جي دربار ۾ جيڪڏهن فرياد ڪن تہ اسان کي ڪهڙي گناهہ جي عيوض قتل ڪيو ويو هو؟ تہ ڇا جواب ڏيندا؟ ٻئي جي ٿيڪر تي پنهنجو گهر ويران ڪندڙو! پوءِ ڪهڙو فرق آهي توهان ۾ ان دور جا جاهل عربن ۾ جيڪي پنهنجون نياڻيون زنده قبرن ۾ دفن ڪندا هئا.

ڳالهہ جي حقيقت قرآني قانون مان سمجهو

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

”ياآيهاالذين امنوا ان جاءَ ڪم فاسق بنبا فتبينوا ان تصيبوا............ ما فعلتم ندمين (الحجرات 6) .

ترجمو: ”اي ايمان وارو جيڪڏهن اٽي توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر پوي جاچ ڪريو متان تڪليف ڏيو ڪن ماڻهن کي اڻ ڄاڻائيءَ سان پوءِ ٿي پئو پنهنجي ڪئي تي پيشيمان“.

ڏٺو وڃي تہ ڪيترا نہ واضع لفظن ۾ انسان جي ڀلائي لاءِ الله پاڪ زرين اصول مرتب ڪيا آهن. فرمايو ويو آهي. اي ايمان وارو جڏهن توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر کڻي اچي تہ ٿورو سوچ ۽ فڪر ڪريو“ جيڪڏهن جلديءَ ۾ توهان ڪو غلط قدم کڻي وجهو ۽ ڪنهن ماڻهو کي ڪا تڪليف ڏئي وجهو ۽ پوءِ توهان کي خبر پوي تہ يار مان تہ جلدي ڪئي حقيقت ۾ تہ اها ڳالهہ هئي ڪونہ ٻئي جي ٽيڪر تي پنهنجي ”وني کي قتل نہ ڪيو“ ۽ پنهنجو چين، سڪون نہ برباد ڪبو آهي. بلڪ ٿورو سوچي سمجهي پوءِ ڪو قدم کڻبو آهي.

قرآن پاڪ ۾ ”محصنٰت“ جو لفظ آيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”پاڪدامن“ ڏسو! توهان پنهنجي ماءُ، ڀيڻ کي (جيڪي حقيقت ۾ پاڪدامن آهن) ٻئي جي چوڻ ي قتل ڪري ڇڏيو ٿا. ڇا ڀلا حقيقت ۾ اها توهان پاڻ کي گار نہ ڪونہ ٿا ڏيو؟

توهان جي نياڻي پاڪدامن توهان پاڻ انهيءَ کي ”بدڪردار“ جو داغ هڻو ٿا. اهو ڪهڙي عقل جو انصاف آهي؟

اسان مجون ٿا موجوده معاشرو جنهن طرف وڃي رهيو آهي ۽ ان ۾ جنهن حد تائين فحاشي، عرياني، پکڙيل آهي. اتي اهي حقيقتون ضرور منظر عام اينديون هونديون پر هر معاملي ۾ مسلمانن کي اسلام جو دامن نہ ڇڏڻ گهرجي. ڇا ڀلا ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي پاڪ گهر واريءَ امت جو نصف علم جنهن وٽ محفوظ، جنهن کي رب پاڪ جبرائيل امين جي ذريعي سلام موڪلي اهڙي گهر واري تہ بہ منافقن الزام تراشي ڪئي. پوءِ

ڇا نبي پاڪ رحمت للعٰلمين پنهنجي گهر واري کي کهاڻين سان ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو؟ نہ مسلمانوءَ بلڪہ توهان امت لاءِ هڪ اهرو سبق ڏئي ويا جيڪو انسانيت جي بقا ۽ نجات جو ذريعو آهي. وقتي طور تي پاڻ سڳورا بہ پريشان ٿي ويا هئا پر الله جي فيصلي جو انتظار ڪندا رهيا.

ڪوئي بہ معاشرو، مذهب، تعليم ان جي اجازت نہ ٿو ڏئي تہ توهان پنهنجي مرضيءَ حقيقت ڄاڻڻ ڪانسواءِ قتل ڪريو.

الله تعاليٰ هن جهان کي هلائڻ لاءِ قرآني قانون تجويز فرمايو ۽ ٻڌايو ويو تہ توهان جي بقا ۽ ڀلائيءَ جو راز هن ۾ رکيل آهي توهان انهيءَ جي ذريعي فلاح، ترقي، حاصل ڪري سگهون ٿا ورنہ! هيءَ دنيا جنگل بڻجي ويندي، جانورن وانگر هر ڪوئي ٻئي کي قتل ڪندو. جاتي ڪوئي اهڙو ماحول نہ رهيو اتي انساني زندگيءَ جو ”ويليو“ (اهميت) ئي نہ رهندي آهي جيئن ڪوئي جانور مري ويو.

اهڙن مسئلن تي نہ حڪومت زور ڏئي ٿي نہ معاشري ۾ ڪوئي ان تي آواز اٿاري ٿو جيئن ڪوئي جنگل جو قانون هجي. انسانن جي بجاءِ جانور رهندا هجن.

اسان ۽ توهان روز مره ۾ عورتن جي قتل، عصمت دري ۽ ٻيون ناجائزين جون خبرون پڙهي گذري ويندا آهيون. ڪوئي احساس ئي نہ ٿيندو آهي. انهيءَ تي ڪا سرد آهي (ٿڌو ساهہ) ڀري خاموش ٿي ويندا آهيون. پر ڪڏهن توهان انهيءَ تي غور ڪيو آهي جرائم جي شرح جي وڌندڙ رفتار جي اصل وجہ ڇا آهي؟ جهالت، بيروزگاري، بدامني، مهنگائي، وغيره انهن سمورن مسئلن جو ذميوار ڪير؟ واضح ڳالهہ آهي حڪومت ڪنهن داناءُ ماڻهو جو ذميوار قول آهي تہ ”واندي ماڻهو جو دماغ شيطان جو گهر جو گهر آهي“ جيڪڏهن بيروزگار هوندو تہ وينو دماغ ۾ شيطاني خيال ٿاهيندو.

تنهنڪري پهريائين انهيءَ واندي ماڻهو جي بيروزگاري ختم ڪجي مختلف قسم جي روزگار اسڪيم هلائي بيروزگارن کي روزگار سان لڳائي انهن جو مستقبل بڻائجي.

اسانجي سماجي زندگي هميشہ ان ئي بداخلاقين جو شڪار رهي آهي. ڇا انهيءَ لعنت کان ڇٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ڪا صورت آهي؟؟؟

دانشورن جا رايا

دنيا جي دانشورن انهيءَ مسئلي تي پنهنجون سرگرميون توانيائون، صرف (کپائي) ڇڏيون. (1) ڪوئي چوي ٿو تہ انهن جرائم جي وجہ فقر، افلاس آهي. (2) ڪنهن جو خيال آهي نظم ۽ ضبط جو فقدان آهي. (3) ڪنهن جو خيال آهي اهو سڀ ڪجهہ حڪومت جي طرف کان ڍر آهي. (4) ڪنهن وٽ ان صورتحال جي زميداري نا خواندگي ۽ جهالت تي عائد اچي ٿي.

مطلب تہ جيتري تعداد ۾ منهن، (وات) اوتريون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. هي الجهيل (وڪوڙيل) رسيءَ جو منڍ ڪنهن کي بہ نہ ٿو هٿ اچي.

جيڪڏهن جرائم جو سبب فقر، فاقہ، جهالت، بدنظمي آهي تہ آمريڪا جهڙي ملڪن ۾ جرائم جو هجڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو. جاتي چنڊ تي پهچڻ ۽ سائنس انساني ڪاميابي جون سرحدون پار ڪري چڪي آهي.

آمريڪا ۾ بدامنيءَ جي مطابق رپورٽ

اسانجي پوري ملڪ پاڪستان ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو ناگزير مسئلو درپيش اچي ٿو تہ آمريڪا جا وزير، مشير پنهنجا واهيات خيال، سوچ ڪٽي پاڪستان جي جاهل حڪمرانن کي اچي مشوري ۽ دابي طور حل ٻڌائين ٿا. انهن جي پنهنجي ملڪن ۾ جرائم جي شرح ڇا آهي هن رپورٽ مان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

رپورٽ:

هڪ رپورٽ جي مطابق آمريڪا ۾ 39 سيڪنڊ ۾ ضرور ڪوئي هڪ جرم سرزد ٿيندو آهي. هر 81 سيڪنڊ ۾ هڪ هڪ زبردست ڌاڙو لڳندو آهي. هر 81 سيڪنڊ ۾ هڪ آمريڪيءَ تي "جنسي حملو" ڪيو ويندو آهي.

گذشتہ سالن ۾ آمريڪا ۾ بہ تشدد حملہ ٿيا.مثلاً زنا بالجبر، ڌاڪو وغيره يارهن 11 فيصد واضع اعداد (انگ) جي مطابق گذشتہ سالن ۾ 1763 ماڻهو

قتل ٿيا ۽ گذريل پنجن سالن ۾ قتل جي وارداتن ۾ 61 فيصد اضافو ٿيو ان سال زنا باجبر جو 42 هزار وارداتون ٿيون“.

جڏهن آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ امن جي اهڙي حالت آهي ته پوءِ پاڪستان جيڪو آمريڪا کي آئيڊيل، روزيءَ جو مالڪ سمجهي ٿو ان جو ان کان بہ بدتر هوندو.

جيڪڏهن جرائم جي شرح وڌي ٿي ان جو سبب جيڪڏهن فقر، فاقہ، بک ۽ بدحالي ئي آهي تہ آمريڪا ۾ ان شرح جو مطلب ڇا آهي؟ آخر ڪار ڪهڙي ڳالهہ آهي اها دنيا جي چال چلت، تعليم جو معيار جو دنيا مان ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا وڃن ٿا. سياسي زندگيءَ جو معيار اتي ڪڏهن ڪو بہ ”بحران“ نہ آيو آهي. پوءِ ايتري حد تائين بدامني، جنسي ناجائزيون، چوري، قتل، آمريڪا کي پنهنجو آئيڊيل ملڪ سمجهڻ ۽ چوڻ وارو! ذرا سوچو! الله تعاليٰ جي ٺاهيل قانون ۾ ڀلائي آهي يا انسان جي ٺاهيل قانون ۾ ؟؟؟ اسلامي تعليم ئي آهي جنهن ۾ سموري ڪائنات جي ڀلائي سماجي، سياسي بهتري سمايل آهي. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ڪارنامو هيو جنهن ٻچي ٻچي جي دل ۾ خدا جو خوف آخرت جو فڪر اهڙي طرح پيش ڪيو. جڻ ماڻهو جنت ۽ جهنم کي پنهنجي سامهون پيا ڏسن. اهڙي تعليم جو نتيجو هو جو ڀريان تہ ڪو گناهہ جي طرف قدم ڪونہ وڌائيندو هو پر جيڪڏهن ڪو ئي گناهہ ٿي پوندو تہ آخرت جو فڪر ان وقت تائين سک سان ويهڻ نہ ڏيندو هو جيستائين انهيءَ جي مڪمل تلافي نہ ٿي وڃي جاتي زناڪاري هڪ معمولي راند هوندي آهي اتي زنا ڪاريءَ جي شرح گهٽبي گهٽبي نہ هجڻ جي برابر ٿي وئي.

دنيا آخرت جي مقابلي ۾ ڪتي وئي

اسلامي تاريخ جي ڪتابن ۽ حديث جي روايت ۾ اڄ تائين هي مثال واقع محفوظ آهي. حضرت غامديہ رضہ مديني جي گهوٽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وٽ آئي. پنهنجي گناهہ ”زنا“ جو اعتراف ڪيو. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم جن بار بار ان ڏانهن منهن ڦيرائي ڪري انهيءَ کي

مجرم تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ عورت کي معلوم آهي جيڪڏهن گناهہ مڃيو تسليم ڪيو ويو تہ مون کي پٿر ماري هلاڪ ڪيو ويندو پر هوءَ هر دفعي حضورت صلعم جي اڳيان اعتراف ڪري ٿي مون تي شرعت جي سزا جاري ڪيو. جڏهن انهيءَ جي بار بار اقرار سان جرم ثابت ٿئي ٿو. رحمة للعٰلمين فرمائن ٿا. تون حمل يعني پيٽ سان آهين انهيءَ لاءِ تون تي سزا جاري نہ ٿي ڪري سگهجي، جڏهن ٻار (پيٽ وارو) پيدا ٿئي. ان ٻار کي تنهنجي کير جي طلب نہ رهي. تڏنهن مون وٽ اچجانءِ ان وقت سزا جاري ڪئي ويندي" غامديہ رضي الله هلي وجي ٿي ان جي نگراني لاءِ نہ پوليس مقرر ٿئي ٿي نہ ئي ان جو پتو لکيو وڃي ٿي.

نہ ڪا ضمانت ڪئي وڃي ٿي. پر ان واقعي کانپوءِ ڪئي سال غامديہ رضہ دربار رسالت مآب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ پيش ٿئي ٿي. ان جي هنج ۾ هڪ ٻار آهي. ٻار جي وات ۾ مانيءَ جو ٽڪر آهي جيڪا ان ڳالهہ جي گواهي ڏئي ٿو تہ هاڻي ان ٻار کي ماءُ جي کير جي ضرورت ناهي رهي.

غور ڪيو! هڪ ٻار جي ماءُ بڻجڻ کان پوءِ زندگي ڪيتري پياري لڳندي آهي. ٻار جي دل کي وڻندڙ ادائن. نخرن ممتا (ماءُ) کي ڪيتري قدر متاثر ڪيو هوندو؟ پر ان عورت کي شابس هجي جبل استقامت بڻجي ڪنهن جي سڏائڻ کان بغير پنهنجي پاڻ ڪيئن حاضر ٿي آهي. زنا جي سزا لاءِ پوءِ پٿرن جي برسات ۾ پنهنجي جان ڏئي ڪري اهو مقام حاصل ڪيو جنهن تي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جهڙي صحابي رسول کي رشڪ (ريس) اچي ٿي.

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمائين ٿا.

"اي عمر رضہ! هن عورت اهڙي توبہ ڪئي آهي جيڪڏهن هن جو ڏهون 10 حصو مديني وارن کي ملي وڃي تہ سڀني جي مغفرت ٿي ويندي".

حدود الله کي ظلم چوڻ وارو! ان عورت کي ڪنهن مجبور ڪيو الله تعاليٰ جي نظام کي دقيانوسي خيال ڪرڻ وارو! اُن عورت سڳوريءَ اهو راز معلوم ڪري ورتو هو جيڪو توهان نہ سمجهي سگهيا آهيو. انهن قربانين جي هجڻ جو سبب اسلامي نظام هيو. جنهن جي برڪت هئي جو ماڻهو پنهنجو پاڻ پيش ڪرڻ لڳا.

اسان گنهگار آهيون اسان کي سزا ڏيو اهڙو نظام توهان رائج ڪري ڏيکاريو؟ مغربي آواز تي بين (مرلي) وڄائڻ وارؤ الله جي نظام سان بغاوت ڪرڻوارو، بش ۽ صدر کي راضي ڪري الله ۽ رسول کي ناراض ڪندڙؤ! مالڪ ڪائنات جي نظام کي دقيانوسي چوڻ وارو! قرآني قانون جي خلاف هڙتال ڪرڻ وارو! اسرائيل جا ايجنٽو! قيامت جي ڏينهن ان هڙتال بابت سوال ٿيو تہ ڪهڙو جواب ڏيندو؟؟؟

صحابي رسول حضرت ماغر رضي الله عنہ جو پيش ٿيڻ

هڪ دفعي حضرت ماغر رضہ حضور صلي الله عليہ وسلم جن وٽ آيو. ۽ چوڻ لڳو حضور! مان زنا ڪئي آهي. مون کي پاڪ ڪريو حضور ﷺ جن موٽائي ڇڏيو وري ٻئي طرف کان آيو وري اها ئي ڳالهہ موٽائي وري حضور ﷺ موٽائي ڇڏيو تقريباً . چارمرتبہ هيءُ اقرار ڪيو. جڏهن چار مرتبہ اقرار ڪيو حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو تنهنجو اقرار صحيح آهي. ٻڌاءِ ڪنهن سان زنا ڪئي آهي ٻڌايائين (فلان عورت سان) حضور صلعم فرمايو تي سگهجي ٿو تون ان عورت کي ”چمي “ پاتي هجي، ان کي ياڪر پاتو هجي، ان جي باوجود اهو صحابي سڀُورو اقرار ڪري رهيو هيو. ان کان پوءِ پڇيو ويو تون پاڳل تہ ناهي“.

ٻئي روايت ۾ اچي ٿو ان جي گهر وارن کان معلوم ڪيو ويو گهر وارن جواب ڏنو بلڪل صحيح آهي. ان کي پوءِ ان جي شادي شده هجڻ جو معلوم ڪيو ويو. معلوم ٿيو شادي شده آهي. پوءِ حضور صلي الله عليهوآلہ وسلم (رجم) پٿرن سان مارڻ جو حڪم ڪيو. (الحديث)

عهد رسالت ﷺ ۾ صرف اهي ٻئي مثال ناهن بلڪ ڪيترائي مثال موجود آهن هيءَ صرف ڪرشمو هيو عقيدت آخرت جو جيڪو معاشري جي رڳن ۽ دلن ۾ پروڙيو ويو هو. مٿاهين مثال مان توهان لاءِ غور ڪرڻ جا ڪيترائي مقام آهن. سزا ڏيڻ لاءِ حضور صلي الله عيلہ وآلہ وسلم جن ڪيتري پڪائي ڪري رهيا آهن ٿوري ڳالهہ جي ڪري انساني جان ضايع نہ ٿي، ايتري ئي سچائيءَ سان صحابي سڀُورو استقامت سان پنهنجي پاڪ ڪرڻ تي بضد هيو. اهو هيو اسلامي معاشرو.

جيسيتائين انسانن ۾ خدا جو خوف آخرت جو فڪر نہ هوندو ان جي دل، دماغ ۾ آخرت، جزا سزا جو عقيده ويهاريو نہ ويندو. ان جي دل ۾ مرڻ ڪانپوءِ آخرت ۾ حاضري جو احساس پيدا نہ ڪيو ويندو. ان وقت تائين گناهن جي احساس پيدا نہ ڪيو ويندو. ان وقت تائين گناهن جي رفتار تي قابو نہ ٿو ڪري سگهجي.

توهان صرف ڪاغذي ڪاروائي قوانين، پوليس جي نگراني عدالتن جي پُوءَ (خوف) سان جرائم جو صرف مٿاڇرو علاج ڪري سگهو ٿا. جنهن سان مجرم جو "ويس" تہ مٽجي سگهي ٿو پر ان جو استحصال نہ ٿو ٿئي. ڇو تہ دلن تي پهرا ويهارڻ جو رستو آخرت جي تصور ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

اڄ ڪلهہ جا دانشمند، مهذب ان حقيقت ڪان غافل آهن هي عقل مند، هڪ طرف خدا ۽ آخرت جو تصور انسانن جي ذهنن ۾ ڪوٽري ڪڍن ٿا. مادا پرستي جي ذهنيت انسانن ۾ پيري وجي ٿي، نشرواشاعت ۽ تعليم، تربيت جا سمورا وسائل انسانن کي صرف دنوي لذتن ۾ پوڄا ڪرڻ تي آمادي ڪن ٿيون جڏهن ان سمورن ترقي يافتہ وسائل جي اقدامن جي نتيجي ۾ سارو معاشرو جرائم جي پيٽ ۾ اچي ٿو. تڏهن عقل مند دانشمند، رڙيون، ڪوڪون ڪندا آهن اسان تباهي جي ڪناري تي ڪئين پهتاسين.

شعر: مزدگی ہو کہ فرنگی ہوس خام میں ہے۔

امن عالم تو فقط دامن اسلام میں ہے۔

اسلامي حدود جون برڪتون

اسلامي سزائن جو اثر ڪيترن ئي سالن ڪان وٺي اثر رهندو اچي ٿو. دلين ۾ ان جي هيبت ويهي رهندي آهي. جرم جي تصوير سان انساني جسم جا وار بہ ڪانڊارجي ويندا آهن. گناهہ جو نالو نشان ئي مٽجي ويندو آهي. توهان دنيا جو سير ڪري ڏسو. مثلاً سعودي عرب ۾ امن امان جي صورت ان حد تائين آهي جو دڪان کولي نماز تي هليا ويندا آهن. اڌ رات جو سفر مال اسباب سان بي خوف گهمندا وتندا آهن. چور جو هٿ ڪٽيندا آهن. تمام گهٽ مقدار ۾ چوري ٿيندي آهي. اهي ٻين ملڪن جا چور عادت ڪان مجبور پوءِ جلدي پڪڙجي ويندا آهن.

راقم الحروف جو پاڻ افغانستان ۾ طالبان جي اسلامي دور ۾ هڪ دڪان ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو سڄو دڪان کليل هيو اسان سڄي دڪان ۾ گهمي ڦري موٽي آياسين. مالڪ دڪان جو نماز تي ويل هيو.

حدود جو نفاذ الله جي رحمت جو سبب

حضور عليہ السلام جو هي ارشاد متعدد صحابہ ڪرام رضي الله عنهم اجمعين کان روايت ٿيل آهي تہ ”الله جي زمين ۾ ڪنهن هڪ حد جو عملي نفاذ چاليهہ (40) ڏينهن جي بارش کان وڌيڪ بهتر هوندو آهي“

(سنن نسائي)

گناهن ۽ بدڪاري جي ڪري علائقي ۾ فقط (ڏُڪر) پوندو آهي ۽ ماڻهو تنگي جي زندگي گذاريندا آهن پر جڏهن انهيءَ ڌرتيءَ تي اسلامي حدود جو نفاذ ٿئي تہ برسات جي پوڻ سان ملڪ سڄو سرسبز ٿي پوندو آهي.

باب ٽيون
”اسلامي طريقي موجب جانچ“

ڪنهن پاڪدامن عورت بالخصوص زال تي بدڪرداري جي تهمت هڻڻ کي قرآن مجيد بدترين جرم قرار ڏنو آهي. بحرحال جيڪو ماڻهو پنهنجي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن تي بدچلن جي تهمت هڻڻ لاءِ انهن سنگين جرم جو ارتڪاب ڪري ٿو. اهڙي شخص تي سزا جاري ڪرڻ انتهائي مبارڪ قدم آهي ته هر معاملي ۾ جيڪڏهن اسان قران مجيد ۽ احاديث، فقہ اسلامي تعليمات تي عمل ڪنداسين ته هڪڙو اهڙو نمونو (حل) نڪري پوندو جنهن سان اسان جي نسلن جي بقا ٿي پوندي.

قرآن پاڪ ۾ آيل آهي ته:

” والذين يرمون المحصنٰت ثُم لم ياتو باربعة شعداءٔ ثمٰنين جلدة و ولاتقبلوا لهم شهادة ابدا واولئڪ هم الفٰسقون ٥ (النور 4)

ترجمو: ”۽ اهي شخص جيڪي پاڪدامن عورتن تي تهمت هڻن ٿا ۽ پوءِ چار گواهہ (شاهد اڪين ڏٺا) نہ ٿا آڻن انهن کي 80 ڪوڙا هڻو. ۽ هميشہ لاءِ انهن جي شاهدي بہ قبول نہ ڪيو ۽ اهي فاسقن مان آهن“

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ هڪ حل ٻڌايو جڏهن ڪوئي شخص توهان جي پاڪدامن عورتن تي ڪا تهمت هڻي تہ انهيءَ کي چئو تہ ادا ! ڪا حوش جي ڳالهہ ڪر. پلا ڪي شاهد تو وٽ آهن جن پنهنجي اکين سان ڏٺو هجي. جيڪڏهن اهو شاهد نہ آڻي تہ انهيءَ کي تهمت جي عيوض 80 ڪوڙا هڻجن. قاضي جي سامهون ۽ انهيءَ جي هميشہ لاءِ شاهدي بہ قبول نہ ڪجي.

ٻئي هنڌ قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو.

”لولا جآءُوُ عليہ باربعة شهداءِ فاذ لم ياتوا بالشهداءِ فاولئٰڪ عند الله هم الڪٰذبون ٥ (النور13)

ترجمو: ”جيڪڏهن ڪير نہ آڻي چار گواهہ (شاهد) پوءِ جڏهن اهي گواهہ نہ آڻن الله تعاليٰ وٽ اهي ڪوڙا آهن“.

ظاهر ڳالهہ آهي جڏهن حقيقت ۾ ڪوئي گناهہ ٿيو ئي ناهي تہ گواهہ ڪٿان آڻيندو! ذرا غور ڪيو مسلمانو!

ٽئين جڳهہ تي قرآن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي حڪم ٿيو.

”يا ايهاالذين اٰمنو ان جاءِ ڪم فاسق بنبيا فتنبينوا قوما ً بجهالة فتصبحوا عليٰ ما فعلتم نٰدمين ٥ (الحجرات 6)

ترجمو: ” جڏهن توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبرڪٽي اچي پوءِ جاچ ڪريو متان تڪليف ڏيو ڪن ماڻهن کي اڻ ڄاڻائيءَ سان پوءِ ٿي پيو پنهنجي ڪئي تي پشيمان.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي بہ سوچڻ لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائين تہ پوءِ مسلمانو! توهان ان معاملي ۾ جلدي ڇو ٿا ڪيو. ڇا توهان کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان بہ وڌيڪ ”غيرت“ آهي؟ معاذ الله اي مسلمانو! توهان جي عقلن ۾ اڪين تي پيل پردن کي کولڻ لاءِ اهڙا الفاظ ۾ واقعہ لکڻا ٿا پون.

”مشڪل گهڙي ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي“

الله تعاليٰ جو قانون بہ اصول ۽ ضوابط سيکاري ٿو. جڏهن بہ توهان کان ڪوئي ناگوار (نہ وڻندڙ) واقعو پيش اچي تہ پهرائين ان جي تحقيق ڪئي وجي. ان لاءِ مديني جي گهوٽ ٻنهي جهانن جو سردار محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زندگي اسان لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي.

جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي لاڏلي گهر واريءَ ام المومنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضہ تي تهمت لڳي تہ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڇا ڪيو؟ پهريائين پنهنجي پيارن وڏن وڏن صحابي سڳورن کي جمع (ڪٺو) ڪيو. پوءِ انهن کان مشورو ورتائين ۽ بعد ۾ الله تعاليٰ جي حڪم اچڻ جو انتظار ڪندا رهيا. پنهنجي طرف کان جلد بازي ۾ ڪوئي بہ فيصلو ڪونہ ڪيائون. تيسيتائين بي چين رهندا هئا. جيسيتائين الله تعاليٰ جي طرفان ام المومنين عائشہ صديقہ رضہ جي برآت قرآن پاڪ جي صورت ۾ آئي جنهن کي مسلمان قيامت تائين پڙهندا رهندا.

آيت: ـ اِن الذِينَ جَاؤُ بِلأُفڪ عُصبة منڪم٥ الخ (النور11)

ترجمو: ـ ”بيشڪ جن آندو بهتان (ڪوڙ) اهو ٽولو توهان مان آهي. نہ ڀانيو انهيءَ کي برو پاڻ لاءِ پر اهو ڀلو آهي. اوهان لاءِ هر هڪ ماڻهو لاءِ آهي انهن مان جيترو ڪيائين گناهہ جنهن ڪنيو وڏو بار انهن مان ان لاءِ عذاب آهي وڏو“ حديث مبارڪ ۾ اچي ٿو ”جنهن ڪنهن مسلمان تي تهمت لڳائي. الله تعاليٰ ان کي دوزخ جي پل تي بيهارنيندو. ايسيتائين جو هو پنهنجي چيل ڳالهہ کان صاف سترو ٿي ڪري نڪري ان پاڪ ۽ صاف ٿيڻ جا بہ طريقا آهن.

1. هڪ يان تہ اهو شخص معاف ڪري جنهن تي تهمت لڳائي اٿئي.
2. يا پنهنجون نيڪيون ان کي ڏئي ان جون برايون پنهنجي ذمي ڪٽي دوزخ ۾ وڃي (ٻئي ڳالهيون مشڪل آهن).

جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ڪمزور آهن پنهنجو دفاع نہ ٿا ڪري سگهن تهمت لڳائڻ واري کان بدلو نہ ٿا وٺي سگهن معاملو دنيا ۾ ئي نہ ٿو ختم ٿئي. آخرت جو

ڏينهن ويجهو آهي. جاتي پيش ٿيندي، حساب ڪتاب ٿيندو، مظلومن کي پورو بدلو ڏنو ويندو.

هڪڙي ٻئي حديث ۾ آهي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو” ماڻهوءَ جي ڪوڙي هجڻ لاءِ اهو ڪافي آهي تہ اهو جيڪا ڳالهہ ٻڌي بغير تحقيق جي ٻين کي چوي“.

مذڪوره حديث کي سامهون رکي اسان کي پنهنجي عملن جي جانچ پڙتال ڪرڻ گهرجي پنهنجي زبانن کي اهڙين ڳالهين کان بچائڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي تہ ڪٿي اسين افواهن پکيڙڻ ۾ شريڪ ناهيون؟

ٻئي حديث ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي.

”اوهان مان جيڪو شخص انهن برن ڪمن مان ڪو ڪم ڪري وجهي تہ الله تعاليٰ جي ڍڪيل ڍڪ ۾ ڍڪيو. پر جيڪڏهن اهو اسان جي سامهون پنهنجو ڍڪ کوليندو تہ اسان ان تي قرآن ڪريم جو قانون نافذ ڪنداسين“

(احڪام القرآن للجصاص)
(بشڪريہ ماهنامہ الحماد).

اجائي ڳالهين کان بچڻ گهرجي

ٻئي هنڌ تي قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

”اذ تلقونہ بِاَلسِنَتِڪُم وتقولون بافواهڪم ماليس لڪم بہ علم و تحسبونہ هيناً ٥ فَهَوَعِندَ اللهِ العَظِيمُ (النور 15)

ترجمو: ”جڏهن توهان هلائڻ لڳا ان کي (يعني ڪوڙ) پنهنجي زبانن سان ۽ چئوپيا پنهنجي واتن سان جنهن جي نہ هئي توهان کي حقيقت ۽ سمجهو پيا ان کي هلڪو۽ اهو آهي الله وٽ وڏو“.

الله تعاليٰ سيني مسلمانن کي هڪڙو اصول ٿو ٻڌائي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ٿينديون آهن جدا جن جي حقيقت کان ماڻهو واقف نہ هوندا آهن

۽ پوءِ اهي بنا تحقيق جي انهن جي پرچار ڪندا آهن ۽ گمان ڪندا اهن تہ اهي هلڪي ڳالھہ آهي پر حقيقت ۾ اها ڏاڍي وڏي ۽ ڏکي هوندي آهي انهيءَ ۾ ڪتي ڪنهنجي تهمت، ڪتي ڪنهن جي راءِ بهتان ۽ ڪتي وري ڪوڙ بہ هوندو آهي. تنهنڪري الله تبارڪ وتعاليٰ جي فرمان جو مفهوم بنا تحقيق جي ڪا بہ ڳالھہ ٻئي تائين نہ پهچائيندا ڪريو. ورنہ ڪوڙي ڳالھہ جي ڪري لڙائيون، فساد ٿي پوندا اهن. جنهن سان امن ۽ امان خراب ٿي پوندو آهي. ۽ اسانجو نسل ان سان متاثر ٿيندو.

شاهدن (گواهيءَ) لاءِ چار شاهد ضروري آهن

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ شاهدي لاءِ چئن معزز ماڻهن جو شرط لڳايو آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

”والذين يرمون ازواجهم ولم يڪن لهم شهدآءِ الا انفسهم فشهادة احدهم اربع شهاٰدت بالله انہ لمن الصَدقين٥ (النور6)

ترجمو: ”۽ اهي مرد جيڪي پنهنجي زال تي بدڪاري جو الزام تهمت لڳائن ٿا ۽ انهن وٽ پاڻ کانسواءِ ڪوئي شاهد بہ ڪونهي تہ انهن مان ڪنهن هڪ کي چار دفعا ان طرح گواهي ڏيڻي پوندي. ”خدا جو قسم مان ڪوڙنہ ٿو ڳالهايا. مان سچو آهيان“

”الخامسة ان لعنت الله عليہ ان ڪان من الڪاذبين٥ (النور 7)

ترجمو: پنجين چڪر ۾ چوندو ”جيڪڏهن مان ڪوڙ ڳالهائڻ وارن مان هجان تہ مون تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي“

اهڙي طرح فقہ جي معتبر ڪتاب ”هدايہ“ ۾ بہ چئن گواهن (شاهدن) جو شرط آهي“.

وهو اشتراط الربعة من الشهداءِ اذ هو مختص بالزنا ۽ (هدايہ صفہ 579)

ترجمو: ”شاهدي ڏيڻ وارا چار شاهد هجن شاهدن ۾ زنا جي شاهدي لاءِ“

3. (زنا ۾ فاسقن جي شاهدي قبول ناهي)

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي.

وَلا تقبلوا لهم الشهادت ابدا واولئڪ هم الفاسقون 0 (النور4)

ترجمو: ”نہ قبول ڪيو شهادت انهن جي هميشہ انهيءَ لاءِ تہ اهي فاسق آهن“

فقہ جي ڪتاب ”هدايہ“ ۾ آيل آهي.

”وان شهدوا بذٰلڪ وهم فساق او ظهر انهم فساق لم يحدوا“

(ماخوذه هدايہ جلد 2 ڪتاب الحدود).

ترجمو: ” جيڪڏهن فاسقن زنا جي گواهي ڏني ۽ فاسقن جو فسق ظاهر ٿيو تہ حد نہ لڳايو“

هي هدايہ جيڪو فقہ ۾ اعليٰ مرتبي جو ڪتاب آهي انهيءَ جو حوالو جنهن ۾ واضع ۽ صاف لفظن ۾ لکيل آهي. تہ فاسق ماڻهو جي گواهي قبول ناهي اسلام ۾ امام شافعي چوي ٿو.

”ان الفاسق ليس من اهل الشهادت فهو ڪا لعبد“

(هدايہ جلد 2 ڪتاب الحدود)

ترجمو: ” بيشڪ فاسق ماڻهو شهادت جي اهل ناهي پوءِ اهو ٻانهي وانگر آهي. “

”ولهذا لا يقبل خبر الڪافر والفاسق الصبي المعتوه والذي اشتدت غفلتہ“. (ماخوذه نورالانوار صفہ 185صفہ بيان اقسام السنة).

ترجمو: ”نہ قبول ڪئي ويندي خبر (ڳالهہ) ڪافر جي فاسق جي ٻار جي، معتوه (يعني اڌ چريو جيڪو اڌ پاڳل ڳالهہ صحيح طرح ياد نہ هجي) ان ۾ غفلت جو غالب هجڻ مذڪور آهي“.

هي اصول فقہ جي معتبر ڪتاب نوراالانوار جي عبارت انهيءَ جو دليل آهي. تہ ڪنهن بہ عام ماڻهوءَ جي شاهدي قبول نہ ڪرڻ گهرجي.

زنا ۾ فاسقن جي شاهدي قبول ناهي

۽ انهن کان ئي گواهي ورتي وڃي. جنهن جو ڪنهن قابل اعتبار مرتبي لاءِ هجڻ ضروري آهي. مثلاً: ديندار ماڻهو هجي. صوم و صلوات جو پابند هجي. جنهن جي گواهي تي ماڻهن کي يقين هجي جنهن جو (ڪبيره گناهہ) وڏن گناهن ۾ شامل هجڻ جو انديشو بہ نہ هجي. مثلاً جواري نہ هجي، فاسق فاجر نہ هجي، ڪوڙو بہ نہ هجي. بار بار الله جو قسم کڻندڙ نہ هجي. مطلب معاشرو جنهن کي خراب ۽ شريعت جنهن کي گناهہ چيو اهي انهيءَ ۾ نہ هجن انهيءَ جي شاهدي قبول ڪئي وئي.

ڪتابن جا حوالہ:

1. ولا تقبل شهادت المخنث (فتح القدير ڪتاب الشهادت)

ترجمو: "نہ قبول ڪئي ويندي (شاهدي) مخنث) ڪدڙي جي"

2. ولا من طلعب باطيور (فتح القدير انها)

ترجمو: "ڪبوترن پکين جي شوقين جي گواهي قبول ناهي"

3. لا يستحي عن مثل ذالڪ لا يمنع عن الڪذب فيتهم (ولا تقبل شهادت من يظهر سب اسلف (ڪالصحابة والتابعين. ومنهم ابوحنيفہ رحمة الله .... اذا اظهر سب واحد من المسلمين تسقط عدالة (فتح القدير ڪتاب الشهادت).

"۽ جيڪي مشهور گناهہ ڪبيرا آهن انهن کان بچيل هجي.

4. ولا ياتي بابا من الڪبائر التي يتعلق بها الحد (فتح القدير ايها) (ومنہ الحاشتہ) هي السبع التي ذڪرت في الحديث وهي الاشراڪ بالله الفرار من الزحف، عقوق الوالدين، وقتل النفس بغير حق، ويهمت المئومن، والزنا، والشرب الخمر، وزاد بعضهم: اڪل الربا، واڪل ما اليتيم (فتح القدير صفہ 385)

ترجمو: يعني ڪبيرن گناهن جي باب کان نہ هجڻ جنهن تي حد لڳل هجي (حاشيہ ۾ ڪلي ٿو) اهي ست (گناهہ ڪبيرا) آهن جنهن جو ذڪر حديث نبوي ۾ آهي.

1. الله سان شرڪ ڪرڻ عبادت ۾.
2. ميدان جهاد کان ڀڄڻ خوف جي ڪري.
3. پيءُ ماءُ جي نافرماني ڪرڻ.
4. ناحق قتل ڪرڻ يا مؤمن تي تهمت هڻڻ.
5. زاني.
6. شراب پيئندڙ (بعضن وٽ).
7. وياج کائيندڙ (يتيمن جو مال کائيندڙ).

مذڪوره ڪتابن جي حوالي مان توهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ وڏيرن سرپئنچن. يا جاگيردارن جي جرگي ۾ اهي شرط رکيل هوندا آهن؟ بلڪ ان جي ابتڙ فاسقن، فاجرن کان گواهي ورتي ويندي آهي.

انهن جي ”جرگي ڪميٽي“ ۾ گواهي چور، زاني، ڌاڪو ڦراڙي فاسقن جي شاهدي قبول ڪونهي. فقہ ان جي سختي سان منع ڪري ٿو. پر هي ڪميٽي وارا جاهل انهن بدمعاشن جي گواهي قبول ڪن ٿا. حرام خور وڏيرا سرپئنچ انهن ڪمن جي پنيان حوصلہ افزائي ڪن ٿا.

پنهنجي گندي ذهن مطابق فيصلہ ڪري خون معاف ڪري ڇڏيندا آهن. بدلي ۾ نياڻيون عيوض ۾ ڏيڻ لاءِ زور ڀريندا آهن. ”ڪري هڪڙو ڀري ٻيو“ اهو ڪٿان جو انصاف آهي. جنهن ماڻهو گناهہ ڪيو آهي تہ سزا بہ ان ماڻهوءَ کي ملي نہ ڪي نہ ان جي نياڻي کي، ۽ زال، ڀيڻ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ جنهن کي توهان انهن ظالمن جي حوالي ڪيون ٿا. جرگا ڪميٽيءَ وارو! هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي دربار ۾ حاضر ٿيڻو اٿوَ جڏهن مظلوم نياڻي توهان کي پڇا ڪنديون مون کي ڪهڙي ڏوهہ ۾ ڏنو ويو؟

ٿورو سوچو! مسلمانو! جوش ۾ اچي ڪري بي گناهہ عورتن کي قتل ڪرڻ ڇڏي ڏيو. صرف اهو الزام توهان عورتن تي ڪونہ ٿا ڏيو بلڪ پنهنجي پاڻ تي ٿا لڳايو. توهان جيڪڏهن پنهنجي پاڻ کي غيرت مند پاڪ صاف سمجهو ٿا ۽ يقين بہ اٿوَ تہ پوءِ قرآن مجيد جي هن آيت کي ڇو ٿا وساريو جيڪا الله تعاليٰ نازل ڪئي آهي.

الخبيثت للخبيثين والخبيثون للخبيثت و الطيبت للطيبين و الطيبون للطيبٰت اولٰئک مُبَرؤنَ مما يقولون لهم مغفرة و رزق ڪريم. (النور 26)

ترجمو: " بڇڙيون آهن بڇڙن لاءِ ۽ بڇڙا بڇڙين لاءِ ۽ چڱيون آهن چڱن لاءِ ۽ چڱا چڱين لاءِ اهي آجا آهن ان کان جيڪي کين چون ٿا انهن لاءِ بخشش ۽ روزي عزت واري آهي"

فيصلو توهان ڪيو هن آيت ڪريم ۾ ٻڌايل آهي ته بدڪردار عورت بدڪردار (مرد) لاءِ آهي ئيڪ پاڪدامن عورت ئي نيڪ ۽ صالح مرد کي ملندي. توهان پاڻ پنهنجي سيني تي هٿ رکي ڏسو توهان پاڻ ڪيترا نيڪ ۽ ايماندار آهيو؟

حل:

هاڻي ڏسجي ان مسئلي کي حل ڪئين ڪجي انهيءَ لاءِ شريعت مطهره ۾ چند اصول رکيل آهن. ڪنهن به "خبر" ۾ به احتمال هوندا آهن هڪ سچ جو ٻيو ڪوڙ جو.

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ۽ مسلمان امت کي اهو قرآن پاڪ ۾ حڪم فرمايل آهي ته

"يا ايها الذين اٰمنوان جاءَڪم فاسق بنباء فتبينوا....... (للحجرات6)

ترجمو: "اي ايمان وارو! جڏهن اچي توهان وٽ ڪو فاسق خبر کڻي فتبينوا. پوءِ سوچو، غور ڪريو. متان تڪليف ڏيو ڪن ماڻهن کي اڻ ڄاڻائيءَ سان پوءِ ٿي پئو پنهنجي ڪئي تي پيشيمان"

تشريح: "جڏهن توهان بنا ڪنهن سوچ ۽ حقيقت ڄاڻڻ جي پنهنجي گهر وارين عورتن جو قتل ڪندو ۽ بعد ۾ جڏهن توهان کي حقيقت جي خبر پوندي ۽ توهان "خون" به ڪري چڪا هوندا ته پوءِ آيت مطابق توهان پيشيمان ٿي پوندا ته جيڪر مان جلدي نه ڪيا هان ته ايڏو وڏو نقصان نه ٿئي هان. بعد جي پيشيماني ۽ پڇتاءُ کان پهرائين جي سوچ ڀلي. پر جيڪڏهن ڳالهه شڪ ۽ بهتان آهي ته انهيءَ کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارا اپاءَ آهن.

جيڪڏهن شڪ آهي ته حد نه لڳندي

عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ ”ڪارو ڪاري“ جا ڪجهہ ”قتل“ شڪ ۽ شبهي جيڪري ڪيا وڃن ٿا. جنهن جو ذڪر تي. وي، اخبار رسالن ذريعي توهان تائين خبرون پهچن ٿيون.

جيڪڏهن توهان کي ڪو ڪنهن جي بدڪرداري جي ڪا خبر ڏيئي تہ ان کي بهتر آهي تہ پهريائين سوچ ۽ عقلمندي سان حل ڪجي نہ تہ تڪڙ ڪري ڪنهن جي جان ضايع ڪجي.

ٻنهي جهانن جي سردار تي ڪلمو پڙهيو آهي اسان مسلمان آهيون ۽ اهو يقين بہ رکون ٿا تہ انهيءَ جي تعليم ۾ ئي ٻنهي جهانن جون ڀلايون سمايل آهن.

حضور عليہ السلام جن فرمايو.

ترجمو. ”شهبات جي ڪري حد نہ لڳايو ۽ ڇڏي ڏيو حد لڳائڻ کي“

ان الزهرهري قال ادفعو الحدود بڪل الشبهادت (في تخريج احاديث هدايہ حدود)

ترجمو. ”زهري رضہ کان رواي آهي. ”شڪ ۽ شبهات جيڪري حد نہ لڳايو“

نا بالغ ۽ چريي ٻار تي حد نہ لڳندي

جيڪڏهن ڪنهن نا بالغ ٻار ۽ مجنون (چريو) ڪنهن عورت سان زنا ڪئي. تڏهن بہ حد نہ لڳندي ڇو تہ مجنون ۽ ٻار تي شريعت جو اطلاق نہ ٿو ٿئي.

فقہ ۾ آيل آهي.

اذا زنيٰ صبي او مجنون بامراة عاقلة بالغة فلا حد علي الصبي والمجنون بالاجماع ولا تحد المرات ايضا. (حاشيہ ڪنز ڪتاب الحدود)

ترجمو. ”جيڪڏهن زنا ڪئي ٻار نابالغ يا چرئي عورت بالغ، سان پوءِ حد نہ هٽبي ٻار ۽ چرئي تي ۽ عورت تي انهيءَ تي سمورن فقيهن جو متفق فصلو آهي“ اهڙيءَ طرح هدايہ ۾

حوالہ. واذ زنيٰ الصبي او المجنون بامراة طاوعتہ فلا حد عليہ ولا عليها)

(هدايہ ج – ڪتاب الحدود)

اخبارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا واقعات بہ ايندا آهن تہ ڪنهن جانور سان ڇوڪري يا ماڻهو کي ڪارو ڪيو ويو. اهو ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي.

بنسبت عورتن کي تنهنڪري دليلن ۾ عبارتن ڳولڻ وقت هي عبارت بہ نظر مان گذري ان کي بہ توهان جي نظر ڪيون ٿا.

حوالہ: ومن وطي بهيمة فلا حد عليہ (هدايہ جلد 2 في الحدود)

ترجمو: ”جنهن ماڻهو ڪنهن جانور سان بدفعلي ڪئي تہ ان تي ڪائي حد ناهي“ مٿي گذري چڪو تہ نا بالغ ڇوڪري جي زنا تي حد نہ لڳندي مفتي تقي عثماني صاحب جن جي تقرير مان ورتل هي لائنون بہ ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جهڙيون آهن.

Zina is Zina Loible to Hadd if it is commited by a man who is an adult is not insane with a women to whom he is not and does suspect, himself to be married (see 5(b) (a).

هي حد زنا آرڊينس جي دفعہ 5A ۾ زنا جي تعريف ڪئي وئي آهي. مذڪوره لائنن جو سادن لفطن ۾ اهو مطلب آهي تہ جيڪڏهن ڪو بالغ مرد ڪنهن عورت سان زنا ڪري جڏهن تہ ان عورت کي پنهنجي نڪاح ۾ هجڻ جو شبہ بہ نہ هجي تہ اها زنا موجب حد ٿيندي.“

هتي مرد سان گڏ Adult يعني بالغ جو لفظ موجود آهي مگر عورت سان نہ آهي. جنهن جو وجهہ واضع آهي تہ زنا ڪرڻ وارو مرد جيڪڏهن بالغ نہ هجي تہ ان تي حد جاري نہ ٿي سگهندي (مٿي عربي عبارت ۾ واضع آهي) پر جيڪڏهن ڪوئي بالغ مرد ڪنهن بہ عورت سان زنا ڪري تہ چاهي اها عورت بالغ يا نا بالغ ٻنهي صورتن ۾ مرد تي حد جاري ٿيندي عورت سان بالغ هجڻ جي شرط انهيءَ نہ لڳايو ويو. ڇو تہ زيادتي چاهي بالغ عورت سان ٿي هجي يا نابالغ ٻنهي صورتن ۾ زيادتي ڪرڻ واري کي سزا (حد) جاري ڪئي وڃي. انهيءَ لاءِ نا بالغ ٻارڙين سان ٿيڻ واريون زيادتين تي بہ حد (سزا) جاري ٿي سگهي ٿي.

ان موضوع تي امام بخاري صحيح البخاري ۾ هڪ باب قائم ڪيو آهي تہ باب لا يرجم المجنون المجنونة.........

باقي هي جدا ڳالهہ آهي تہ نا بالغ کي زنا ڪرڻ تي ڪنهن راضي ڪيو؟ انهيءَ کي تہ زنا جا باري ۾ شعور ڪونہ هيو. ظاهر ڳالهہ آهي عورت کي اها ضرورت

چو پئي جو هڪ نابالغ ڪان اهڙو عمل ڪرائڻ تي راضي ٿي؟ انهيءَ جو جواب بلڪل صاف ۽ واضع آهي.

(1) نياڻين کي گهرن ۾ ويهارڻ نڪاح ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ.

(2) ڏاج ۽ مناسب رشتن جي ڳولا ۽ بندوبست نہ هجڻ جا بهانا نياڻين جي جواني ڳارڻ.

(3) تعليم جي بهاني نوجوان ڇوڪرين جي عمر برباد ڪرڻ.

(4) دفترن ۾ آزاد ماحول ۾ نوڪري ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟

(5) انجنيئر، مينيجر گرل، سيل گرل، بزنس وومين ٿيڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟

(6) ڪيتري ئي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڀالڻو تہ گهر ۽ ٻچا آهن.

(7) وڏيرن، جاگيردارن جي ڪوٺن ۾ ستيون ٿيل مظلوم عورتون جن کي ملڪيت جي حصي ڏيڻ ڪان بچڻ لاءِ شادي نہ ڪرائڻ

(8) قرآن سان شادي ڪرائڻ.

اهي سمورا سبب آهن عورتن جو ناجائز طريقي سان جنسي تعلقات رکڻ جو عورتن کي شادي جهڙي حق ڪان پري رکڻ انهيءَ جي حقوق سان خيانت ڪرڻ آهي. جنهن جو حساب انهيءَ جي پالينڊڙن ڪان ورتو ويندو قيامت جو ڏينهن.

حمل واري عورت کي قتل نہ ڪبو نہ ئي حد لڳندي جيسين وضع حمل ٿئي.

حمل چئبو آهي پيٽ سان هجڻ مرد جو تخم (ٻج) عورت جي رحم ۾ جيڪو نسل تيار ٿيندو آهي. جيڪو اڳتي هلي قدرتي طور تي انساني شڪل اختيار ڪري ٿو. ۽ اهو ماءُ جي پيٽ ۾ مرد ۽ عورت جي ٻج ملي ڪري هڪڙي اهڙي وجود کي جنم ڏين ٿا. جنهن کي قدرت جي حسين تخليق چئجي. انهيءَ ٻار جو پيٽ ۾ هجڻ کي (حمل) چئبو آهي.

تنهنڪري اسلامي تعليم مطابق پيٽ واري عورت تي حد نہ لڳندي. جيئن هيٺ ڏنل واقعي ۾ آيل آهي.

1. علامہ اقبال (مرحوم) جي مجلس ۾ هڪ ڏينهن هي واقعو نقل ڪيو ويو تہ "مديني منوره ۾ مسجد نبوي صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۾ هڪ ٻليءَ ٻچا ڄڻڻ لڳي صحابہ ڪرام مسجد ۾ گندگي جي خيال سان ٻلي کي ماري ڪڍڻ چاهين پيا. حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو " ان کي نہ مارو هاڻي هي ماءُ بڻجي وئي آهي" علامہ اقبال رحہ ان کي ٻڌي دير تائين روئڻ لڳا ۽ بار بار پڇين پيا "حضور نے کیا فرمایا؟ ۽ پوءِ ورجائي رهيا هئا. "اسے مارو نہیں یہ ماں بن گئی ہے"".

2. اهڙي طرح گذريل صفحن تي آيل حضرت غامديہ رضہ جو واقعو جيڪا پاڻ کي پيش ڪرڻ آئي هئي نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن موٽائي ڇڏيو تہ "تون ماءُ بڻجڻ واري اهين تو تي سزا جاري نہ ٿو ڪري سگهان جڏهن ٻار پيدا ٿئي ان کي تنهنجي کير جي ضرورت نہ رهي تڏهن موٽ وٺ اچجان ان وقت سزا جاري ڪئي ويندي"

مسلمانو! غور ڪيو! اسلامي تعليمات ۾ هڪ ٻلي کي مارڻ جي منع ان ڪري ٿيو جو هوءَ ماءُ بڻجڻ واري هئي. توهان تہ اشرف المخلوقات کي خون ۾ رنگي ڇڏيو ٿا. ڪهڙي قسم جا مسلمان آهيو؟ دل ۾ ذري برابر بہ انسانيت ڪانہ اٿو.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تعليمات ۾ آهي ارشاد فرمايائون.

من عن انس قال سُئل النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم عن الڪبائر فقال الاشراڪ باالله وعقوق الوالدين وقتل النفس وشهادة الزور (بخاري جلد 1 صفہ 363)

ترجمو: "حضرت انس فرمائن ٿا. حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان پڇيو ويو تہ سائين (ڪبائر) وڏا گناهہ ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرامايائون "الله تعاليٰ سان عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي نا فرماني ڪرڻ، بي گناهہ قتل ڪرڻ، ڪوڙي شاهدي (گواهي) ڏيڻ.

اهي سڀئي گناهه ڪبيرن ۾ شامل آهن. ۽ اسان جا مسلمان ڀائر قتل ڪندي ڪو گناهه نه ٿا سمجهن. ماءُ پيءُ جي نافرماني ۽ قتل، ڪوڙي شاهدي، پيرن فقيرن، جهنڊن، قبرن کي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روان سمجهڻ،

- **حواله:** فاذا زنت الحامل لم تحد حتيٰ تضع حملها. (قدوري ڪتاب الحدود)
- واذا زنت الحامل لم تحد حتيٰ تضح حملها ڪيلا يودي اليٰ هلاڪ الولد وهو نفس محترمة. (هدايه جلد 2 ڪتاب الحدود)

ترجمو: "جڏهن زاني عورت پيٽ واري ٿئي ته انهيءَ تي حد نه لڳائبي جيڪڏهن حد لڳائبي هلاڪ ٿي ويندو نفس محترم" لان في التاخير صيانة الولد عن ايضاع.
ترجمو: "(هدايه واري) امام ابو حنفي جو قول نقل ڪيو آهي) ته جيڪا حمل واري عورت کي دير ڪرڻ جو حڪم آهي ته بچائڻ آهي ٻار جي ضايع ٿيڻ کان.

اڳتي هدايه واري لکي ٿو ته جيڪڏهن پيٽ واري عورت کي قتل ڪبو يا حد لڳائبي ته ان جي پيٽ وارو ٻار ضايع ٿي پوندو ۽ انهيءَ جو ڪهڙو قصور جيڪو پنهنجي جاءِ تي هڪڙي قسم جو نفس عزت وارو آهي بقول عبارت جي يعني بي قصور آهي".

مٿي ڏنل حوالن جي مطابق ۽ حضرت غامديه رضه جي قصي مان اهو ثابت ٿيو ته ڳوڙها هاري (حمل واري) عورت تي حد نه لڳائبي.

ڏسو! شريعت پاڪ ۾ ڪيتري حد تائين احتياط آهي ۽ اسان جي "جرڳي ڪيمٽي" جي فيصلي ۾ ايتري قدر احتياط آهي؟ ڪوڙ ۽ لالچ جي بنياد تي "ڪارو ڪاري" ڪري مارينڌڙ پليل مسلمانو! پرائي ٽيڪر تي پنهنجي گهر کي باهه ڏيڻ وارو! ڪجهه سوچ سمجهه مان ڪم وٺبو آهي.

جڏهن گناهه هڪ ڪيو ته سزا ۾ عيوض نياڻي ڇو. ڪٿان جو انصاف آهي؟

مارچ مهيني جي آخري تاريخ جي اخبار ۾ هڪ خبر پڙهي دل ڏاڍي غمگين ٿي ۽ ساٿين سان بحث به ٿيو ته ادا اهي ڪٿان جو انصاف آهي ته جرم هڪڙو ماڻهو ڪري سزا وري ويچاريءَ نياڻي کي ملي.

خبر هئي 7 سالن جي نياڻي جو 45 سالن جي ماڻهو سان نڪاح ٿيو. ڇوڪريءَ خبر ٻڌندي بيهوش ٿي پئي ۽ ان جي ماءُ بہ بيهوش ٿي پئي ۽ گهوٽي تا هٿيارن جي فائرنگ ڪندا ڪنوار کي ڪٽي ويا. وڌيڪ تفصيل ۾ لکيل هيو تہ 9 سال اڳ ۾ ڪارو ڪري ماريو ويو هيو اها ڇوڪري ان جي پيءُ جي ڪاري عيوض ۾ڏني وئي هئي."

اصولن سزا ان کي ملي جنهن گناهہ ڪيو آهي انهيءَ جي نياڻي يا پيڻ کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي. عيوض ۾ ويندڙ نياڻين سان جانورن کي بہ بدتر سلوڪ ڪيو ويجي ٿو. ڇڻ ڪنهن انسان جو ٻچو ناهي بلڪہ ڪنهن جانور جو ٻچو هجي.

خدارا! الله واحد قهار کان ڊڄو هڪ ڏينهن ان جي دربار ۾ پيش ٿيڻو آهي. هڪ ڏينهن مرڻو آهي. هڪ ڏينهن حساب ڪتاب جو ڏينهن مقرر آهي. ان لاءِ تہ ضرور ڪجهہ نيڪيون ڪٽي هلو. مظلومن جي زندگين سان مذاق ڪرڻ ڇڏي ڏيو. ڪنهن مظلومن جي آهہ نہ لڳي پوي.

زنا جي قسمن مان هڪڙو قسم زنا بالجبر بہ ٿئي ٿو ٻيو زنا بالرضا.

(1) زنا بالجبر (2) زنا بالرضا.

زنا بالجبر

ٻئي نمبر تي زنا بالجبر جي معنيٰ ڏاڍ "زبردستي" ڪنهن مظلوم عورت (ناري) سان ڏاڍائي، طاقت جي زور تي ان جي عزت لٽي ويجي ٿي. ان ۾ ان عورت جو ڪو بہ قصور ڪونہ هوندو آهي پر ان جي باوجود بہ ان کي قتل ڪيو ويندو آهي. ڀلا چند بدمعاش ماڻهن جي اڳيان هڪ ڪمزور بي بس ناري ڇا ٿي ڪري سگهي؟

جيڪا عورت زنا بالجبر جي ڦهر کان گذري ٿي اها عصابي اعتبار جي ڀجي ڀُري پئي ٿي. ايتري قدر خوف سان هوندي آهي جو ان جا زبان بند ٿي ويندي آهي. اسان وٽ غير ملڪي دولت سان هلندڙ اين جي اوز اهڙو ماحول پيدا ڪن ٿا. اهڙين مظلوم مجبور عورتن کي اشتهار بڻائي ڇڏين ٿا. "مختاران مائي"واضع مثال آهي. جنهن گذريل ڏينهن کي ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي. اڄ يورپ آمريڪا جا اخبارن، رسالن ۾ ان جي تصوير پهرين صفحن تي شايع ڪئي ويجي ٿي، جيڪا اسان جي

اسلامي جمهوري ملڪ جي جڳ هنسائي جو ذريعو بڻجي ٿي. صرف مختاران مائي جي ڪيس (واقعي) مان اين جي اوز ڪيتري ڪمائي ڪئي آهي ان جو حساب ناهي. اهڙن واقعن جي آڙ ۾ اولهه ۽ غير ملڪي ميڊيا "حدود آرڊيننس"کي ختم ڪرائڻ تي زور لڳائن ٿا. جنسي آزادي کي عورت جو حق قرار ڏئي رهيا آهن.

هاڻي ڏسجي ته زنا بالجبر جي شريعت ۾ ڪهڙي درجي تي سزا مقرر آهي. حقيقت ۾ زنا بالجبر زنا بالرضا کان به وڏيڪ جرم آهي. ۽ ان جي سزا به ايتري قدر سخت هئڻ گهرجي جيتري قدر جرم سخت آهي. زنا بالجبر ۾ اهو به ڏسڻو آهي ته زنا بالجبر ڪرڻ وارا گهڻا ماڻهو آهن يا ٿورا يا هڪ آهي. اهڙي طرح ان جي سزا به اهڙي حالت ۽ قسم جي هئڻ گهرجي.

زنا بالجبر ۾ عورت کي سزا نه ملندي

عام طرح ڏنو ويو آهي ته عوام ۽ خاص ڪجهه غلط پروپگنڊا ۾ مبتلا اهن ته زنا بالجبر ۾ عورت کي به سزا ملندي آهي پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي. يا وري ائين به چون ٿا حدود جي نالي تي مولوين عورتن کي زبردستي اهڙو قانون مڙهيو آهي. جيئن "حدود آرڊيننس" جي تحت جي چيو ويجي پيو ته "جيڪڏهن ڪنهن مظلوم عورت ڪنهن مرد جي خلاف زنا بالجبر جو مقدمو درج ڪرائي ته ان کان مطالبو ڪيو ويندو ه هوءَ چار گواهه پيش ڪري. ۽ جڏهن اها گواهه پيش نه ٿي ڪري سگهي ته الٽو ان کي گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويندو.

جيڪڏهن مذڪوره معيار تي پورو لڏو وجي چار گواهه ملي وڃن ت زنا بالجبر جي ملزم کي سنگساري جي ذريعي سزا ۽ موت يا تسوٰ جي عبرت ناڪ سزا ملي ويندي آهي.

مولانا تقي عثماني صاحب جن *''حدود ترمیمی بل کیا ہے''* تقرير ۾ بيان ڪيو آهي. *''واقعہ یہ ہے کہ میں خود پہلے وفاقی شرعی عدالت میں جج کی حیثت ہے پہر 17 سال تک سپریم کورٹ کی شرعت ایپلٹ بنیچ کے رکن کی حیثیت مقدمات کی براہ راست سماعت کرتا رہا ہوں اتنے طویل عرصے میں میرے علم میں کوئی ایک مقدمہ بھی ایسا نہیں آیا جس میں زنا بالجبر کی کس مظلومہ کو اس بنا پر سزا*

دی گئی ہو کہ وہ چار گواہ پیش نہیں کر سکتی۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔ لیکن اسی کہ ساتھ دفعہ 10 (3)'' زنا بالجبر موجب تعزیر کے لیئے رکھی گئی تھی جس میں چار گواھوں کی شرط نہیں تھی۔ بلکہ اس میں جرم کا ثبوت کسی ایک گواہ، طبّی معائنے اور کیمیاوی تجربہ کار کی رپورٹ سے بھی ہو جاتا تھا۔ چناچہ زنا بالجبر کے پیشہ مجرم اسی دفعہ کے تحت ہمیشہ سزایاب ہوتے رہے ہیں''

لہٰذا حدود آرڈیننس میں ایسی کوئی بات نہیں ہے جس کی روسے زنا بالجبر کا شکار ہونے والی عورت کو چار گواہ پیش نہیں نہ کرنے کا بناپر الٹا سزایاب کیا جاسکے''۔ (صفحہ 199 (حقوق نسواں بل)

هي تہ هئي ڳالهہ مفتي محمد تقي عثماني سابق سپريم ڪورٽ شريعت ايپليٽ بئنچ جي ڳالهہ جنهن پنهنجي موجوده عهدي دوران ڪا بہ اهڙي سزا نہ ڏني يا ڏياري جنهن ۾ مظلوم عورت کي ڳواهن جي نہ هجڻ ڪري سزا ڏني وئي هجي.

هاڻي اچو تہ ڏسو رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي تعليم مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو "حضرت وائل بن حجر رضي الله تعاليٰ عنہ روايت ڪري ٿو تہ حضور عليہ السلام جي زماني ۾ هڪ عورت نماز پڙهڻ جي ارادي سان نڪتي رستي ۾ هڪ شخص ان سان زبردستي زنا ڪئي. ان عورت شور مچايو تہ اهو پڄي ويو بعد ۾ ان شخص اعتراف ڪيو تہ ان عورت سان زنا بالجبر ڪيو آهي. ان تي آنحضرت صلي الله عليہ وآلہ وسلم حد جاري فرمائي ۽ عورت تي حد جاري نہ ڪئي" (جيڪڏهن عورت اعتراف جرم ڪري ٿي تہ ان تي رجم ٿيندو) راقم اهڙي طرح ٻئي حديث ۾ آهي تہ "هڪ شخص حضور عليہ السلام جن وٽ فرياد ڪٽي آيو تہ اسانجي وچ ۾ ڪتاب الله جي روشني ۾ فيصلو فرمايو" ٻئي شخص چيو تہ منهنجو پٽ ان جي گهر ۾ مزدوري ڪندو هيو ان هن جي گهرواريءَ سان زنا ڪئي مان هن کي سو ٻڪريون ڏنيون ۽ هڪ غلام ڏنو. پوءِ مان اهل علم کان پڇيو تہ منهنجو پٽ هتي سو ڪوڙن جي سزا هڪ سال جلا وطني ۽ هُن جي زال تي سنگسار ڪرڻ جي سزا. بس حضور عليہ السلام ارشاد فرمايو تہ "مون کي قسم آهي ان ذات اقدس جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي مان ضرور توهان جي وچ ۾ ڪتاب الله جي روشني ۾ فيصلو ڪندس سو ٻڪريون ۽ غلام تون کي واپس ڪيون وڃن ۽ تنهنجي پٽ تي سو ڪوڙن جي سزا ۽ جلاوطني لازم آهي. (۽ پوءِ پاڻ ويجهو ويٺل صحابي کي فرمايو) اي انيس! صبح جو ان عورت وٽ

وچ ۾ ان ڪان پڇ جيڪڏهن اها اعتراف جرم ڪري تہ ان تي رجم ڪيو. (انيس چوي ٿو) ان عورت اعتراف جرم ڪيو ۽ ان کي رجم ڪيو ويو.

(ماخوذ صحيحي بخاري باب اعتراف بالزني (2).

مزڪوره حديث ۾ اهو ثابت ٿي ويو تہ جيڪڏهن مجرم کي حد (سزا) ڏني وڃي تہ پيسا نہ وٺبا ۽ نہ وري ڪو عوض (چٽي) ورتي ويندي. ڏسو! حضور عليہ السلام جن چٽي ورتل موٽائي ڇڏي. ۽ اسان جي "جرگي" ڪميٽيءَ جو فيصلو ڪندڙ ڪامورا عيوض ۾ نياڻيون بہ وٺن ٿا ۽ ڏنڊ بہ وٺن ٿا.

(1) قرآن پاڪ جي چند آيتن جو مفهوم آهي تہ "۽ جنهن غير اسلامي قانون گهريو (پسند) ڪيو (اهو قانون) ان ڪان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو (آل عمران85).

(2) "۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل احڪامن جي موافق فيصلہ نہ ڪن سو اهي ماڻهو ڪافر آهن" (سورة المائده 44).

(3) "۽ جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل (احڪامن) جي مطابق فيصلو نہ ڪن سو اهي ماڻهو فاسق آهن"(سورة المائده 47).

عورتن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ زنا بالجبر جي مسئلي کي خوب ڪنيو ويو آهي. عورتن کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيڪڏهن ڪو مرد زبردستي ڪنهن عورت جي عصمت دري ڪري. تڏهن بہ عورت کي سو ڪوڙن جي سزا برداش ڪرڻي پوندي. هي چٽي مخالط آرائي آهي.

جبر ۾ ڏاڍ سان جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ان فعل جو مرتڪب (ڪرڻ) تي مجبور ڪيو ويو تہ اهو نہ مجرم آهي نہ سزا جو مستحق. خود قرآن ڪريم جي سورت نور ۾ انهن عورتن جي معافيءَ جو اعلان ڪيو ويو جن کي بدڪرداري لاءِ مجبور ڪيو ويو هجي.

"وَمَن يكر هُن فَاِن اللهَ مِن بَعدِ اِكراَ هِهِن غَفُور رَحِيم " (النور 33)

ترجمو: ۽ جيڪو مجبور ڪندو انهن کي پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ انهن جي مجبوريءَ بعد بخشڻهار مهربان آهي"

ان کان علاوه حديث جي ڪتابن ۾ ايندو آهي تہ ”هڪ شخص اوندهہ ۾ هڪ عورت کي پڪڙي ان سان بدڪاري ڪئي عورت جي شور مچائڻ تي ماڻهو آيا ۽ زاني پڪڙيو ويو. نبي صلي الله عليہ وسلم جن ان تي رجم ڪرايو ۽ عورت کي ڇڏي ڏنو“

هن سان واضع ٿي ويو تہ جنهن عورت سان زبردستي ٿي هجي ان کي سزا نہ ملندي. البتہ جنهن ان سان زبردستي ڪئي آهي ان جي باري ۾ زنا جي اها حد جيڪا ”سورت نور“ ۾ بيان ڪيل آهي. ڏني ويندي.

حضور عليہ السلام سنگساري جي حد (زنا بالرضا) رضا مندي سان ڪيل زنا واري تي جاري فرمائي. اها ئي زنا بالجبر جي مرتڪب تي جاري فرمائي. شريعت حدود ۾ جاتي سزائون سخت رکيون آهن اتي ان تي نفاذ جون شرطيون بہ انتهائي سخت آهن.

زنا بالجبر جي درخواست آڻيندڙ خاتون کي صرف ان وقت قذف جي سزا ٿي سگهي ٿي جڏهن عدالت تي اها ڳالهہ ثابت ٿي وڃي تہ ان ڪوڙو الزام لڳايو آهي.

مطلب تہ زنا بالجبر ۾ عورت تي ڪائي سزا ناهي بلڪ زنا بالرضا جا اها ئي سزا آهي جيڪا سزا قرآن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

قومي اسيمبلي ۾ منظور ڪيل تحفظ خواتين بل جو مختصر جائزو

مختصر عنوان ۽ آغاز نفاذ

(1) هي ايڪٽ قانون فوجداري ترميمي (خواتين جو تحفظ) ايڪٽ 2002ع جي نالي سان تعلق رکي ٿو.

(2) هي (في الفور يعني جلدي ناقد العمل ٿيندو.

جرم:۔ 375 زنا بالجبر

ڪنهن مرد کي زنا بالجبر جو ڪندڙ چيو ويجي ڪنهن عورت سان هيٺين حالتن ۾ جماع ڪري.

اول: انهيءَ عورت جي مرضيءَ جي خلاف.

دوم: انهيءَ جي رضامندي جي بغير.

سوم: ڪنهن خوف (ڀوءَ) ڏئي ڪري رضا مندي سان زنا ڪري.

چهارم: ان جي رضا منديءَ سان يا بغير رضا منديءَ جي جڏهن تہ اها ڇوڪري 16 سالن کان گهٽ عمر جي هجي.

تشريح: زنا بالجبر جي جرم لاءِ مطلوب جماع جي تعين لاءِ دخول ڪافي آهي“

376: زنا بالجبر جي لاءِ سزا.

(1) جڏهن ڪوئي ماڻهو زنا بالجبر جو مرتڪب ٿئي ٿو انهيءَ کي سزائي موت يا ڪنهن هڪ قسم جي سزائي قيد جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پنج سال يا وڌ ۾ وڌ 25 پنجويهن سالن تائين ٿي سگهي ٿي ۽ جرمانو بہ ورتو ويندو.

(2) جڏهن زنا بالجبر جا مرتڪب (ڪندڙ جمع) ٻن کان وڌيڪ ماڻهن پاڻ ۾ تائيد ۽ رضا مندي سان ڪيو تہ انهن مان هر هڪ شخص کي سزائي موت يا عمر قيد جي سزا ڏني ويندي.

مجموعہ قانون ۾ نئي دفعہ شامل ڪئي ويندي. يعني 493 ڪنهن شخص جو فريب (دوڪي) سان جائز نڪاح جو يقين ڏئي ڪري هم بستري (جماع) ڪرڻ. تہ اهڙي شخص لاءِ 25 سالن تائين سخت قيد ڏني ويندي ۽ جرماني جو بہ متسجب ٿيندو. (ماخوذ؛ تحفظ حقوق نسوان بل کیا ہے).

مذڪوره عبارتون پاڪستان جي عورتن ۾ تازي قانون مطابق نافذ العمل آهن جيڪي "تحفظ حقوق نسواب بل" نالي سان نهيو آهي. جنهن کي ترجمو ڪري قارئين جي سامهون پيش ڪيوسين.

پاڪستان جي قانون مطابق زنا بالجبر ڪندڙ شخص کي مختلف قسمن جون سزائون ڏئي سگهجن ٿيون اهو ڪورٽ جي جج تي موقوف آهي تہ اهو انهيءَ کي سزائي موت ڏئي ٿو. يا گهٽ ۾ گهٽ پنج (5) سال قيد يا وڌ (25) پنجويهن سالن تائين قيد ۾ رکي ٿو ۽ جرماني طور رقم وٺي ٿو.

مطلب تہ قرآني قانون جي ابتڙ قرآني قانون ۾ زنا بالجبر ۽ زنا بالرضا جي مجرمن کي سنگسار ڪبو يا سو 100 ڪوڙا هڻبا. مطلب تہ اها سزا سڌو قرآن ۽ نبي جي طريقي جي خلاف آهي اسلامي ملڪ ۾ اسلام جي خلاف قانون انگريزن جا ناهيل قانون اڄ تائين اسان جي عورتن ۾ نافذ آهن ۽ اهي قابل استعمال ۽ معتبر حيثيت رکن ٿا باقي اسلامي قانون (دقيانوسي انتها پسندي) جو درس ڏيندڙ سمجهو ۽ خيال ڪيو وڃي ٿو.

مٿي ذڪر ٿيل زنا بالجبر جون جيڪي نمبر ڏنل آهن اهي سيئي صورتون زنا بالجبر جي حڪم ۾ آهن ۽ انهيءَ جي سزا اها ئي ٿيندي آهي جيڪا زنا بالرضا لاءِ مقرر ٿيل آهي. پاڪستاني ڪورٽ اهو جج کي حق ڏنو آهي تہ اهو کهڙي بہ سزا ڏئي سگهي ٿو. حدود الله ۾ ترميم جو حق الله تعاليٰ پنهنجي محبوب پيغمبر کي ڪو نہ ڏنو پر پاڪستاني قانون اهو حق جج صاحب کي ڏيئي ڇڏيو آهي. افسوس! هڪ اسلامي ملڪ ۾ اسلام سان ايڏي ناجائزي.

حد قذف 496 هہ زنا جي ڪوڙي الزام جي سزا

جيڪو بہ شخص ڪنهن شخص جي خلاف زنا ڪو ڪوڙو الزام هڻي يا گواهي (شاهدي) ڏي تہ ان کي وڌ ۾ وڌ پنجن سالن لاءِ قيد ۽ وڌ ۾ وڌ 10 هزارروپيہ جرماني جو مستوجب ٿيندو.

بشرط: عدالت جو پرزائيڊنگ آفيسر مجموعہ ضابطہ فوجداري 1898ع جي (دفعہ 203 جي شڪايت خارج ڪري ۽ مجرم کي پنهنجو اظهار خيال (وجوه) بيان ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جيڪڏهن جج مطمئن ٿي تہ ان دفعہ جي هيٺ جرم ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ ثبوت جي ضرورت نہ پوندي ۽ جلدي فيصلو ٻڌائڻ لاءِ ڪاروائي عمل ۾ آڻيندو"

(ترجمو ڪيل تحفظ حقوق نسواب بل:88).

وضاحت: دفعہ 203 ۾ "تزڪيہ شهود" ڪان مراد ڪنهن گواهہ جي ساک جي باري ۾ تسليءَ جي لاءِ عدالت جي طرفان اختيار ڪيل تحقيقات جو طريقي ڪار آهي".

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ زنا جي تهمت هڻندڙ لاءِ 80 ڪوڙا مقرر ڪئي آهي ۽ پاڪستاني قانون مطابق وڌ ۾ وڌ 5 سال يا 10 هزار روپيہ جرمانو. الله تبارڪ وتعاليٰ جي قانون جي بلڪل خلاف شل الله پاڪ پاڪستان جي حڪمرانن کي سمجهہ ۽ هدايت ڏئي تہ سامراج قوتن جي چنگل ڪان پنهنجي جان ڇڏائين ٻين سيني درن کي ڇڏي الله تبارڪ وتعاليٰ جو در پڪڙين تہ ٻنهي جهانن جو ڀلو ٿيندن. حڪمران بہ انهيءَ مسئلي ۾ سنجيدگيءَ سان ڪو نہ ٿا ڪو لاءِ عمل ناهين جيڪو بہ وينو آهي ڪرسي تي انهيءَ کي صرف ۽ صرف پنهنجي ڪرسي جي ڪشادگي جو فڪر آهي ۽ آمريڪا سرڪار جي خوش ڪرڻ جو فڪر آهي پوءِ ڀلي قوم ۽ ملڪ ڪهڙي بہ عذاب جي زندگي بسر ڪن ڪير مئو ڪير بچو حڪمرانن کي اهو معلوم ڪرڻ جي واندڪائي ئي ڪونهي اليڪشن جي دور ۾ ووٽ وٺڻ لاءِ پنجن. ڏهن سالن جو عذرخواهيون رهيل ياد ايندڙيون آهن زندهہ انسان ڪهڙي عذاب ۾ آهن ڪرسي ڪانپوءِ اهو پڇڻ ئي ڪونہ ايندا آهن. وجي ڪراچي

، اسلام آباد جي روشنين ۾ گهر اَڏي ويهن ٿا. غريبن جي گهرن ۾ چلهه ٻري ٿي يا نہ اها خبر لهڻ وساري ويهن ٿا. غريبن جي ووٽن تي ئي تہ ڪرسين تي ويٺا آهن.

باب چوٿون
نِفاذِ عمل

خبر جي حقيقت

خبر ٻن قسم ٿيندي آهي هڪڙي سچي ۽ ٻئي ڪوڙي جيڪڏهن خبر سچي آهي تہ اُن لاءِ شريعت ۾ حڪم الڳ آهي ۽ جيڪڏهن خبر ڪوڙي آهي تہ انهيءَ لاءِ بہ شريعت ۾ حد قذف جي سزا مقرر آهي. جيڪڏهن تحقيق مطابق خبر سچي نڪري ٿي يا مجرم جرم جو اقرار ڪري ٿو تہ ان لاءِ شريعت ۾ حد مقرر آهي. پوءِ ڏسجي تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪهڙو عمل ڪيو؟

ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ حضرت ماعز رضہ ۽ حضرت غامديہ رضہ جن اچي ٻنهي جهانن جي سردار اڳيان پاڻ پيش ڪيو پوءِ حضور عليہ السلام جن انهن کان پڪ وٺڻ لاءِ اهڙو عمل فرمايو جو جنهن ٻاسي کان اچي چون پيا حضور عليہ السلام منهن مبارڪ ٻئي طرف پيا ڪن تفصيل هي واقعو گذريل صفحن تي اچي چڪو آهي.

سوال ڪرڻ امام يا قاضيءَ جو حق آهي

اهڙي طرح فقہ جي ڪتابن ۾ بہ اهڙي قسم جون عبارتون ملن ٿيون مثلاً هدايہ ۾ جڏهن زنا جا شاهد شاهدي ڏين ٿا تہ انهن کان امام يا قاضي (فيصلو ڪندڙ) پڇي.

واذا شهدوا يسالهم الامام عن الزناءِ ماهو وکيف هو واين زنيٰ ومتيٰ زنيٰ ولمن زني لان النبي عليہ السلام استفسر ماعز عن الکيفية وعن المزنية ولان الاحتياط في ذالک واجب. (ماخوذ هدايہ جلد 2 ڪتاب الحدود).

ترجمو: ”۽ جڏهن شاهدي ڏين (گواهہ) سوال ڪندو انهن کان اما زنا جي باري ۾ تہ زنيٰ ڪئين ٿيندي آهي. ڇا آهي اها ڪئين ٿيندي آهي. ۽ ڪٿي زنا ٿي ۽ ڪڏهن ٿي“ نبي سائين حضرت ماعز کي زنا جي متعلق پڇيو اهو احتياط ڪرڻ ضروري آهي.

ٻئي جڳهه آيل آهي تہ

وقالوا رايناه وطيها في فرجها كالميل في المكحلة.(هدايہ ايفياً)

ترجمو: ”۽ چوندا اهي (شاهد) ڏٺوسين اسان وطيو ڪندي انهن کي (مخصوص عضون جو ميلاپ) جيئن سرائي سرمي داڻيءَ ۾“

ٻئي جڳهہ تي آيل آهي تہ:

فاذا تم اقراره اربع مرات سالہ عن الزنا فاذا بين ذالک لزمہ الحد لتمام الحجة. (هدايہ الحدود)

ترجمو: ” جڏهن پورو ٿي اقرار چا دفعہ سوال ڪندو قاضي زنا جي ڪيفيت وقت حالت بابت. پوءِ جڏهن بيان پورو ٿئي تہ ۽ ظاهري ٿئي واضع ڳالهہ لازم ٿيند حد دليلن جي پوري ٿيڻ سان.

جيڪڏهن شاهد شاهدي تان رجوع ڪري تو تہ حد نہ لڳندي

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ هوندو آهي ڪوڙا شاهد بيهاريا ويندا آهن يا پئسن جي لالچ ڏني ويندي آهي ۽ پوءِ جڏهن انهن کي آخرت جو فڪر ٿيندو آهي تہ وري شاهدي تان رجوع ڪندا اهن جيڪڏهن شاهدن رجوع ڪيو تہ حد نہ لڳندي.

حوالہ:

1. (فان امتنع الشهود من الابتداءِ سقط الحد)لانہ دلالة الرجوع وكذا اذا ماتوا او غابوا في ظاهر الروايةلفوات الشرط.(فتح القدير صفہ 214)

تشريح: مذڪوره عبارت مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن شاهد شاهدي وقت حاضر نہ هئا ۽ الله جي خوف کان شاهدي تان رجوع ڪيائون، غائب رهيا يجي ويا تہ شرط فوت ٿي ويا حد نہ لڳندي.

2. ولا يحد دلالة الرجوع اذا لَمَ تكن لكن دلالة قطيعة الخ.(فتہ القدير ايضاً)

3. ولا يُقيم المولٰي الحد علٰي عبده الا باذن الامام. (فتح القدير كتاب الحدود)

ترجمو: ”نہ قائم ڪندو حد مالڪ پنهنجي ٻانهي تي بغير اجازت امام جي“معلوم ٿيو تہ حد لڳائڻ (سزا ڏيڻ) جو ڪم امام يا قاضي جو آهي نہ ڪي عام ماڻهو جو.

فتح القدير ۾ آيل آهي تہ:

4. (الزنا يثبت بالبينة والاقرار) المراد ثبوت عند الامام لان البينة دليل ظاهر. وكذا الاقرار لان الصدق فية الخ (فتح القدير في الحدود)

5. فان لم يحد المشهود عليہ حتيٰ رجع واحد منهم حدو جميعا و سقط الحد عن المشهود عليہ. (فتح القدير في الحدود صفہ 287)

اهم ۽ قابل توجہ ڳالهہ:

(وان شهد اربعة علي امرات بالزنا وهي بكر دري الحد عنهما وعنهم) لان الزنا لا يحقق مع البقاءِ البكارة......... ان النساءِ نظرن اليها فقلنا انها بكر شهادتين حجة في اسقاط الحد. (فتح القدير في الحدود)

ترجمو: جيڪڏهن شاهدي ڏين چار شاهد عورت جي زنا تي ۽ اها عورت (جنهن تي الزام لڳو) ان جو ڪنوارپ جو پردو باقي هيو. حد نہ هٽبي انهيءَ عورت تي ڇو تہ زنا نہ ٿي ثابت ٿي باقي ڪنوارپ جي هجڻ جو عورتون جيڪڏهن شاهدي ڏين تہ اها ڪنواري آهي. شهادون هجڻ آهي حد جي ڪِرڻَ جون.

موجوده عبارت کي ذهن ۾ رکي هڪڙي بئي ڳالهہ بہ ذهن جي خزاني ۾ گردش ڪري رهي آهي تہ انسان نہ ڄاڻ ڪيتري ترقي ڪئي آهي پوءِ بہ انهيءَ جي ڄاڻ وٺڻ حقيقيت کي معلوم ڪرڻ نقصان کان بچڻ وساري ويندا آهن. موجوده دور ۾ سائنس جي ذريعي اهو معلوم ٿي سگهي ٿو تہ پيٽ واري عورت کي پيٽ ۾ ٻار آهي يا نہ؟ نہ تہ پوءِ اها خبر لهڻ ڪا مشڪل ڪونهي تہ متاثر عورت سان زنا ٿي آهي يا نہ؟

مهراڻ ڌرتي جا رهواسيو! جڏهن دنيا ۽ دين ۾ هر ڳالهہ جو حل آهي تہ پوءِ قتل ڪرڻ وقت ٿورو صبر ڪيو ۽ سوچو ڪٿي آءُ غلطي ۾ تہ نہ آهيان. ڪنهن

نيڪ صالح ليڊي ڊاڪٽر وٽ وڃي شرافت سان ”چيڪ اپ“ ڪرائي دل ۽ دماغ کي تسلي ڏيئي پوري زندگي جي پريشاني، پڇتاءُ کان پاڻ کي بچائي، پل پل يادن ۾ ٻرڻ جئي جوڙڻ کان پاڻ بچايو!

فيصلي ڪندڙ سرپئنچن کي گذارش ٿي ڪجي ته حقيقت کي جاچڻ حقائق کي ڳولڻ توهان تي فرض آهي. تنهنڪري جديد سائنس جي سهولت مان فائدو وٺجي.

(1) نيڪ صالح، ايماندار ڊاڪٽر عورت جي رپورٽ اچڻ کان اڳ ڪو به فيصلو نه ڪيو.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن جي زنا جي شاهدي ڪٽي اچي ته توهان پنهنجي طور ان کي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ليڊي ڊاڪٽر جي تصديق آهي؟

(3) فيصلي ٻڌائڻ وقت هي ضرور سوچو هي ڪنهن جي زندگيءَ ۽ موت، عزت ناموس جو مسئلو آهي.

زاني مرد ۽ عورت جي لاءِ شريعت ۾ سزا

جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کان ڪوئي گناهه ٿي پوي ته پوءِ ان جو حل ڳولڻ گهرجي ان کي گهرجي ته پهريائين اسلامي تعليمات ۾ ان جو حڪم معلوم ڪري جيڪڏهن انهيءَ جو حل اسلامي قانون ۾ آهي ته اهو سڀ کان پلو آهي ۽ فرض به آهي ته الله تعاليٰ جي احڪامن تي هلڻ گهرجي. قران پاڪ ۾ الله تعاليٰ زاني مرد ۽ عورت جي سزا مقرر ڪئي آهي. ته پوءِ ٻين جڳهن تي ڇو ڏڪا کائجن.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

الزانية والزاني فاجلدوا کُل واحد منهما مائة جلده الخ (النور2)

ترجمو: ” زاني مرد ۽ زاني عورت (ڪارو ۽ ڪاري) پوءِ هڻو هر هڪ کي انهن ۾نهي مان سئو لڪڻ ۽ نہ وٺي توهان کي ۾نهي تي نرمي الله جي دين ۾ جي توهان يقين رکو ٿا الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ پل ڏسن انهن جي سزا کي ڪجهہ مسلمان“

هي حڪم تڏهن آهي جڏهن شاهدن جي بنياد تي زنا ثابت ٿئي پوءِ حڪم آهي زانين کي ڪوڙا هڻو. وري شادي شده ۽ غير شادي شده لاءِ حڪم الڳ آهن.

الرجم للثيب الجلد للبكر (صحيحي بخاري صفہ جلد)

ترجمو: ”شادي شده جي حق ۾ ان کي سنگسار ڪبو ۽ غير شادي شده لاءِ سئو 100 ڪوڙا هڻو“

هي فرمان ۾نهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو آهي جيڪو مٿي ذڪر ٿيل آهي. فقہ جي ڪتابن ۾ آيل آهي تہ:

1. واذا وجب الحد وكان الزاني محصناً رجمة بالحجارة حتيٰ يموت لانہ عليہ السلام رجم ماغر وقد حصن. (هدايہ في الحدود)

ترجمو: ”جڏهن واجب ٿئي حد ۽ زاني پرڻيل هجي تہ ان کي پٿرن سان سنگسار ڪبو جيسيتائين مري وڃي ڇو تہ حضو عليہ السلام حضرت ماغر رضہ کي سنگسار ڪيو هو ۽ بيشڪ هو پرڻيل هو“

2. ويخرجہ الي ارض ويتبدء الشهور برجمہ ثم الامام ثم الناس.

(ماخوذ فتح القدير يرصف).

ترجمو: ”ڪڍيو ويندو زانين کي ميدان کليل ۾ هٽندو شاهد پٿر پوءِ امام (يا قاضي) پوءِ ماڻهو“

جنهن تي حد لڳي ان کي غسل ڏبو:

(3) (يغسل ويصلي عليہ) لقولہ عليہ السلام في ماغر ”اصنحوا بہ كما تصنعون بموتاكم“ ولانہ قتل بحق فلا يسقط الغسل كاالمقتول قصاصاً. (فتح القدير صفہ)

ترجمو: ”جنهن تي حد لڳي ان کي غسل به ڏيو ان کي جئين غسل ڏيندا آهيو پنهنجي مُردن کي“

”وصلي النبي عليه السلام علي الغامدية بعد ما رجمت (حديث)
ترجمو: ” نماز پڙهي نبي سائين ﷺ غامديه رضه تي رجم کان پوءِ“
”اڳتي فتح القدير وارو لکي ٿو اهو قتل ڪيو ويو حق ٿي پوءِ نه ڪرندو انهيءَ تان (غسل ڏيڻ) جيئن مقتول قصاص ۾“

ڏٺو وڃي ته ڪاروڪاري جي قتل ۾ جيڪي حقيقت ۾ غيرت جاقتل هوندا آهن انهن ۾ ڪو به قتل ٿل لاش کي نه ڪفن ڏيندا نه غسل ڏيندا نه جنازي نماز پڙهائيندا ڄڻ ڪو جانور مري ويو. اسان ميجون ٿا ڪارو ڪاري جو قتل ۽ حد شرعي جو مقتول الڳ آهن پر پوءِ به انسانيت جي رشتي مطابق ان جو ڪجهه ته احترام ڪجي.

فتح القدير جي مصنف ڪتاب ۾ لکي ٿو ته.
(4) ولا يجرد من ثيابه)
ترجمو: نه خالي ڪبو نه (لاهبا) ڪپڙا جنهن تي حد لڳي (هي حڪم عورت لاءِ آهي).
(5) وينزع عنه ثيابه معناة دون الازار (هدايه في الحدود)
ترجمو: لاٿا ويندا انهيءَ کان ڪپڙا پر گوڏ يا شلوار نه لاهبي (هي حڪم مرد لاءِ آهي).
(ڏوهاريءَ کي سزا ڏيڻ وقت چند ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي)

(1) ڏوهاري کي ڪوڙا اهڙي ريت هنيا وڃن جو ان کي جسماني تڪليف ته پهچي پر ان کي رتورت نه ڪري ڇڏي. هڻڻ وارو ڪوڙا اهڙي ريت هڻي جو ان جا بغل نه کلن.
(2) ڏک وچٿرو هڻڻ گهرجي مقصد ڏوهاريءَ کي (سزا) ايذاءُ رسائڻ آهي سندس کل اڌيڙڻ مقصد نه آهي.
(3) ڪوڙا هڻڻ محل مرد جا ڪانچ ۽ گوڏ کان سواءِ سڀ ڪپڙا لاهبا. پر عورت جا ڪپڙا نه لاهبا. مرد کي بيهاري ۽ عورت کي ويهاري ڪوڙا هڻبا.

(4) سخت سيءُ، گرميءَ ۾ ۽ ڏي ڪري ڪوڙا هڻڻ جي منع آهي.
(5) بيمار جيستائين چاڪ چڱو ڀلو نہ ٿئي تيستائين ڪوڙا نہ هڻبا.
(6) پيٽ واري عورت کي سزا نہ ڏني ويندي جيستائين ٻار ڄڻي ٻار کي کير پياري.

قرآني سزا قتل ڪندڙ لاءِ

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي تہ :

ومن يقتل مومنا متعمدا ً فجزاؤه جهنم خالدا فيها وغضِب
الله عليہ ولعنہ واعدلہ عذابا عظيما. (النساءِ 93)

ترجمو: ”۽ جيڪو قتل ڪري مسلمان کي ڄاڻي واڻي پوءِ سزا ان جي جهنم آهي هميشہ رهندو ان ۾ ۽ ڪاوڙيو آهي الله انهيءَ تي ۽ لعنت ڪيائين ان کي ۽ تيار ڪيائين انهيءَ لاءِ عذاب وڏو“

جنهن غيرت ۾ اچي يا لالچ ۾ اچي قتل تہ ڪيو ان لاءِ بہ پلا ڪو قائدو قانون آهي يا نہ؟ اهو ڏسڻ چو ٿو وساريو وڃي تہ انهيءَ قاتل ڪنهن جي چوڻ تي قتل ڪيو آهي.

مٿي آيت ۾ آيل سزا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان آهي تہ جهنمي آهي لعنتي آهي. الله ڪاوڙيل اٿس. پوءِ پلا جنهن تان الله ڪاوڙيل هجي الله ناراض هجي انهيءَ جو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪهڙو ڀلو ٿيندو؟ چند ٽڪن جي عيوض دنيا ۽ آخرت وڃائي ويٺو. گهڻا ڏينهن دنيا جي دولت هوندس ڇا قبر ۾ بہ ڪٽي ويندو؟

مسلمان حڪمرانو! ”جرڳہ ڪميٽي“ جي سرپرستي، وڏيرن کي ايتري ڇوٽ نہ ڏيو انهن کي عدالتن جيتري قانون جيتري اهميت نہ ڏيو. اهي بي گناهن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فخر سان زمين تي گهمندو رهي ۽ مفاد پرست وڏيرا انهن جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکن ٿا تہ تون غيرت وارو ڪم ڪيو آهي. پوليس ۽ ڪورٽ ڪچهريءَ جي چڪرن کان بچائڻ وارو. هي ڪاٿي لکيل آهي تہ شڪ ۽ شبهي جي بنياد تي قتل (ڪارو ڪيو) ۽ انهيءَ جي ڏيءَ، ڀيڻ کي عيوض ۾ ڏنو ويو.

ڪارو ڪاري ”رسم“ جي اوٽ ۾ حرام خور وڏيرا مُقَدمُ (اڳواڻ) پنهنجو پيٽ ڀرين . اڌ رقم پاڻ ٿا کائن اڌ رقم پوليس کي کارائي ڪيس تان هٿ مٿي ٿا ڪري ڇڏين. بس خون معاف ٿي ويو. جيئن ان لاءِ ڪو قانون نهيو ئي ناهي.

حد شرعي ڇو لڳائبي آهي؟

حد شرعي ڇو لڳائبي آهي، ڇا جي لاءِ حڪم ٿيو آهي ۽ انهيءَ جو ڪهڙو ضرور آهي اهڙي قسم جا سوال ڪوڙ سارا انسانن جي دماغن ۾ گردش ڪندا رهندا آهن. حد لڳائڻ جو حڪم ڪنهن انسان ۽ ملن، مولوين، علماءِ ڪرام جو هٿ جو ناهيل ڪونهي پر ان تي واويلا جيترا ڪيا وڃن ٿا. ڇڻ انهيءَ سان ڪنهن جو ڪو ذاتي فائدو آهي حقيقت ۾ انهيءَ حدود جو نفاذ ٿيڻ هڪڙي قسم جي برڪت بہ آهي الله تعاليٰ جو حڪم بہ آهي.

(ولکم في القصاص حيٰوة يا ولي الکتاب لعلکم تتقون. (البقرة 179)

ترجمو: ۽ توهان لاءِ قصاص ۾ حياتي آهي اي عقلمندو! ۽ اميد آهي تہ توهان ناحق خون ڪرڻ کان پرهيز ڪندو (بچندا رهندا).

فقہ جي ڪتاب ۾ بہ انهيءَ جو ذڪر آهي.

1. ولان الحد حق الله تعاليٰ لان المقصد منها اخلاءِ العالم عن الفساد

(فتح القدير ڪتاب الحدود حاشيہ)

ترجمو: ”بيشڪ حد حق الله تعاليٰ جو آهي مقصد انهيءَ حد لڳائڻ جو خالي ڪرڻ دنيا کي فساد کان“.

ٻئي جڳهہ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ومن لم يحکم بما انزل الله فاولٰئک هم الظٰلمون. (المائده 48)

ترجمو: ”۽ جيڪي نہ ٿا ڪن فيصلو جيڪو (حڪم) نازل ڪيو الله تعاليٰ پوءِ اهي ماڻهو ظالم آهن“

مذڪوره عبارتن جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن اسين ڏسون تہ واقعي اسلام هڪ ڏوهاري کي (قاتل کي) قتل جي سزا ڏئي هزارين معصوم انسانن جي جانين

کي ضايع ٿيڻ کان بچائي وٺي ٿو. اسلام هڪ زاني ۽ زانياڻيءَ کي سزا سنگسار ڪري بيشمار مردن ۽ عورتن کي عزت ۽ عصمت جي حفاظت جا سبب مهيا ڪري ٿو. تهمت هڻڻ وارن کي ڪوڙا هڻي ڪيترن ئي انسانن جي عزت ۽ احترام کي پيرن ۾ لتارجڻ کان بچائي وٺي ٿو. ۽ سماج جي شريف ۽ صالح انسانن لاءِ سراسر رحمت ۽ ٻاجھ آهي.

ڏوهارين کي سخت سزائون ڏيڻ جو مطلب هيءُ نہ آهي تہ ڪو اسلامي حڪومت ۾ خوف ۽ حراص جو ماحول لڏو وڃي.

حقيقت ۾ اسلامي هڪ اهڙي سڌريل سماج جي حل ڪريٿو جتي ڪو ڏوھ ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم هجي اوهين رسالت ۽ خلافت واري دور تي نظر ڊوڙايو. سنگسار ڪرڻ ۽ قصاص وغيره جو سزائون تن جو تعداد صفا ٿورو آهي. اهو ثبوت آهي تہ اسلام جو تربيتي اخلاقي نظام سماج مان ڏوهن جو گهڻي ڀاڱي خاتمو ڪري ٿو.

جنهن کي الله تعاليٰ ۽ سندس رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڏوھ ۽ گناھ قرار ڏنو آهي پوءِ ڀلي اهو ٻئي جي راضپي سان ڇو نہ ڪيو وڃي. تنهن ڪري اسلام ۾ عورت ۽ مرد جي راضپي سان زنا ڪرڻ سزا جوڳو ڏوھ آهي. پنهنجي نتيجن جي لحاظ کان هڪ سڌريل سماج ۽ پاڪيزه انساني معاشري جي لاءِ تباهي جو سبب آهن.

حدود الله تعاليٰ جي حقوق مان آهن

1. تلک حدود الله فلا تعتدوها ومن يتعد حدود الله فاولٰئک هم الظالمون. (البقره 229)

ترجمو: اهي حدون آهن الله تبارڪ وتعاليٰ جون نہ وڌو انهن کان ۽ جيڪو لنگهي ويو حدون الله جون پوءِ اهي شخص ظالم آهن“.

2. قل مايکون لي ان اُبدلہ من تلقائي نفسي ان اتبع الا مايوحيٰ الي. (يونس 15)

ترجمو: ”اي پيغمبر! چئو تہ ٿيندو مون کان جو بدلايان انهيءَ کي طرفان پنهنجي رڳو آءٌ تابعداري ڪريان ٿو ان جي جيڪو حڪم آيو مون ڏانهن“

حدود کي تبديل ڪرڻ جو حق حضور عليہ السلام کي ڪو بہ ڪونہ هيو تہ موجود زماني جي حڪمرانن کي ڪنهن کي ڏنو آهي؟ جيڪي حدود ۾ ترميمي بل پاس ڪرائن ٿا. بش، بليئر کي راضي ڪرڻ خاطر الله ۽ رسول کي ناراض ڪندي دير ڪونہ ٿا ڪن.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تلڪ حدود الله ان جو رسول بہ چوي ٿو.

ان حد من حدود الله (الحديث)

فقہ جي ڪتاب هدايہ ۾ آهي

” وفي الشريعة هو المقدرة حقا الله تعاليٰ“

ترجمو: ”شريعيت ۾ اها سزا آهي مقرر ٿيل حد حق آهي الله تعاليٰ جو“

تنبيہ

ذرا غور ڪيو ”جرگہ ڪميٽيءَ “ جا ميمبرانو! ڇا انهن اسلامي اصولن جي بنيادن تي توهان جا جرگہ ٿيندا اهن. خدا جو قسم نہ امتين کي ٻڌايو تہ صحيح.

1. باهہ مان گذرن قرآن ۾ ڪاٿي لکيل آهي. تہ زاني مرد ۽ عورت کي باهہ مان گذري ڪري پنهنجي پاڪدامني جو ثبوت ڏيڻو پوندو؟
2. ظالمو! ٻڌايو تہ صحيح حديث نبوي عليہ السلام جي ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ تهمت لڳائي ڪري عيوض ۾ معصوم نياڻين کي ڏنو وڃي؟ پنهنجي من ۾ جيڪو اچي ٿو اهو توهان لاءِ صحيح آهي اهو توهان وٽ

شريعت، قانون آهي آخري فيصلو آهي. قيامت جي ڏينهن ڪهڙو جواب ڏيندا الله واحد القهار کي ۽ مالِڪُ المُلک کي؟

جڏهن قرآن پاڪ ۾ هر مسئلي جو حل موجود آهي ۽ حديث پاڪ فقہ جي معتبرن ڪتابن ۾ هر مسئلي کي چنڊي پيش ڪيو ويو آهي تہ پوءِ توهان اهڙا فيصلہ ڇو ٿا ڪيو جنهن سان سماجي اقتصادي امن امان خراب ٿيو وڃي.

قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي دربار ۾ حضور عليہ السلام اهڙن ماڻهن جي لاءِ داهيندا.

قران پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ:

وقال الرسول يا رب ان قومي اتخذو هذا القرآن مهجورا (الفرقان 30)

ترجمو: ۽ چوندو رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم يا رب بيشڪ قوم منهنجي هن قرآن کي ڇڏيو (هنن جي احڪامن کي ڇڏي ڏنو)

جڏهن قيامت ۾ الله جو رسول اسان جو فريادي ۽ اسان مجرم تہ پوءِ سوچو مسلمانو! امت جو ڪهڙو حال هوندو مجموعي طور تي اسلامي احڪامن جي نافرمانيءَ جا مرتڪب سيئي آهيون ڇا هي حڪمران هجن يا عام ماڻهو جيڪي انهن جي رعيت آهي هر هڪ شخص کي گهرجي تہ جيترو ٿي سگهي ايترو الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي ٻڌايل دين مطابق پنهنجون زندگيون ۽ معاملات اسلامي احڪامن جي تي گذارڻ جي ڪوشش ڪيون.

توبہ

توبہ ڪرڻ جي ڪيتري ئي فضيلت آهي ۽ قران پاڪ ۾ آهي توبہ ڪرڻ وارن لاءِ خوشخبري بخشش جي مغفرت آهي. اي مسلمانو! توبہ ڪيو الله وڏو مهربان آهي ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. اهو الله توهان جي ڪيل ڪمن کي معاف فرمائيندو قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

يا يهاالذين امنو توبوا الي الله توبة نصوحا عسيٰ ربكم ان
يكفر عنكم لسيا تكم ويد خلكم جنت تجري من تحتها
الانهار. (تحريم 8)

ترجمو: "اي ايمان وارو! توبہ ڪيو الله وٽ توبہ سچي سگهوئي رب اوهان جو لاهيندو اوهان کان گناهہ اوهان جاءِ داخل ڪندوَ باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون."

حديث جي ڪتابن ۾ ايندو آهي تہ الله جي رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو "حضور مان جاهليت ۾ پنهنجي زندهہ

ڏيءَ کي قبر ۾ دفن ڪيو هو. اسلام آڻڻ سان منهنجو اهو گناهه معاف ٿي ويندو؟ رحمت للعٰلمين صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو"اسلام کان اڳ (پهريائين) جيڪي گناهه ڪيا اهي معاف ٿي ويا" (الحديث البخاري)

"حضور عليه السلام جو ارشاد پاڪ آهي ته "يعني توبه ڪرڻ وارو الله پاڪ جو دوست آهي ۽ توبه ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو گناهه ئي نه ڪيو هجي" (الحديث البخاري)

ٻئي جڳهه تي حضور عليه السلام جن فرمايو آهي ته:
ترجمو: "توهان مان هر هڪ نگهبان آهي هر هڪ کان انهيءَ جي ماتحتن بابت پڇا ٿيندي" (الحديث صحيحين)

الله تعاليٰ جيڪڏهن قيامت ۾ پڇا ڪئي ته توهان کي مون عزت ڏني هئي ۽ هڪ عارضي طور تي حڪمراني ڏني هئي پوءِ انهن سان توهان ڪئين معاملو ڪيو ته ڇا جواب ڏيندو؟ اي حڪمرانو! وڏيرو. سرپنچو! قيامت جي ڏينهن ڪهڙو جواب ڏيندو؟ اهو جواب سوچي ڇڏيو. جڏهن مظلوم نياڻين جا هٿ توهان جي گريبانن ۾ هوندا.

گناهن کي روڪڻ لاءِ جماعت ضروري آهي

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي.

ولتڪن منڪم اُمة يدعون الي الخير ويامرون بالمعروف
وينهون عن المنكر و اُولَئِک هم المفلحون (آل عمران 103)

ترجمو: "۽ پل ته هجي توهان مان هڪ اهڙي جماعت جو سڏين نيڪي ڏانهن حڪم ڪن چڱن ڪمن جو ۽ روڪين بڇڙائي کان ۽ اهي ئي آهن ڪامياب".

مذڪوره آيت مبارڪ مان اهو واضع حڪم معلوم ٿئي ٿو ته معاشري ۾ اهڙا چند معزز اهل علم دانشور. عقلمند. عالم دين ۽ دنيا جي معلومات رکندڙ شخص جي هڪڙي اهڙي جماعت ناهي وجي جيڪي سماج جي براين کي پاڪ

۽ صاف ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ۽ ڪمر بستہ هجن. جنهن جو منشور انسانيت جو فائدو. انساني نسلن جو بقاءُ ۽ ترقي، تعليم، رهنمائي هجي.

جيئن شهري پنهنجي حقوق ۽ پنهنجي بقا لاءِ ڪميونٽي تنظيم ناهي ڪري پنهنجي بقا پنهنجي حقوق جي پاسداري لاءِ ڪجهہ معتبر شخص مقرر ڪندا ان ۽ پنهنجي قومن جي بقا لاءِ ”يونين ليڊر“ قومپرست ليڊر، مطلب هر هڪ پنهنجي قومي بچاءُ ۽ حقن جي خاطر حڪومت کان پنهنجا مطالبہ مڃائڻ لاءِ منظلم مضبوط، حڪمت عملي جوڙي ويندي آهي.

اهڙي طرح قبائلي جهڳڙا، هندن جون رسمون (ڪاروڪاري) جهڙين نسل ڪشي جي رسمون ۽ انهن کي سماج مان بلڪل ختم ڪرڻ لاءِ ڪي جوڳا اپاءُ وٺا وڃن ۽ سنڌي قوم جي نسل کي تباهي جي ڪنارن تي پهچائيندڙن جي منصوبي کي ناڪام بڻايو وڃي.

حضور عليہ السلام جن فرمايو:

اَنصَر اخَاکَ ظَالماً وَ مَظلُوماً

ترجمو: ”مدد ڪيو پنهنجي ڀاءُ جي چاهي اهو مظلوم هجي يا ظالم“

تشريح: ڪارو ڪاري جي رسم کي ختم ڪرڻ جو ڪوشش ۾ ٻنهي جي مدد ڏيندي. مظلوم نياڻين جي مدد ان کي قتل ڪرڻ کان بچائڻ ظالم جي مدد انهيءَ کي قتل ڪرڻ کان روڪڻ.

اسان زنا ڪندڙن کي قتل ڪرڻ جي حق ۾ آهيون پر شريعي طريقي موجب جنهن ۾ ڀلائي، رحمت جو وسڻ، حدود جو نافذ ٿيڻ جي ڪري انسانن جي دلين تي الله تبارڪ وتعاليٰ جي قانون جو رعب ويهجي ويندو ۽ اهڙا جرم گهٽجي ويندا اجا بہ هجڻ جي برابر ٿي ويندا.

تفسير روح المحاني ۾ آيت ڪريم ”اکون ظميرا ً للمجرمين“ جي ضمن ۾ هيءَ حديث نقل ڪئي وئي آهي.

رسول اللہ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نے فرمایا؛ قیامت کے دن آواز دی جائیگی کہ کہاں ہیں ظالم لوگ اور ان کے مددگار یہاں تک کہ وہ لوگ جنہوں نے ظالم کے ''دوات قلم'' کو درست کیا ہے۔ وہ سب ایک لوہے کے تابوت میں جمع کر کے جھنم میں پھنک دیئے جائیں گے۔

(ماخوذ تفسیر معارف القرآن از مفتی شفیع دیوبندیؒ)

هي قرآن ۽ سنت جي اها تعليم هئي جنهن دنيا ۾ نيڪي، انصاف، همدردي ۽ خوش خلقي پکيڙي ڇڏي.

غور ڪيو! اڄ اسان جي ملڪ مان قرآن ۽ سنت جي تعليم کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. رحمت للعٰلمين ۽ جانثار صحابہ ڪرام جي تعليم کي دقيانوسي، پراڻي خيالات چيو وڃي ٿو پليد ۽ حرام زادن جي قانون کي معتبر ۽ معزز ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.

دنيا ۾ زمين، آسمان، چنڊ، ستارا، سيارا سڀ الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل مشينون آهن تہ قانون، اصول، تعليم ، طريقي ڪار، انهيءَ رب جو هجڻ گهرجي.

حوش مندو! غور ڪيو جڏهن بہ دنيا ۾ ڪائي چيز شيءِ ڪو ماڻهو ڪا مصنوعات پرزو ٺاهي ٿو تہ ان جي هلائڻ جو طريقو ٻڌائي ٿو. ان جي غلط هلائڻ سان سسٽم System خراب ٿي پوندو آهي. ۽ هلڻ کان انڪار ڪندو آهي. اهڙي طرح خالق ڪائنات دنيا کي هلائڻ لاءِ قرآن پاڪ جهڙو مقدس ڪلام (قانون) نازل فرمايو؟ جنهن جي رهنمائي ۾ توهان دنيا جا معاملات هلائي سگهو ٿا پنهنجي طرح تي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ هيءَ زمين جنبش ۾ اچي ويندي آزاد ڪشمير جو زلزلوان جو مثال آهي. غلط رسم ۽ رواج کي فروغ ڏيندو تہ هن ڪائنات جو مالڪ توهان کي ختم ڪري ڇڏيندو انسانن جي ٺاهيل قانون تي اعتبار آهي ڪائنات جي مالڪ جي قانون تي پروسو ناهي. ڪهڙا نہ بي عقل ۽ بيوقوف دنيا وارا آهن. عجيب ڳالهہ اها آهي تہ دنيا وارا انهن کي عقل مند سمجهن ٿا. جيڪي سامراجي قانون کي پيلو ۽ انسانيت لاءِ فائديمند سمجهن ۽ چون ٿا. (صم بکم عُميءُ) جو فرمان شايد اهڙن لاءِ آهي انهن جي اکين ، ڪنن تي پردا ڏنل آهن جو رهنمائي ۽ هدايت جي ڳالهہ ٻڌن ئي نہ ٿا.

گناهن جي ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ گناهہ آهي

قرآن پاڪ ۾ حڪم اچي ٿو تہ:

وتعاونوا علي البر و التقويٰ ولا تعاونو عليٰ الاثم والعدوان الخ (المائده2)

ترجمو: مدد ڪيو نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ نہ مدد ڪيو گناهن ۽ براين جي ڪمن ۾“ ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي“

قرآن مجيد ۾ مسلمانن کي پاڻ ۾ نيڪي جي ڪمن ۾ تعاون ڪرڻ جو اصل وجہ بيان ڪيل آهي. جنهن جو صاف مطلب آهي تہ مسلمان ڀاءُ جيڪڏهن حق جي خلاف ظلم ۽ جبر طرف وڃي ٿو تہ ان جي مدد ناهي ڪرڻي، بلڪہ ڪوشش ڪيو تہ ان جو هٿ ظلم ۽ جبر کان روڪيو. حقيقت ۾ اها ئي ان جي صحيح امداد آهي تانتہ ظلم ۽ جبر جيڪري ان جي دنيا ۽ آخرت تباهہ نہ ٿي.

صحيح بخاري و مسلم ۾ حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ حضور عليہ السلام فرمايو:

انصر اخاک ظالماً و مظلوماً.

ترجمو: مدد ڪيو پنهنجي ڀاءُ جي چاهي اهو ظالم هجي يا مظلوم صاحب ڪرامن پڇيو يا رسول الله مظلوم ڀاءُ جي مدد تہ اسان سمجهي مگر ظالم جي مدد جو ڇا مطلب؟ حضور عليہ السلام فرمايو ”انهيءَ کي ظلم کان روڪيو اها ئي ان جي مدد آهي“.

اَلدَال عَلَي الخير کفاعِلہ (الحديث)

ترجمو: ”جيڪو شخص ڪنهن کي ڪنهن نيڪي جو رستو ٻڌائي ٿو ان جو ثواب ائين آهي جيئن ان نيڪي کي ان پاڻ ڪيو“.

صحيحين ۾ آهي تہ حضور عليہ السلام جن فرمايو:

”جيڪو شخص ماڻهن کي هدايت ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي تہ جيترا ماڻهو ان جي دعوت تي نيڪ عمل ڪندا ان سيني جي برابر ان کي ثواب ملندو ۽ هن جي ثواب ۾ بہ ڪائي ڪمي نہ ايندي. ۽ جنهن شخص ماڻهن کي گهمرائي ۽ گناهن جي طرف سڏيو تہ تہ جيترا ماڻهو ان جي سڏڻ تي آيا (شامل ٿيا) ان سيني جي گناهن جي برابر ان کي بہ گناهہ ملندو بغير ان جي گناهن ۾ ڪجهہ ڪمي ڪئي وڃي“

ابن ڪثير بروايت طبراني نقل ڪيو آهي ته ”رسول الله صلي الله عليه واله وسلم فرمايو“

”جيڪو شخص ڪنهن ظالم سان گڏ ان جي مدد ڪرڻ لاءِ نڪتو اهو اسلام مان نڪري ويو“.

(ترجمه ڪيل معارف القرآن مصنف مفي شفيع رحه)

نا اهلن جو نقصانده قانون

اسان هي عرض ڪري رهيا آهيون ”حقوق نسوان“ جو مسئلو قرآن ۽ سنت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم سان وابسطه آهي. انهن جا احڪام ظاهر ڳالهه آهي. انهن جا ماهر علماءِ ڪرام، مفتيان عظام ۽ فقيه حضرات ڄاڻين ٿا. جيڪي انهن جي جزيئات کان واقف آهن انهن کي پٽائندڙ جوڳه عمل. سماجي جوڙجڪ جو علم حاصل جيڪو انهن کي قران و حديث جي ذريعي مليو. نه ڪي ماڻهو جن کي قرآن ۽ سنت جو علم ئي ناهي. جنهن پنهنجي سڄي عمر انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ کي سڀ ڪجهه سمجهيو. قرآن ۽ سنت جي احڪامن کي سمجهڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي.

پاڪستان ۾ جيڪي به اقتصادي، سماجي، فلاحي ڪميٽي ٺهندي آهي ته ان ۾ گهڻو ڪري اهڙا ماڻهو هوندا آهن. جيڪي پنهنجي ڪنهن خاص موضوع تي ڪيتري به مهارت رکهندا هجن. پر قرآن ۽ سنت جي معلومات نه هجڻ جي برابر هوندي شايد ئي اسلامي قائدن، قانون جي ڪنهن هڪ اصول کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي طاقت هجين.

ظاهر ڳالهه آهي جيڪا به شئي جاهل ۽ نا تجربيڪار ٺاهيندا اها نقصاندهه يا ناقص هوندي جيڪا زياده دير نه هلي سگهندي نا تجربيڪار جيڪا به عمارت ٺاهيندو اها جلدي ڪري پوندي. جيئن ڪراچي ۾ شير شاهه واري پل جلدي ڪري پئي.

ٻئي مثال پاڪستان ۾ موجوده قانون جيڪو روز بروز ٿئي ٿي ۽ پڇي پڪڙجي وڃي ٿو ۽ پوءِ اهو فساد بدامني بي چيني، بي فڪري، بي روزگاري، لوٽ مار جي بازار گرم ٿئي ٿي.

انهيءَ ڪميٽين جي ممبران جي هٿن مان اهڙيون اهڙيون تجويزون نڪرن ٿيون. جنهن جي باري ۾ نه قرآن ۽ سنت ڪا هدايت ڏني آهي نه ئي فقهاءِ اسلام ڪجهه لکيو آهي انهن جاهلن کي قانون سازي جو پورو پورو اختيار حاصل آهي. انهن جي قانون سازي جو ماخذ خود انهن جو عقل، فڪر ۽ قياس ۽ تجربا. انهن جي سوچ جي نتيجي ۾ انهن جو ڪجهه سمجهه ۾ ايندو بي دهڙڪ قانون جي شڪل ڏني ويندي.

اهي نه سوچيندا ته اسان جي ڪهڙي ڳالهه قرآن ۽ سنت ۽ اجماع امت جي خلاف پئي ٿي ۽ ڪهڙي انهيءَ جي موافق بلڪ عملاً ان ڳالهه جو مظاهرو به ڪيو (معاذ الله) انهن کي قرآن جي صريح حڪمن ۾ ترميم ڪرڻ جو اختيار آهي.

”حدود آرڊينينس“ ۾ يورپي تعليم جي پوئلڳن آقا بش ۽ بليئر جي چوڻ تي قانون ۾ ترميم ڪري اهو ثبوت ڏنو ته اسان کي الله ۽ رسول صلي الله عليه وآله وسلم جو قانون نه کپي بلڪ جنهن کي سامراجي سرڪار پسند ڪري چڱو سمجهي روشن خيالي جو ثبوت ڏئي اهو کپي. علماءِ ڪرام ۽ پاڪستاني دانشورن جي تيار ڪيل قانون کي پوئتي ڪري بش ۽ انهن جي يارن جي پسنديده قانون کي نافذ ڪيو ويو شل الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙن حڪمرانن کي هدايت ڏئي.

قرآني احڪامن سان کلي مذاق جو مطلب ڇا؟ قرآن انهن حضرات وٽ ڪوئي ماخذ قانون ناهي بلڪ عام مطالعي جو ڪتاب آهي. جنهن جو ترجمه ڏسي ڪري انهن لاءِ مفيد مطلب هجي انهيءَ کي تائيد ۾ نقل ڪندا آهن. ۽ جيڪا ڳالهه پسند نه اچي انهيءَ کي هٽ ڌرمي سان رد ڪري ڇڏين ٿا.

هي طرز عمل ان ملڪ ۾ ڪنهن قدر شرمناڪ آهي. جنهن جي دستور ۾ اها ڳالهه طئي ٿي چڪي آهي.

1. اسلام سرڪاري مزهب هوندو

2. تمام قوانين سنت مطابق بنايا ويندا.
3. آزادي مڪمل هجي اهڙي وطني آزادي جنهن ۾ مسلمان پنهنجي مذهب، تهذيب،ثقافت، معاشري جي لحاظ کان آزاد هجي.
4. صوبہ مڪمل خودمختيار هجن مرڪز کي صرف اهي اختيارات حاصل هجن جن کي صوبا طئي ڪن.

اهي ڪجهہ ڳالهيون هيون جيڪي پاڪستان ٺاهڻ کان اڳ۾ طئي ڪيون ويون هندن ۽ مسلمانن جي مذهبي رهڻي ڪهڻي الڳ هئي ۽ ٻئي طرف انگريزن کان آزادي وٺڻي هئي، پاڪستان جو مطلب ڇا **"لاالہٰ الا الله"** جهڙا نعرا لڳن پيا. هر هڪ ان وقت ۾ ائين پيو محسوس ڪري واقعي اسان پنهنجي زندگي اسلامي طور طريقي موجب گذاريندا سين. پر افسوس خواب پورا نہ ٿيا.

ڳالهہ پئي هلي تہ سماج کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ اسان کي جلدي کي جوڳا اپاءَ وٺڻ گهرجن ورنہ ائين اسان جو نسل تباهہ و برباد ٿي ويندو نہ اسين ترقي ڪندا سين، نہ اسان کي معياري مقام تي پهچي سگهندا سين. ڇا دنيا جون آسائشون صرف ۽ صرف ٻين قومن جو حق ۽ نصيب آهن. اسان جيسيتائين پاڻ سنجيده نہ ٿيندا سين تيسيتائين ڪو بہ اسان کي صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي معتبر حيثيت ڪونہ ڏيندو اسين ترقي ڪو نہ ڪري سگهندا سين زمين جي تهہ ۾ هئا سين ۽ هميشہ اتي رهندا سين.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"بيشڪ الله نہ ٿو ڦيرائي حالت ڪنهن قوم جي جيسيتائين اهي نہ ڦيرائن حالت پنهنجي" (سورة رعد_11)

8 مارچ حقوق نسوان جو ڏينهن:

عالمي سطح تي هڪڙو ڏينهن سال ۾ "حقوق نسوان" جي نالي تي ملايو ويندو آهي. پريس ڪانفرنس جو انعقاد ٿيندو آهي. ذرائع ابلاغ خصوصي ايڊيشن ۽ اسپيشل پروگرامن جو انعقاد ۽ اهتمام ڪندا آهن. مذهبي، معاشرتي، حدود قيود

۽ علائقائي رسم ۽ رواج تي حقوق نسوان جي موضوع تي کلي ڪري اظهار خيال ڪيو ويندو آهي. اسلام دشمنن قوتن کي اهڙن ئي موقعن تي اسلام جي خلاف پرپگنڊا ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۽ عورتن جي تمام تر استحصال جو الزام اسلام تي ٿڦي ڇڏين. ۽ ڪوشش اها هوندي اٿن سندن بيانن ۾ اهڙ اسلام عورتن کي پابندين ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. ۽ اهي الزام ايتري ته زور ۽ شور سان ڇپيا ويندا اهن جو اسلام پسند طبقات به انهن غلط فهيمين جو شڪار ٿي پون ٿا.

هاڻي انهن اعتراضن جو تجزيو ڪيون ٿا. جيڪي اسلام جي خلاف ٿي رهيا آهن (عورتن کي مساوي (برابر) حقوق ناهي).

هي اعتراض ان جو بلڪل بيڪار آهي. ۽ انهن جي اسلامي تعليم کان نا واقفيت آهي.

1. عورت مردن وانگر نماز پڙهندي آهي.
2. صدقو ۽ خيرات ڪندي آهي. انهن کي مردن جي برابر ثواب ملندو آهي.

حضور عليه السلام علم جي لاءِ يڪسان هڪ جيترو حڪم فرمايو آهي. طلب العلم فريضة عليٰ کُل مسلم و مسلمة (بخاري)

ترجمو: "يعني هر مسلمان مرد ۽ عورت تي علم حاصل ڪرڻ فرض آهي".

اعتراض

هي اعتراض سراسر حقائق جي خلاف آهن ڇو ته اسلامي عورت کي 1400 سو سال اڳ ۾ معاشي ۽ معاشرتي حقوق ڏنا آهن عورت پنهنجي ذاتي جائيداد پنهنجي مرضي سان وڪڻي سگهي ٿي.

حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنهه جو مثال سيني جي سامهون آهي. اسلامي رياست ۾عورتن جا حقوق ۽ فرائض برابر آهن جهڙي طرح مردن تي فرائض عائد ٿين ٿا اهڙي طرح عورتن تي به ڪجهه فرائض عائد ٿين ٿا. بحيثيت مسلم و مسلمه ۾ ڪوئي فرق ناهي.

باب پنجون
عورتن جي اصلاح

عورتن جي اصلاح بابت پغمبري تعليم:

حضور عليہ السلام جن جي زندگي اسان مسلمان لاءِ نهايت بهترين دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي مطابق درس ڏئي رهي آهي. صرف مسلمانن لاءِ نہ بلڪ پوري ڪائنات ۽ انسان جنن، پکين، جيتن لاءِ ڪامياب طريقيڪار آهي.

عورتن سان سهڻي سلوڪ بابت حضور عليہ السلام جي تعليم جيڪا پاڻ پنهنجي جانثارن صحابين کي ڏنائون. انهيءَ تعليم جو سبق ڪتابن ۾ آيل آهي تہ ”هڪ دفعي حضرت عمر رضہ شڪايت ڪئي تہ سائين عورتن جي شوخي وڌي وئي آهي. انهن کي مطيع ڪرڻ لاءِ مارڻ (ڪُٽڻ) جي اجازت هجڻ گهرجي.

وقد طاف ليلة بال محمد سبعون امراة کل امراة تشتکي زوجها فلا تجزون اولٰئک خيارکم. (ابن ماجد)

پاڻ ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم اجازت ڏئي ڇڏي. ماڻهو نہ ڄاڻ ڪڏهن کان ڀريا ويٺا هئا. جنهن ڏينهن مارڻ جي اجازت ملي ان ڏينهن ستر (70) عورتون پنهنجي گهرن ۾ ماريون (ڪُٽيون) ويون. ٻئي ڏينهن نبي ڪريم صلي الله عيلہ وآلہ وسلم جي گهر تي فريادي عورتن جو هجوم تي ويو. ۽ ماڻهن کي جمع ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو. خطبو ڏنو ويٺي (حضور عليہ السلام) ۽ فرمايو ويو انسانن کي ان حقيقت کان آگاهہ فرمايو. جذبات جي فرواني ۽ حسيات جي نزاڪت ۽ انتها پسندي جي جانب رسيل آهي. ۽ انعطاق (ڪنجڻ) عورتن جي فطرت ۾ آهي انهيءَ فطرت تي الله انهيءَ کي پيدا ڪيو آهي. اها انوثيت جي لاءِ عيب ناهي. ان کي فطرت تي قائم رکي ڪري ئي فائدو وٺي سگهو ٿا. جيڪڏهن ان کي مردن وانگر سيدو ۽ سخت بنائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان کي ڀڃي ڇڏيندو“. (حديث).

الله تعاليٰ عورتن جي اصلاح جي لاءِ هڪ بهترين تدبير

قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي.

وَالتي تخافون نشوزهن فغظوهن واَهجروهن في المَضاجعُ

وَاضرِبوهن فان اطعنكم فلا تبغوا عليهن سبيلا..............
ان الله كان علياً كبيرا. (النساءِ 34)

ترجمو: ”۽ اهي زالون ڊڄوڻا جن جي (بد اخلاقي) کان پوءِ نصيحت ڪريو انهن کي، ۽ جدا ڪيو انهن کي بسترن ۾، ۽ مار ڪڍون پوءِ جيڪڏهن چيو وٺن توهانجو تہ نہ ڳوليو انهن کي ڪو الزام، بيشڪ الله آهي تمام مٿاهون زور وڏو“.

هن آيت ڪريم ۾ پهريان ”قوام“ جو لفظ اچي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي محافظ، منتظم، حاڪم، ۽ ذميدار، مرد کي عورت جو ذميدار بنايو ويو آهي. جاتي قانون ناقد ڪرڻ واري اٿارٽي نہ هجي اتي انارڪي ۽ انتشار پيدا ٿي پوندو.

عورتن جي اصلاح لاءِ چار اپاءَ

عورتن جي اصلاح لاءِ قرآني تعليم چار طريقہ ٻڌايا آهن.

1. **فعظوهن:** انهن کي سمجهايو وڃي.
   (الف) مڙس جا حقوق ٻڌايا وڃن.
   (ب) پر سڪون زندگيءَ جا فائدا ٻڌايا وڃن.
   (ج) جدائي (طلاق) جا نقصانات کان آگاهہ ڪيو وڃي.
2. **واهجروهن في المضاجع:** جيڪڏهن واعظ نصيحت ان تي اثر نہ ڪري تہ انهن کي (خواب گاهن) يعني بسترا الڳ ڪجن.
3. **واضربوهن:** جيڪڏهن تعلق ختم ڪرڻ سان نہ مڃن تہ انهن جي هلڪي ڦولي پٽائي لڳائجي. (مار لڳائڻ لاءِ علماءِ ڪرام، فقيہ حضرات ڪجهہ حدون، شرائط رکيا آهن انهن جي پاسداري ضروري آهي.) (ڪتاب جي طويل هجڻ ڪري انهن جو تفصيل ۾ ڪون ٿا وڃن (راقم الحروف هذا الڪتاب) ٻئي صورت ۾ پنهنجي علائقن جي علماءِ ڪرام جون خدمتون وٺڻ گهرجن اسان چند اصول لکي رهيا آهيون.

نوٽ: پٽائي جي اجازت ان کي آهي جيڪي پهرين ٻئي تدبير آزمائي چڪا هجن ان مان ڪوئي فائدو ظاهر نہ ٿيو هجي.

(2) پٽائي مان مقصد عورت جي اصلاح هجي نہ ڪي انتقام
(3) اسان جيڪڏهن پٽائي جي واقعات جو جائزو وٺون تہ زياده تر غصي جو دخل هوندو آهي. يا وري عيوضي صورت ۾ انتقام ورتو ويندو.
(4) عورت کي مارڻ جي ضرورت ئي پوي تہ ڇهري جي چوٽ (ڏڪ) کان بچايو وڃي، مارڻ لاءِ لٺ ۽ ڪوڙو استعمال نہ ڪجي.

حضرت ابن عباس رضہ فرمائن ٿا ان مقصد لاءِ (مسواڪ) ڏنڊڻ نم جو يا ڪبڙ جو استعمال ڪجي ۽ اهڙو ڏڪ هر گز نہ هنيو وڃي جنهن سان جسم تي نشان ٿي“

اسلام جي هن بهترين تعليم ۾ ڪيڏو نہ عورت جي حسن جو خيال رکيو ويو آهي.

ميڊيا وارا جيڪي ”حُدود الله“ کي ظلم چون ٿا. اهڙا مثال ڪاٿي ڳولهيا آهن توهان جي خيالن ۾ چند جاهل صفت، ۽ سنگدل مردن جي پٽائي کي ميڊيا تي ڏيکاري چونٿا اسلامي تعليمات ۽ دقيانوسي ذهن جي ماڻهن جي تعليم آهي.

انهن وحشين جي سنگدلي جيڪي لتن، مڪن، ڏنڊن ۽ سرن، پٿرن سان مارڻ پنهنجو حق سمجهن ٿا. اخبارات ۾ توهان کي اهڙا واقعات روز بروز پڙهڻ لاءِ ملندا. مڙسن جي پٽائي ۾ مرڻ وارين عورتن جون خبرون اخبارن ۾ ڇپبيون رهن ٿيون. ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڏنبو ڪٽڻ مومنن جو نشان ناهي. جاهلن جو ڪم آهي.

آيت جي آخر ۾ الله تعاليٰ جون ٻہ صفتون نقل ڪيل آهن علياً ڪبير. گويا ظلم ڪرڻ وارن مردن کي تنبيہ فرمائي آهي. تہ پنهنجي پاڻ کي وڏو نہ سمجهو سڀ کان وڏو عورتن تي ٿيڻ واري ظلم جو انتقام وٺي سگهي ٿو.

نبي سائين ﷺ جن جو ازواج مطهرات کان ترڪ تعلق

حضور عليہ السلام جن جي زندگي مبارڪ ۾ پاڻ سڳورن جي ازواج مطهرات ڪجهہ فرمائشيون رکيون هيون. پاڻ سڳورن پنهنجي گهروارين کان هڪ مهينو (ترڪ تعلق) فرمايائون احاديث جي ڪتابن ۾ تفصيل سان اچي ٿو. حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي نياڻين تي ڪاوڙيا. تہ توهان حضور جن سان فرمائش ڪري حضور جن کي تڪليف پهچائي آهي.

حضرات شخين اهو فڪر هيو تہ ڪٿي پيغمبر کي تڪليف پهچائي پنهنجي عاقبت پچاڙي نہ خراب ڪن. چو تہ حضرت جن کي اها فرمائش ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ قسم کاڌاؤن تہ هڪ مهينو گهر ۾ نہ ويندا مسجد نبوي جي ويجهو هڪ بالا خاني ۾ عليحده رهڻ لڳا. هڪ مهيني کان پوءِ آيت اختيار نازل ٿي.

يا ايهاالنبي قُل لازواجک ان ڪنتن تردن الحيٰو اة الدُنيا وزينتها......... الي اجراً عظيما.(احزاب 28)

ترجمو: اي نبي! چئو پنهنجي گهر وارين کي صاف صاف (ٻن رستن مان چونڊيو) جيڪڏهن توهان چاهيو ٿيون دنيا جو عيش ۽ بهارءِ اميراڻا ناٽ (سک) تہ اچو آءُ توهان کي ڏيان (ڏئي وٺي) توهان کي خوبصورتي سان رخصت ڪيان (يعني شرعي طريقي سان طلاق) ۽ جڪڏهن الله ۽ رسول جي خوشنودي ۽ آخرت جي اعليٰ مرتبن جي مطلب آهي تہ پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ رهڻ ۾ ان جي ڪمي انهي ۾ جيڪي توهان ۾ صلاحيتون آهن الله وٽ انهن لاءِ وڏو اجر تيار آهي.

نزول آيت کان بعد حضور عليہ السلام جن گهر آيا اول عائشہ رضہ کي الله جو حڪم ٻڌايو. انهيءَ الله ۽ رسول جي مرضي اختيار ڪئي. پوءِ سمورين گهروارين ائين ئي ڪيو. دنيا جي عيش عشرت جو تصور دل مان ڪڍي ڇڏيو. حضور عليہ الاسلام جن جون گهرواريون سڀ نيڪ ئي رهيون.

(ترجمہ تفسير عثماني)

اڳتي ٻئي جڳهہ تي ارشاد آهي تہ:

ومن يقنت منکن الله و رسولہ..........اليٰ رزقاً کريما (احزاب 31)

ترجمو: ۽ جيڪا فرمابنداري ڪندي توهان مان الله ۽ ان جي رسول جي ۽ عمل ڪندي چڱا تہ ڏينداسون انهيءَ کي ثواب ان جو ٻہ دفعا ۽ اسان تيار ڪئي آهي ان لاءِ روزي.

مذڪوره آيت ۾ ازواج مطهرات کي اها تسلي ڏني وئي آهي تہ جيڪي توهان نيڪي جا ڪم ڪنديون انهيءَ جو ٻٽو ثواب ملندو ۽ عزت جو رزق انهيءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

دراصل خطاب ازواج مطهرات کي هيو حڪم امت جي سمورين عورتن کي آهي. تنهنڪري هي تعليم ڏني وئي امت جي عورتن کي ته جيڪڏهن توهان صبر ڪيو مصيبت ۽ تنگيءَ تي ته توهان لاءِ بهترين رزق ۽ وڏو ثواب آهي. ٿوري ٿوري ڳالهه تي مڙسن سان رسڻ ۽ گهر ڇڏي ڏيڻ صبر نه ڪرڻ مومن عورت جو شان ناهي.

جيئن منڍ واقعي ۾ گذريو ته حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر فاروق پنهنجي نياڻين تي ڪاوڙجي پيا ته توهان فرمائش ڪري حضور عليه السلام جن جي دل کي رنج پهچايو آهي. ان مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته اسان به صحابه ڪرام رضوان الله اجمعين جي طريقي مطابق پنهنجي نياڻين (جيڪي مڙسن جون نا فرمان آهن) انهن جي خوامخواه طرف داري نه ڪيون. حضور عليه السلام جن اسان لاءِ هڪ بهترين استاد (معلم) جي حيثيت رکن ٿا. جيڪڏهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي گهر وارين جي فرمائش (جيڪا پنهنجي جڳهه تي جائز هئي) مڃن هان ته اج نه ڇاڻ عورتن جون فرمائشون ڪاٿي پهچن هان. صرف حقوق جي ڪري ايتري قدر فرمائيشن جي لسٽ تيار ڪن ٿيون الله جون ٻانهيون جو مڙس ويچاري جي پوري مهيني جي آمدني به پوري ڪو نه ٿي پوي عورتن جون فرمائشون پوي ڪندي ڪندي مرد حرام ۽ ناجائز ڪاروبار ڪرڻ تي مجبور ٿي پون ٿا.

حقيقت ۾ ازواج مطهرات جن جو مطالبو پنهنجي ان حق جي متعلق هيو جيڪو مڙس تي آهي پر اهو مطالبو زهد ۽ توڪل ۽ انهن ازواج جي مرتبي عاليه جي خلاف هيو. انهي لاءِ حضور عليه السام جن انهيءَ کي پسند نه فرمايو. حقيقت ۾ انهن جو عقد (نڪاح) محض فرائض زوجيت جي ادائيگي لاءِ نه هيو بلڪ حضور جن جي گهر ۾ نصف امت جي لاءِ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هيو. انهن آيات جي نزول جو ايترو ته اثر ٿيو پاڪ بيبن کي جو نان نفحو (خرچ) جو مطالبو ڇڏيائون. ۽ الله ۽ رسول ۽ آخرت کي اهڙو خيال ڪيائون دنيا جي سامان جي طرف منهن به نه ڪيو ايسيتائين جو پنهنجي محبوب رفيق سان مليون.

هڪ دفعي حضرت عمر فاروق پنهنجي خلافت جي زماني ۾ ام المومنين عائشه صديقه رضه ڏانهن سالانه وظيفو 12 هزار درهم وظيفو موڪليو خادم جي ذريعي مستحقين ۾ ورهائي ڇڏيو. حضرت عمر سائين جن کي خبر پئي ته ٻيهر موڪليائين ام المومينين ٻيهر ورهايو. خادم عرض ڪيو ته سائڻ توهان کي روزو هيو ڪئين روزو کولينديون. فرمايو ته پهريائين ٻڌايائين هان ته هڪ درهم رکان ها.

سينگار ڪري گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي منع

ٻئي جڳهه تي قرآن ۾ ارشاد آيل آهي.

وقرن في بيوتکن ولا تبرجن (الخ)(احزاب 33)

ترجمو:"۽ رهو گهرن پنهنجن ۾ ۽ نه نڪرو نڪرڻ جاهليت اڳئين جيان ۽ قائم ڪيو نماز ۽ ڏيو زڪوت ۽ چيو مڃو الله ۽ سندس رسول جو".

هن آيت ڪريمه ۾ الله تعاليٰ امت مسلم جي عورتن کي گهر ۾ ويهڻ جو حڪم فرمايو آهي ۽ فرمايو ته جاهيلت جي دور واريون ڳالهيون نه اپنايو. جيئن جاهليت ۾ عورتون بي پرده گهمنديون وتنديون هيون پنهنجي بدن ۽ لباس ۽ سينگار جو اعلانيه مظاهرو ڪنديون هيون. ان بداخلاق ۽ بي حيائي کي مقدس اسلام ڪٿي ٿو برداشت ڪري سگهي. اسلام عورتن کي حڪم ڪيو ته گهرن ۾ رهو زماني جاهليت وانگر ٻاهر نڪري ڪري حسن ۽ جمال جي نمائش نه ڪنديون وتو.

هاڻي هڪ سوال ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن ازواج مطهرات الله جي محبوب جي محبوب هجڻ جي وجه سان الله کي محبوب هيون ته پوءِ انهن سان ايترو سخت برتائو ڇو ڪيو ويو؟ انهن کي پنهنجي خرچ پکي جي لاءِ مطالبي تي ايترو رُکو جواب ڏنو ويو. ته اهل بيت مان توهان جو نالو خارج ڪيو ويندو انهن سان سخت برتاءُ انهن جي زياده مرتبي جي سبب هيو.

انما يُريد الله ليذهب عنكم الرجس.......تطهيرا (احزاب 33)

ترجمو: اي نبيءَ جون گهرواريون! (ان ظاهري سختي مان) الله جو صرف هي مقصد آهي تہ نجاست کي توهان کي پري ڪري“.

ان مان مراد ظاهري نجاست نہ هئي بلڪ روحاني پاڪيزگي ڏي متوجہ ڪرڻو هو. جيڪو انساني حيثيت جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪڏهن انسانن جي طبيعت مان ظاهر ٿيندو آهي. (والله علم بالصواب (مصنف)

ام المئومنين عائشہ صديقہ رضہ جو عمل

اسحاق تابعي هڪ نابينو شخص هيو اهو تعليم لاءِ حضرت عائشہ رضہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ سائڻ اسحاق تابعي کان پردو ڪيو. اهو چوڻ لڳو مان توهان کي ڏسي ڪونہ ٿو سگهان مون کان ڪهڙو پردو آهي. امت جي ماءُ چوڻ لڳي. ”تون مون کي نہ ٿو ڏسي سگهين مان تہ توکي ڏسان ٿي“.

(مسند احمد ترجمہ بنات عائشہ)

احاديث جي ڪتابن ۾ ايندو آهي تہ ”حضرت عائشہ صديقہ رضہ فرمايو ”جڏهن کان حضرت عمر فاروق جن منهنجي حجري ۾ دفن ٿيا تہ مان ان حجري ۾ بي پرده ڪونہ ويندي هئس ان کان اڳ ۾ ويندي هئس اڳ ۾ منهنجو پيءُ ۽ مڙس (يعني حضور عليہ السلام ۽ حضرت ابوبڪر صديق جن دفن هئا)“.

شريعت ۾ مُردن کان ڪوئي پردو ناهي پر ام المئومنين جو احتياط ڪيڏي حد تائين رهيو.

اڄ جي مسلمان عورتون بہ ٿورو سوچين پنهنجي دل کان پڇين تہ اهي ڪيتري حد تائين امان عائشہ رضہ جي سيرت ۽ ڪردار کي اپنائڻ جي ڪوشس ڪري رهيون آهن انهن کي سوچڻ گهرجي پنهنجي عورتون جو الله وٽ ڪهڙو جواب ڏينديون ۽ ڪهڙو چهرو کڻي الله جي سامهون ويندين. امت مسلمہ جي عورتن کي ڪپي تہ اهي پنهنجي زندگي کي امهات المومنين جي طريقي موجب

گذارين ۽ جيڪو بہ ڪم ڪن يا ڪوئي فيصلو ڪن اهي شريعت مطابق هجي. الله ان کي بهتر بدلو ڏيندو. (آمين)

سخت ضرورت وقت عورتن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ

عورتن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ سخت ضرورت وقت هجي نہ ڪي بي مقصد ۽ شوق شاپنگ جي ڪري نہ هجي الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي.

يا يهاالنبي قل لازواجک و بنٰتِک ....الي رحيما ً (احزاب 59)

ترجمو: اي نبي! پنهنجي گهر وارين ۽ نياڻين ۽ مومنن جي عورتن کي فرمايو (اهي بضرورت سان جڏهن ٻاهر نڪرن) تہ پنهنجي مٿانهان پير تائين لڪائڻ واري چادر وجهن. اهي با آساني سان سڃاتيون وينديون (پردي واريون آهن) ۽ نہ ايذايون وينديون ۽ الله وڏو مهربان ۽ معاف ڪرڻ وارو آهي“.

مزڪوره آيت ۾ چادرن وجهڻ جو حڪم آهي ان ۾ بدن جي ڪنهن حصي (عضوي) کي الڳ نہ ڪيو ويو آهي. ان لاءِ مٿانهان وجهڻ جو اطلاق سڄي بدن تي اچي ٿو. ۽ چهرو سڄي جسم ۾ (جڳهہ) فتني جي آهي. پوءِ اهو ڪئين عقل ۾ اچي ٿو تہ چهري کي کليو رکڻ جي اجازت ڏني وڃي. هن آيت ۾ ازواج مطهرات سان گڏ مومنن عورتن جو بہ ذڪر ڪيل آهي ان مان ثابت ٿيو تہ پردي جو حڪم تمام ايمان وارين عورتن جي لاءِ عام اهي ازواج مطهرات لاءِ خاص ناهي عموما ً مفسر حضرات وٽ اهو حڪم آهي تہ جن آيتن ۾حضور عليہ السلام ام المومنين جن سان خطاب هوندو تہ ان مان حڪم مشترڪ هوندو يعني مقصود امت جي تعليم هوندي آهي.

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ برقو وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هي پرديدار خاتون آهي ۽ شريف عورت آهي تہ پوءِ ڪنهن کي بدنيتي سان گهورڻ جو موقعو ئي نہ ملندو ڇو تہ گهورڻ سان بہ ڪافي ايذاءُ ٿيندو آهي شريف عورتن باقي جيڪي هونديون ئي شوقين تہ اهي خوش ٿينديون (مائلات مميلات يعني لاڙو ڪندڙ ۽ لاڙو ڪرائيندڙ مردن کي).

فاجره عورت جو عمل

حضرت ابوبڪر رضہ حضور عليہ السلام جو ارشاد نقل ڪري ٿو تہ ”هڪ فاجره عورتن جو فجور (گناھہ) حرڪت هزا مردن جي فجور حرڪت جي برابر آهي اهڙي طرح عورت جي هڪ نيڪي ستر صديقين جو رتبو رکي ٿي.

(ماخوذ مقام النساءِ بحوالہ الجامع الصغير صفہ 119 جلد 2).

باب ڇهون

جن عورتن تابعداري جي حد ڪري ڇڏي

(1) پٽ جي شهادت جي موقعي تي پردو نہ ڇڏيو.

هڪ عورتن جنهن جو نالو ام خلاد هيو حضور عليہ السلام جي خدمت پنهنجي پٽ جو پڇڻ آئي (جيڪو ميدان جهاد ۾ شهيد ٿي ويو) ۽ نقاب پاتل هيو. حضور عليہ السلام جي هڪ صحابيءَ ان جي استقامت تي تعجب ڪندي چيو نقاب پائي ڪري پنهنجي پٽ جو حال معلوم ڪرڻ آئي آهي. ان تي ان عورت جواب ڏنو ”منهنجو پٽ مري ويو آهي منهنجي حيا نہ مئو آهي“ پوءِ حضور عليہ السلام ان عورت کي تسلي ڏني تہ ”تنهنجي پٽ کي ٻن شهيدن جو اجر ملندو“ انهن پڇيو يا رسول الله پاڻ فرمايو” ان لاءِ تہ انهيءَ اهل ڪتاب شهيد ڪيو آهي“.

(ابو دائود)

(2) مڙس جي تابعداري پيءُ جي موت کان وڌيڪ اهم.

حضرت انس رضہ بيان ڪري ٿو تہ ”هڪ ماڻهو جهاد ۾ ويندي وقت پنهنجي زال کي نصيحت ڪئي تہ گهرجي مٿين منزل کان هيٺ نہ لهجان ان عورت جو پيءُ گهرجي هيٺين منزل ۾ رهندو هو بس ان جو پيءُ اچانڪ بيمار ٿي پيو تہ ان عورت حضور عليہ السلام سان سچو احوال بيان ڪيو ۽ پنهنجي والد جي تيمارداري جي اجازت گهري تہ حضور عليہ السلام منع ڪيو ۽ فرمايو تہ اي عورت الله کان ڊڄ پنهنجي خاوند مڙس جي حڪم جي اتباع ڪر. ان کان پوءِ چند ڏينهن ۾ پيءُ انتقال ڪري ويو. عورت پنهنجي والد جي تعزيت لاءِ پاڻ سڳورن سان ٻهير مشورو ڪيو ۽ اجازت گهري. پر حضور عليہ السلام ان کي منع ڪيو. ۽ پاڻ تشريف کڻي آيا ۽ تدفين کان بعد ان عورت وٽ خوشبخبري موڪلي تہ پنهنجي مڙس جي تابعداري جيڪري حق تعاليٰ شانہ تنهنجي والد کي بخشش ڪري ڇڏي“.

(ماخود مقام النساءِ بحوالہ (الدار منصور صفح 185 جلد 2)

مزڪوره واقعي ۾ اهو ثابت ٿيو تہ جڪيڏهن مڙس پنهنجي زال کي ڪنهن مصلحت تحت چوي تہ تون پنهنجي پيڪن ۾ نہ ويندي ڪر تہ اهو ان مرد کي حق آهي. ڏسو! حضور عليہ السلام بہ ان عورت کي اجازت نہ ڏني ۽ چيائين تہ الله کان خوف ڪر پنهنجي مڙس جي اطاعت ڪري عورت جي شادي کان پوءِ الله ۽ رسول جي فرمان کانپوءِ مڙس جو فرمان (حڪم) سڀ کان اول (وڏيڪ) اهميت وارو آهي.

پيءُ ماءُ جي حڪم کان وڏيڪ مڙس جو حڪم مڃڻ عورت تي فرض آهي.

عورت کي جائز ناهي (چند وجوهات)

حضرت معاذ بن جبل رضہ حضور عليہ السلام جو پاڪ ارشاد نقل ڪري ٿو تہ ”الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ واري عورت کي جائز ناهي مڙس جي گهر ۾ ڪنهن ٻئي کي اچڻ ڏي. جنهن کي اهو پسند نہ ٿو ڪري. اهڙي طرح مڙس جي رضامندي جي علاوه گهر کان ٻاهر نہ نڪري. ۽ مڙس جي معاملي ۾ ڪنهن جي اطاعت نہ ڪري ۽ ان کي ڳالهين ڳالهين ۾ غصو نہ ڏياري. پنهنجو بسترو ان کان الڳ نہ ڪري ۽ نہ ئي ان کي ماري. مڙس واقعي ان سان ظلم ڪري تہ ويجهو اچي ان کي راضي ڪري جيڪڏهن اهو مڃي نہ تہ گهڻو سنو ۽ الله تعاليٰ بہ ان عورت جو عذت قبول ڪندو ۽ اهو مڙس ان کان راضي نہ هجي تہ عورت جو عذر الله وٽ پهچي ويندو الله ان کان راضي ٿي ويو.

(ترجمہ مقام النساءِ) (بحوالہ الدر المنصور صفح 152 جلد 2)

مذڪوره رويت ۾ چند بهترين اصول ٻڌايا ويا آهن عورت کي پنهنجي اصلاح ڪرڻ لاءِ.

(1) مڙس جي اجازت کانسواءِ ڪنهن کي بہ گهر ۾ اچڻ نہ ڏي. چاهي اهو ڪيترو رشتي دار ڇو نہ هجي.

(2) مڙس جي رضامندي کان علاوه گهر کان ٻاهر نہ نڪري.

(3) مڙس جيڪو حڪم چوي ان جي ابتڙ بئي جو حڪم نہ مڃي (يعني ٻئي جي ڳالهہ نہ مڃي).

(4) اهڙي ڳالهہ نہ ڪري جنهن سان مڙس کي ڪاوڙ اچي.

(5) جيڪڏهن مڙس شوخ طبيعت جو آهي تہ انهيءَ کي پنهنجي ادائن سان پرچائجي.

(6) جيڪڏهن مڙس ان کان راضي نہ هوندو تہ الله تعاليٰ ان کان ناراض ٿي ويندو مڙس جي رضامندي ۾ ئي الله جي رضامندي آهي. پر جيڪڏهن مڙس ناراض تہ الله ناراض. پوءِ جڏهن الله ناراض تہ پوءِ انسان لاءِ ڇا بچيو.

شعر

شکستہ دل سے جو آہ نکلے تو فرش کیا عرش کانپ اٹھے گا
درقفس جو وانہ ہوگا تو اک دن ٹوٹ کر رہے گا
کسی کے روکے سے حق کا پیغام کب رکا ہے جواب رکے گا
چراغ ایمان تو آندھیوں میں جلا کیا ہے جلا کرے گا

عورتن سان سهڻو سلوڪ رکڻ جي باري ۾ چند احاديث

(1) عن ابي بکر العمري عن انس ان رسول الله صلي الله عليہ وسلم قال لفضل بن عباس لا ترفع عصاڪ عَن اَهلِڪِ وادبَهُم في الله يعي بالعصا الادب باليد وللسان (اڪتاب ادب النساء). (صفہ 251).

ترجمو: ”انس رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلي الله عليہ وسلم فضل بن عباس کي نہ کٽو لڪڻ گهر وارن کان انهن جي ادب لاءِ الله خاطر“

(2) خير متاع الدنيا المراة الصالحة (الحديث)

ترجمو: دنيا جي شين مان عورت صالحہ بهترين شيءِ آهي.

(3) جنهن شخص بہ نياڻيون پاليون ۽ اهي بالغ ٿيون قيامت جي ڏينهن اهو شخص ۽ مان گڏ هونداسين حضور عليہ السلام ٻنهي آڱرين کي ملائي ڪري اشارو فرمايو“.

(4) حبب من الدنيا النساءَ الطيب وجعل قرة عيني في الصلوٰة (النسائي)

ترجمو: ”منهنجي لاءِ محبوب ترين شيون دنيا ۾ عورت ۽ خوشبو آهن ۽ منهنجي لاءِ اکين جو ٺنڍڪار نماز ۾ ٻڌايو ويو آهي. (النسائي)

(5) عن عطاء بن ابي رباج ان رَجَلاً من قيس سال رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فقال يا رسول الله ماحق زوجتي علي قال تطعمها اذا تطعمت تڪسوها اذا ڪيست ولا تضرب الوجہ في البيت. (ماخوذ ڪتاب ادب انساءِ صفح 357)

ترجمو: عطاءِ بن ابي رباح کان روايت آهي هڪ شخص قيس قبيلي جو سوال ڪيو رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ”يا رسول الہ منهنجي مٿانهان زال جو ڪهڙو حق آهي“؟ پاڻ سڳورن فرمايو ”جو پاڻ ڪائو اهو انهن کي کارايو. جو پاڻ پايو اهو انهن کي پارايو ۽ منهن (چهرو) جو ڏڪ نہ هڻو“

اسلام ۾ عورت جو مقام

تاريخ ۾ ملت ابراهيمي ۾ حضرت هاجره بنياد آهي. حضرت هاجره جو خدا تي توڪل نظر اچي ٿو فرعوني طاغوتي نظام کي پٽي ڦٽي ڪرڻ جو منصوبو رب عليم ۽ حڪيم. ام موسيٰ عليہ السلام ۽ فرعون جي گهر واريءَ کان ڪم ورتو. حضرت يوسف عليہ السلام کي عزيزمصر بنائڻ ۾ الله تعاليٰ عزيز جي عورتکان ڪم ورتو.

بني اسرائيل جي آخري مسيحاڻي جي لاءِ صرف هڪ اڪيلي عورت حضرت مريم کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي وجود ۾ آڻڻ جو ذريعو بنايو. قيامت جي لاءِ انسان فلاح ۽ بقا جو پيغام جڏهن حضرت محمد صلي الله عليہ

وسلم تي نازل ڪيو تہ ان قول ثقيل (ڳرو) وزن کي سهڻ لاءِ بي چيني ۾ ”زملوني زملوني“ پڪارڻ واري سراپا تسلي ۽ چين سڪون پائڻ واري لفظن کي مٿاس هڪ عورت جا ئي هئا. اها عورت ام المومنين خديجہ الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها هئي رب ڪريم نظام نبوت کي مڪمل فرمائي قيامت تائين اچڻ وارن انسانن لاءِ راهہ عمل قائم ڪرڻ, تعليمات نبوت کي پهچائڻ واري هڪ عورت حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کي منتخب فرمايو.

اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان شهادت جو شرف پائڻ واري مڪي جي هڪ ٻانهي حضرت سميہ رضي الله عنها جو پهريون خون ڌرتي تي ڪرايو ويو.

ايثار ۽ شهادت جي ذريعي انساني حيات ۽ آبياري کي قائم ڪرڻ لاءِ شانہ نبوت حضرت فاطمہ الزهره رضي الله تعاليٰ عنها جي ذريعي حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضہ الله تعاليٰ عنهما جو نمونو بنايو ويو.

قرون اولي ۾ عورت مردن جي مدد لاءِ ميدان جهاد ۾ شريڪ ٿيون حصرت عائشہ صديقہ رضہ پردي ۾ ويهي صحابہ ڪرامن کي درس ڏيندي رهي جاهليت ۾ عورتن کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگر خريد و فروخت ڪيو ويندو هو. گهوڙن ۽ مال اسباب وانگر ترڪي (ميراث) ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو. اسلام اچي انهيءَ ظالمانہ طور طريقي کي قطعي طور تي ممنوع قرار ڏنو. الله تعاليٰ قران پاڪ ۾ فرمايو ”اي ايمان وارو! عورتن کي مرضي جي خلاف انهن کي مال ۽ ميراث سمجهي پنهنجي قبضي ۾ نہ ڪيو“. (النساءِ 19)

آمريڪي صحافڻ جي نصيحت

هيلن (Hillon) آمريڪي صحافڻ عرب ملڪن ۾ وئي ان اتي ڏٺو تہ مرد ۽ عورت گڏجڻ عام ناهي بلڪ پردو ملي ٿو ان کان متاثر ٿي ڪري اتان جي عوام جي اڳيان پنهنجي تاثرات پيش ڪيس ۽ عرب عوام جي سوسائٽي هڪ صحت مند سوسائٽي آهي ان جو معاشرتي ۽ سماجي ماحول ۽ اصول ايترا مناسب ۽ معقول آهن جو انهن کي هر نو جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قبول ڪرڻ گهرجن. هيءَ ڳالهہ تمام آمريڪي يورپين ملڪن ۾ ۽ سوسائٽي ۾ موجود ناهي.

اتي مرد ۽ عورت آزادانہ ميل ميلاپ جي عام اجازت آهي. عورت تي ڪائي پابندي ناهي. انهيءَ طريقي تي ماءُ پيءُ جو احترام نہ هجڻ جي برابر آهي ۽ هر قسم جي بي حيائي عام ٿئي وئي آهي.اي عرب مسلمان قوم! توهان وٽ عورت تي هڪ حد تائين پابندي آهي. احترام والدين ضروري آهي. ۽ معاشرتي قوانين ايترا بهتر بنيادن تي واضع ڪيا ويا اهن. جنهن جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو جو هڪ صالح معاشرو وجود ۾ ايندو. اخلاقي قدرون نشونما وٺنديون هر صنف نازڪ کي ان تي عمل ڪيو پردي کي رواج ڏيو عورت جي بي جا آزادي تي پابندي باقي رکو. اهوئي توهان لاءِ بهتر آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي ڇڏي يورپ جي انڌي تقليد ۾ اسلامي معاشرتي قوانين کي ختم ڪندو تہ اخلاقي روحاني قدر لتاڙجي ويندو“.

ٿورو غور ڪيو! هڪ غير مسلم صحافڻ عورت اسلامي معاشري جي ڪيتري اهميت ۽ فضيلت ٻڌائي ٿي ۽ ان کي اسان جي اسلامي تعليم ڪيترو متاثر ڪيو آهي. ۽ اسان جي اڄوڪي نوجوان نسل جو لاڙو تعليم ڪيترو متاثر ڪيو آهي. ۽ اسان جي اڄوڪي نوجوان نسل جو لاڙو يورپي معاشري ۽ سوسائٽي جي طرف آهي. اهي پنهنجي معاشري مان تنگ آهن ۽ اسان مسلمان انهن جي معاشري جا پوئلڳ.

جن عورتن جي ڪوشش سان مردن جي حالت بدلجي وئي

صحابہ ڪرام نبي عليہ السلام جي جانثار بڻيا انهن کي راهہ راست وٺي اچڻ واريون اها پاڳ پريون صحابياڻيون ئي هيون.

حضرت عمر بن خطاب رضہ پنهنجي ڀيڻ جي وجہ سان مشرف بالاسلام ٿيو. حضرت عثمان رضہ، سعدي بن عزيز رضہ، حضرت ابوطلحہ، پنهنجي گهر واري ام سليم جي ذريعي دائره اسلام داخل ٿيا. حضرت عڪرمہ بن ابي جهل رضہ پنهنجي زال ام حڪيم رضہ جي ذريعي اسلام جي دائري خير ۾ ڪيترا جليل القدر صحابہ ڪرام داخل ٿيا. ۽ جهنم جي باهہ کان بچي ويا.

حضور عليہ السلام جي نياڻي جنهن پنهنجي ڪافر مڙس کي بچائڻ لاءِ پنهنجي ماءُ جي نشاني ”هار“ جي قرباني ڏني جنهن کي ڏسي حضور عليہ السلام

جن جي اکين مبارڪ مان ڳوڙها وهي هليا ۽ پاڻ اصحاب سڳورن کي چيائون تہ جيڪڏهن توهان چاهيو هي جو موٽائي ڏنو وڃي ان قيدي کي ان جي هار کي پوءِ صحابہ ائين ڪيو“ (حديث).

ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ ان وقت بيبي زينب جي مڙس ابي العاص رضہ اجا اسلام ڪو نہ آندو هيو. بعد ۾ مڪي شريف وڃي اتي مشرڪن جي سامهون ايمان آندائون. بعد ۾مديني اچي بيبي زينب جن سان اچي رهيا.

امت جون عورتون! ڏسو هڪ عورت پنهنجي مڙس کي ڪئين پنهنجو قيمتي هار جي عيوض موٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ام المومنين حضرت بيبي خديجہ رضہ پنهنجو سڄو مال ملڪيت حضور عليہ السلام جي جان تي قربان ڪري ڇڏيو هر وقت حضور جن تي ۽ اسلام خاطر پنهنجو مال خرچ ڪرڻ لاءِ تيار رهندي هئي. اهڙي طرح انهيءَ جي نياڻي بيبي زينب رضہ بہ پنهنجي مڙس لاءِ پنهنجو مال زيور قربان ڪري ڇڏيا. ۽ اهڙي طرح ڏکي وقت ۾ پنهنجي مڙس جي مدد ڪيائون.

اسانکي گهرجي تہ اهڙي ئي تعليم تربيت پنهنجي نياڻين کي ڏيون تہ جيئن اهي بہ پنهنجي مڙس جي تابعداري، وفاداريءَ سان پنهنجي مڙس سان خوش گذارن ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ڏين.

دشمنن جي قيد ۾ دشمنن جو نظريو بدلائي ڇڏيو

ڇهين ستين صدي ۾ عيسائين ۽ بدهہ مذهب جي ماڻهن تاتارين ۾ پنهنجي مذهب جي زور تي تبليغ ڪئي. مسلمانن جي لاءِ دعوت تبليغ ڏيڻ جي ڪائي صورت باقي نہ رهي هئي.

پر ملتا ہے انحطاط زوال کے بعد

پر ان جي باوجود دعوت جو عمل زندهہ هيو. بانهيون ٻڌجڻ واريون ملت جون ڏيئرون تاتاري قوم کي اسلام جي قدمن ۾ آڻي ڇڏيو.

انهيءَ عظيم واقعي مان دنيا حيران آهي تاريخ خاموش آهي عورت ۽ وري ٻانهي ان جو شمار ٿي چار آهي ان لاءِ تاريخ نگارن کي ٻه نظر نه اچي سگهيون.

هي عورتون تاتارين جي جنهن به خاندان قبيلي ۾ ٻانهيون بڻجي داخل ٿيون اتي انهن قبيلن ۾ اسلام ۽ ايمان جي دولت سان انهن کي مالا مال ڪرڻ واريون بڻيون.

ذرا سوچو! مسلمانو مائرون، ڀينرون توهان ٻه اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿيون صرف همت ڪري. الله تي توڪل ڪريو توهان جو حسن سلوڪ ان بدمزاج، سختدل مرد کي بدلائي سگهي ٿو توهان ڪوشش ته ڪيو پنهنجي پاڻ کي بي موت مرڻ کان بچايو. هر ڪامياب مرد جي پويان ڪنهن نه ڪنهن عورت جو هٿضرور هوندو آهي. حضور عليه السلام جي ابتداءِ دعوي نبوت ۾ مڪي وارن جو نه مڃڻ ۽ انهنجي تڪليفين سبب حضور جن جو پريشان ٿيڻ ۽ ام المومنين خديجه رضه جون حضور جن کي تسلي ۽ آٿت ۽ اميدن جو آسرو ڏيڻ حضرت عمر سائين جي ڀيڻ جنهنجي ارادي جي مضبوطي ڏسي حضرت عمر رضه جي دل ۾ ايمان جي تڙپ حضرت پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جي ماءُ تربيت ڪئي. سندن مصيبت جي وقت ۾ سچ جي تلقين ڪرڻ ۽ ڌاڙيلن جو توبه ڪرڻ حضرت جي سچ ڳالهائڻ جي ڪري اهو سڀ ڪجهه عورت جي اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري ٿيو.

عورتن جي سڃاڻپ وارا رشتا

عورت معاشري ۾ چند رشتن جي حيثيت سان سڃاتي وڃي ٿي. اهي هر هڪ گهر ۾ پنهنجي الڳ نالن ۽ پهچان سان رهي ٿي. ڪٿي ماءُ جيجل جي روپ ۾ ته ڪٿي محبوب زال جي روپ ۾ ۽ وري ڪٿي اکين جو ٺار جگر جو ٽڪرو نياڻي جي روپ ۾. ۽ ڪٿي وري غم خوار ڀيڻ جي روپ ۾. هي معاشري جا اهڙا رشته آهن جنهن جي هجڻ جو احساس انسان کي ڪامل گهر جو ڏيک ڏئي ٿو ۽ هڪ مڪمل خاندان جي سڃاڻپ جي حيثيت رکي ٿو.

1. ماءُ جيجل

ماءُ جا ڪيترائي نالا آهن هر هڪ ٻولي ۾ ان جو الڳ نالي جي پهچان پڪار آهي. انسان جو هن دنيا ۾ اچڻ ماءُ جي ذريعي ٿئي ٿو. ۽ جڏهن ٻار ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي ته ان جو پهريون لفظ (Word) امان هوندو آهي پوءِ ڀلي اهو ڪهڙي ٻولي ۾ چو نه هجي. انسان جي پيٽ ۾ پيدائش وقت سڀ کان اول ماءُ جو کير ويندو آهي. کير الله تبارڪ وتعاليٰ جي هڪ اهم ۽ وڏي نعمت آهي. جيڪو انسان جي جسم جي هڏين جي نشونماء ڪري ٿو اها ماءُ جي عظيم هستي ئي اهي جيڪا پنهنجي اولاد خاطر هر قرباني ڪرڻ لاءِ تيار رهندي آهي. رات جي ڪهڙي ٻه پهر ٻار جي روئڻ تي پيءُ ڪو نه اٿندو. پيڻ ڪونه اٿندي. ٻار جي گندگي پيو ڪو ٻه رشتو صاف ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نه هوندو آهي. اها ماءُ جي هستي آهي جيڪا انهيءَ گندگي کي رضا ۽ خوشي سان صاف ڪندي آهي. انسان جي تربيت ۾ ماءُ جو وڏو ڪردار هوندو آهي ماءُ ئي انسان جي پهرين درسگاهه هوندي آهي. جنهن جي تربيت جو انسان تي ڪافي اثر هوندو آهي ماءُ جي عظمت هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن تي لکجي ته ڪيترائي ڪتاب مرتب ٿي سگهن ٿا ڪجهه فيصيلت اسان گذشته صفحي تي نقل ڪيون آهن.

ماءُ جي جگر جو آواز

ڪتابن ۾ هڪڙو واقعو ايندو آهي ته هڪڙي شخص جي محبت ڪنهن عورت سان هئي. عورتن جي هميشه اها عادت رهي آهي ته مرد جي محبت ماپڻ لاءِ هميشه مرد جو امتحان وٺنديون آهن پوءِ اهو زباني چو نه هجي ۽ ڪڏهن اطمنان نه هوندو اٿن فعلي امتحان جو ٻه مطالبو ڪري وٺنديون آهن سو انهيءَ شخص کي چيائين ته تنهنجي مون سان ڪيتري محبت آهي ۽ تون منهنجي محبت خاطر ڇا ڪري سگهين ٿو . عاشق مرد چيو ته مان هر هڪ امتحان مان گذرڻ لاءِ تيار آهيان. عورت چوڻ لڳي پنهنجي ماءُ جو جگر ڪڍي اچي منهنجي اڳيان پيش ڪر (محبت انڌي هوندي آهي) (Love is Blind) جي قانون تحت ان شخص چيو اهو ڪم مان ڪندس. گهر ۾ ماءُ ان جي انتظار ۾ ويٺي هجي جڏهن

اهو شخص گهر پهتو ۽ ماءُ کي گولي هني ڪري ماءُ جي سيني تي چڙهي سينو چيري انهيءَ مان جگر ڪڍيائين جڏهن جگر ڪڍي هلڻ لڳو محبوب ڏانهن ته رستي ۾ ٿابڙجي پيو گهر جي صحن ۾ جڏهن ڪري پيو ته ماءُ جي جگر مان آواز آيو ٻچڙا ڪٿي ڌڪ ته نه لڳي (الله اڪبر) هڪڙي ماءُ جي محبت ۽ شفقت ٻئي طرف ظالم محبوب جي فرمائش جڏهن ماءُ جو جگر ڪٽي عورت وٽ پهتو ته عورت چوڻ لڳي جنهن کي ماءُ جو خيال نه آيو (جنهن کي ماءُ تي رحم نه آيو) اهو مون تي ڪهڙو حم ڪندو؟؟؟؟“

دنيا جا عاشقو! عبرت حاصل ڪيو زال جي محبت ۾ ماءُ جهڙي رشتي کي نه وساريو. زال جي چوڻ تي ماءُ کي ٻي عزت نه ڪيو ماءُ مقدس جي عزت جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو آهي. زال جيون آهي دنيا جي زال کي حق ڏيڻ فرض آهي. ماءُ جو احترام ڪرڻ قرض ۽ فرض ٻئي آهن.

الله تعاليٰ حقوق الله ڪانپوءِ حقوق العباد ۾ والدين جي حقن جو ذڪر ڪيوآهي مسلمانو! خدارا! ماءُ جي هستي کي ”ڪاري“ جو لقب ڏيڻ کان اڳ۾ ٿورو حقيقيت ڄاڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪندا ڪريو. پنهنجي مقصد ۽ حوس جي خاطر قتل ڪيو ٿا شرم نه ٿو اچيوَ توهان کي؟ جنهن ماءُ جي ڪُکِ مان جنم ورتو ان ماءُ کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو ٿا. جنهن زندگي ڏني انهيءَ ماءُ جي توهان زندگي کسي ورتي. پر جيڪڏهن توهان انهيءَ قتل کي گناهه سمجهو ته به صحيحي هيوان کي گناهه جو تصور به نه ٿا ڪريو. ماءُ جي ڪير کي خون ۾ بدلائي ڇڏيو . غيرت مند سنڌي ته پنهنجي ماءُ, پيڻ, ڌي تي پنهنجي جان ڏئي ڇڏيندا آهن. پر توهان پنهنجي رشتن کي شڪ جي بنياد تي خون سان رنگين ڪري ڇڏيو ٿا. حدود الله, الله جو حق آهي توهان کي ڪنهن حق ڏنو آهي؟

والدين جي اهميت ۽ فضيلت

قران پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي

وبالوالدين احسانا. (الخ (32) (بني اسرائيل)

ترجمو: ۽ پنهنجي والدين سان سهڻو سلوڪ اختيار ڪيو ۽ انهن تي احساس ڪيو. جيڪڏهن پهچي تو وٽ ڪراڙپ کي ٻنهي مان ڪوئي يا اهي ٻئي پو نہ چئو انهن کي اف بہ نہ ڇهڻڪ ڏي انهن کي ڳالهاءِ انهن سان ڳالهہ ادبواري.

حضور عليہ السلام ماءُ جي فيضيلت بيان ڪندي فرمايو.

ان الله حرم عليكم عُقوق الامهات.

(صحيح بخاري ڪتاب الادب جلد 2 صفہ 885)

ترجمو: "بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي مئانهان ماءُ جي نا فرماني ۽ ان جي حق تلفي حرام ڪئي آهي" ٻئي جڳهہ تي حديث ۾ آيل آهي.

عن ابي هريره قال جاءِ رجل الي رسول الله صلي الله وآلہ وسلم فقال يا سول الله من احق بحسن صحابتي قال اُمک قال ثم قال امک قال ثم قال امک قال ثم قال ثم ابوک.

(صحيح بخاري ڪتاب ادب جلد 2 صفہ 883)

ترجمو: "حضرت ابوهريره جن فرمائن ٿا. حضور عليہ السلام وٽ هڪ شخص آيو ۽ سوال ڪيائين يا رسول الله سڀ کان وڏيڪ منهنجي مٿانهان ڪنهن جو حق آهي. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ٽي دفعہ فرمايو تنهنجي ماءُ جو پوءِ چوٿهين دفعي پڇڻ تي فرمايو تنهنجي پيءُ جو".

حضور عليہ السلام هڪ خوشخبري ٻڌائي"اي ماڻهوءُ! جن عورتن کي توهان مصيبت، حقير، ذليل سمجهندا هئا اهو زمانو ختم ٿي ويو هاڻي هي توهان لاءِ نعمت آهن، توهان جي گهرن جي زينت آهن، توهان جو لباس آهن، اسلام جي شان آهن، ۽ هي بہ ٻڌايو اولاد جي لاءِ ماءُ جي خدمت جو اجر حج ۽ جهاد کان افضل آهي. ايسيتائين جو انهن جو قدمن جي هيٺان جنت جهڙي نعمت رکيل آهي."

قرآن مجيد ۾ احاديث نبوي ۾ جابجا والدين جي حقوق جو ذڪر ٿيل آهي. ۽ والده، ياءُ کي انهن ۾ خصوصي اهميت ڏني وئي آهي.

ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ ”اسان انسانن کي والدين سان ڀلائي جو حڪم ڏنو آهي ان جي ماءُ ان کي تڪليف سان ان کي پيٽ ۾ رکيو ۽ تڪليف سان ڄڻيو (احقاف)

ماءُ جي قدمن جو اهو درجو آهي تہ ان مقدس ماءُ جو ڪهڙو درجو هوندو؟ جنهن کي اسانجو عقل آساني سان سمجهي نہ ٿو سگهي. هي درجو نہ ڪنهن ولي ،پير، مرشد کي مليو مقدس ماءُ جي قدمن کي هٿ لاهي ڪوئي بزرگ بڻيو گنهگار انسان جنت جو مستحق بڻيو. هي ماءُ پيغمبرن کي جنم ڏيڻ واري. انهيءَ وٽ عزت عظمت شرافت نجات جا اهڙا خزانہ رکيا ويا آهن جو بادشاهہ، پير، ولي، مرشد، ڪمانڊر، اولياء الله بہ انهيءَ جا محتاج آهن.

ذرا مسلمانو غور تہ ڪريو! توهان مقدس هستي کي لالچ ۾ اچي بنا حقيقت کي سمجهي ماءُ جهڙي هستي کي خون ۾ رنگي ڇڏين ٿا. ذرا احساس تہ ڪري ڏس دنيا جي چند گهڙين جي نالي خاطر پنهنجي قبر، قيامت، دنيا آخرت وڃائي ويهين ٿو.

محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:

اَنَا اَغيَر وَلد آدم والله اَغيَر مِني (حديث)

ترجمو: ”آدم جي اولاد مان سڀ کان وڌيڪ غيرت مند (مان) آهيان ۽ الله مون کان بہ وڌيڪ غيرت مند آهي.“ ”حديث پاڪ ۾ آيو آهي ڪاوڙ ايمان کي ائين خراب ڪندي آهي جئين ماکي کي سرڪو خراب ڪندو آهي“.

تنهنڪري جيڪو انسان پنهنجي ڪاوڙ کي برداشت ٿو ڪري اهو الله رب العزت وٽ وڏو مقبول آهي.

عورت بحيثيت زال جي

حضرت انسان دنيا ۾ جڏهن آيو تہ جنت ۾ رهڻ لڳو جيڪا هن دنيا کان مختلف آهي. جتي خدمتگار ملائڪ، خوبصورت حورون، ماکي ۽ کير جون نهرون هر قسم جا ميوا تازه ۽ وڻندڙ انهن سڀني نعمتن جي باوجود پنهنجي جنس جي نہ هجڻ جو احساس حضرت آدم عليہ السلام کي رهندو هو ۽ جنت ۾ هر قسم جي

ضرورتن هجڻ جي باوجود بہ اوپاڻڪو پيو گهمندو هو. پوءِ الله تعاليٰ انهيءَ جي ڪمي کي محسوس ڪري حضرت آدم عليہ السلام جي پاسيريءَ ۾ ڏاڏي هوا رضي الله عنها کي پيدا فرمايو. گهڻو عرصو جنت ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن دنيا ۾ اڪيلا اڪيلا ٿي لٿا تہ پوءِ بہ هڪ ٻئي جي ڳولا ڪرڻ لڳا. جڏهن هڪ ٻئي کي لهڻ کان پوءِ مليا تہ هڪ نئي زندگي جي شروعات ڪيائون ۽ هڪڙو انساني نسل وڌڻ جي شروعات ٿي پئي.

مطلب تہ عورت ۽ مرد جو پاڻ ۾ ربط هڪ فطرتي احساس آهي. جنهن جي واسطي سان هيءَ دنيا پئي هلي. زال ۽ مڙس هڪ ٻئي جو لباس آهن پوءِ هر هڪ پنهنجي لباس کي صاف سٿرو رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر افسوس ڪجھ ماڻهو پنهنجي لباس کي پاڻ خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيئن موجوده دور جا غيرتي جيڪي پنهنجي لباس کي پاڻ گندو ڪندا وتن ٿا.

(1) حضور عليہ السلام جن جو ارشاد اهي "اهو ماڻهو توهان ۾ ڀلو ۽ سٺو آهي جو پنهنجي گهر واري (زال) جي حق ۾ ڀلو هجي ۽ مان پنهنجي زالن جي لاءِ توهان کان ڀلو آهيان. (بخاري)

(2) ٻئي جڳهہ تي پاڻ فرمايائون: " منهنجي لاءِ محبوب ترين شيون دنيا ۾ خوشبو ۽ عورت آهي، منهنجي لاءِ اکين جي ٺڏڪار نماز ۾ رکي وئي آهي.(النسائي)

(3) حصور صلي الله عليہ وسلم جن حضرت معاويہ قشريہ رضہ جي سوال جي جواب ۾ فرمايو "توهان ماڻهو جيڪو پاڻ کائو انهيءَ مان انهن کي (زالن) کي کارايو. جيڪو پايو ٿا انهن مان زالن کي پارايو ۽ نہ انهن کي ماريو نہ انهن جي بُرائي نہ ڪريو".

عورت صنف نازڪ تخليق آهي تنهنڪري انهيءَ کي ڪڏهن بہ هڪ سوچ تي نہ هلائبو جيئن ڪتي حصور عليہ السلام جن فرمايو آهي تہ عورت کي جڪيڏهن نرمي ڪندو تہ اهي ڇڀي ٿي ويندي. جيڪڏهن سختي ڪندو تہ ڀڃي پوندي انهيءَ کي اعتدال سان هلايو اهو ئي حضور عليہ السلام جي تعليم جو مفهوم آهي.

ٻئي جڳهه تي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو:

ما ترکت بعدي فتنہ اضر علي الرجال من النساءِ.

ترجمو: ”نہ ڇڏيو پاڻ ڪانپوءِ فتنو وڏيڪ نقصان ده مَرَدن لاءِ عورتن کي“.

فتني مان مراد عورتن جي آزمائش ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان گهر ۾ مڙس سان تڪرار ضرور هلندو. غير ضروري فرمائشون مڙس ويچاري جي آمدني گهر جي ڪاڏي پيتي. لٽي ڪپڙي، سامان سودي ۾ پوري ٿيو وڃي. وري بيگم صاحبہ جون فرمائشون پوريون ٿيڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿيو وٺن.

عورتن جو هٿيار

هڪ داناءَ جو قول آهي ”عورت يا تہ طعنو ڏئي ڳالهہ مڃائيندي يا مسڪرائي مڃائيندي پر جيڪڏهن اهي ٻئي گڻ آزمائي چڪي تہ پوءِ روئي مڃائي وٺندي“.

اهي ٽئي هٿيار جنهن عورت وٽ اهن ڳالهہ مڃائڻ لاءِ ماڻهو انهن جي سامهو پنهنجا هٿيار لاهي ڇڏي ٿو.

شعر

ڪنهن جون ڳالهيون ڪين وٺن
ڪنهن جي ماري خاموشي ڪنهن جو ڪلڻ موت برابر
ڪي ڪي جئين جيارا ماڻهو.
استاد بُخاري

عورت بحيثيت ڀيڻ جي

ماءُ ڪانپوءِ ڀيڻ ئي اهو رشتو آهي جنهن جو انسان جي پرورش ۾ ماءُ سان حصو هوندو آهي. جڏهن امڙ جيجل ڪنهن ٻئي ڪمن ۾ مصروف هوندي آهي تہ اها ڀيڻ ئي هوندي آهي جيڪا انهن ننڍڙي ڀاءُ کي پنهنجي چيلهہ تي کڻي گهمائيندي آهي. پر جيڪڏهن ان ڀيڻ کي خبر هجي تہ معصوم ننڍڙو ڀاءُ وڏو ٿي

مون کي لالچ ۾ اچي مهندي جي بدران رت سان رنگيندو ته ڇا اها ڀيڻ انهيءَ کي ڪٽڻ لاءِ تيار ٿيندي؟ هرگز نه.

حضور عليہ السلام جن جي کير واري ڀيڻ حضرت حليمہ رضہ جي نياڻي جڏهن حضور عليہ السلام وٽ ايندي هئي ته پاڻ ادب سان اٿي بيهندا هئا. ۽ پنهنجي چادر مبارڪ انهيءَ لاءِ وڇائيندا هئا ۽ جڏهن واپس ٿيندي هئي ته کين تحفہ ڏئي رخصت ڪندا هئا.

حضرت موسيٰ عليہ السلام کي جڏهن ماءُ صندوق ۾ وجهي درياءَ ۾ ڪٽي ٿي صندوق بيهي ۽ ڪنهن جي هٿ ٿي اچي. جڏهن فرعون جي محل ۾ صندوق مان خوبصورت معصوم ٻار نڪتو ته ان کي کير پيارڻ جو مسئلو زير بحث آيو تڏهن وفد ۾ انهيءَ جي ڀيڻ به هئي جنهن چيو مان توهان کي اهڙي عورت جو ڏس ڏيان ٿي جيڪي ان کي کير پياري. هُن پنهنجي ماءُ جي لاءِ چيو الله جو واعدو حضرت موسيٰ جي ماءُ سان ڪيو هو.

اها به هڪ ڀيڻ ئي هئي جيڪا دشمنن جي قيد ۾ اسلامي لشڪر جي سپهہ سالار کي ڪڍي آئي هئي حضرت خولہ رضہ مردن وانگر جنگي پوشاڪ پاتي ۽ ڪنهن کي خبر نہ پئي تہ هيءَ ڪا عورت آهي. امير لشڪر جي پڇڻ تي ڇيائين. آءُ خولہ آهيان ضرار رضہ جي ڀيڻ جڏهن ڀائرن تي مصيبت ايندي تہ ڀينريون ڪم اينديون آهن. اسلامي تعليم موجب ڀيڻ جي حفاظت ڪرڻ ڀاءُ تي فرض آهي. هندو مذهب ۾ انهيءَ لاءِ خاص رسم ڏينهن ٿيندو آهي. جنهن کي (رڪشہ بندهڻ) رڪشہ (حفاظت) جو بنڌڻ. ڏينهن ٻئي صورت هڪ ڌاڳو ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي ٻڌندي آهي ۽ ڀاءُ انهيءَ جي حفاظت جو وچن (واعدو) ڪندو آهي.

مگر افسوس هتي تي ڀينرن جي سرن جا سودا ڪيا وڃن ٿا. ٻئي جي زال ڀيڻ جي لالچ ۾ پنهنجي ڀيڻ کي "ڪاري" ڪري ماريندا. اڪثر اخبارن ۾ اهڙين ڀينرين جون ڪوڪون ۽ داهون سنڌي قوم اهي ضرور ڏٺيون هونديون.

تقريباً اهڙيون خبرون هر روز ۽ هر هڪ اخبار ۾ هونديون آهن پر اسان انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ اسان جي مٽي ۾ ڪائي جونءَ بہ ڪونہ چرندي آهي. ڇڻ ڪنهن انسان جو نہ بلڪ ڪنهن رڍ ٻڪري جو قتل ٿي ويو.

اسان ان کي مڃون ٿا تہ ڪجھ حقيقتون بہ هونديون ۽ انهيءَ جو قصور بہ پيءُ ماءُ تي ۽ انهن جي پالينڊڙن تي هوندو آهي. جنهن وقت توهان جون پيٽرون گهرن کان سينگار ڪري نڪرن ٿيون انهيءَ وقت توهان جي غيرت ڪاڏي ٿي وڃي. ويهن ، ٽيهن 20، 30 سالن جون جوان ڇوڪريون جيڪڏهن اڪيليون يونيورسٽي ۽ ڪاليج موڪليندا تہ اهي پنهنجي لاءِ "پريمي" نہ ڳولهينديون تہ ٻيو ڇا ڪنديون؟ توهان بہ شادي نہ ڪرايو تہ پوءِ پڇي شآديون نہ ڪنديون تہ ٻيو ڇا ڪنديون؟ پاڻ معتبر ٿي ٿي زالون رکندا. پيٽرن جي پئي عمر گذرندي هن دنيا ۾ هر هڪ کي "جيون ساٿهي" گهرجي. جهڙي طرح توهان کي عورتن جي ضرورت پوي ٿي. اهڙي طرح عورتن کي بہ مردن جي ضرورت پوي ٿي. هر هڪ انسان کي پاڻ تي قياس ڪرڻ گهرجي مسلمانو! توهان پنهنجي عزت ۽ شان و شوڪت جا پاڻ قاتل آهيون توهان پنهنجي نسلن جا پاڻ قاتل آهيو.

(راقم الحروف پاڻ پنهنجي اکين سان يونيورسٽي ۾ ڏسي آيو آهيان ڇوڪرا ڇوڪريون لائبريري ۾ ڪتابن جي مطالعي بدران پاڻ ۾ گفتگو ۾ لڳا پيا هئا مطالعي جي بدران موبائل تي گانا ٻڌي رهيا هئا.

تعليم جي بهاني نياڻين جي عمر ضايع ٿيڻ لڳي

جن کي ماڻهو اهو چئي نياڻين جي نڪاح کي دير ڪن ٿا تہ نياڻي تعليم پڙهي رهي آهي. بعد ۾ نڪاح ڪبو اهي شخص انتهائي غلطي تي آهن تعليم پرائڻ ضرورت جي حدتائين آهي. جنهن جي حد وڌ ۾ وڌ مڊل يا مئٽرڪ (يعني انين ۽ ڏهين) تائين ايسيتائين تعليم حاصل ڪرڻ عورت لاءِ صحيح بہ آهي. ۽ ان جي ضرورت بہ پوري ٿي وڃي ٿي باقي انجينيئر، مينيجر، بزنس، ايئر هوسٽس، ٿيڻ ڪو ضروري ڪونهي، جيڪڏهن ڇوڪريون انجنيئر، مينيجر ، ڪاروباري پيس نہ بڻيون تہ هي دنيا (رڪجي ڪونہ ويندي. دفترن، فيڪٽرين ۾ جيڪي عورتن جو استعصال ٿئي ٿو.

عورت بحيثيت نياڻي جي

نياڻي نيڻن جو ٺار هوندي آهي ۽ ڪن لاءِ دل جو آزار جيڪي بد بخت نياڻي جي عظمت ۽ فضيلت کان واقف نہ هوندا آهن انهن لاءِ تہ ڪي جانورن جي عيوض وڪڻڻ واري شيءِ.

اها نياڻي ئي هئي جيڪي ڪائنات جي سردار نبين جي امام ڪي جڏهن ميدان جهاد ۾ زخمي ڪيو ويو تہ انهن زخمن کي ڌوئڻ واري بيبي بتول فاطمة الزهره رضہ هئي جيڪي پنهنجي زخمي پيءُ جا رت وارا ڪپڙا ۽ ڌوئي رهئي هئي ۽ روئي رهي هئي.

اها بهادر نياڻي فاطمة الزهره رضہ هئي جو جڏهن حضور عليہ السلام جي ڳچي ۾ ڪافرن جانور جو اوجهہ اڇلايو تہ مڪي جي مشرڪن کي ملامت ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي پيءُ کي ان مصيبت مان جان آجي ڪرائي.

اها فاطمة الزهره رضہ جڏهن شادي کان پوءِ حضور عليہ السلام جن وٽ ايندي هئي تہ حضور جن پنهنجي چادر وڇائيندا هئا.

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو ”فاطمة منهنجي جگر جو ٽڪڙو آهي“.

حضور عليہ السلام جن فرمايو” جنهن شخص جي مٿانهان الله تعاليٰ جي طرفان نياڻين جي ذميداري وڌي وئي ان انهن سان سٺو سلوڪ ڪيو تہ اهي نياڻيون ان لاءِ دوزخ کان بچاءُ جو ذريعو بڻجي وينديون“

ٻئي جڳهہ تي ايندو آهي:

حضور عليہ السلام جن فرمايو ”جنهن شخص ٻن نياڻين جي ڪفالت ڪئي ۽ اهي بالغ ٿيون قيامت جي ڏينهن اهو شخص ۽ مان (آءُ) گڏ هوندا سين حضور عليہ السلام ٻئي آڱريون ملائي ڪري ارشارو فرمايو“. (مسلم)

اهو حضور عليہ السلام ئي هئا جنهن پيءُ کي ٻڌايو تہ تنهنجي لاءِ ڌيءَ جو وجود ننگ ۽ عار ناهي بلڪ ان جي پرورش ۽ حق رسائي تون کي جنت جو مستحق بڻائيندي.

انهيءَ تعليم جو اثر هيو حديث جي ڪتابن ۾ ايندو آهي هڪ صحابي رسول حضور عليہ السلام جن جي مجلس ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي ڪيل ظلم جي ڪهاڻي ٻڌائي. تہ حضور ايام جهالت ۾ منهنجي گهر ۾ هڪ نياڻي پيدا ٿي. ان وقت جي سماج ۾ ٺيڪدارن مون کي چيو تہ پنهنجي نياڻي پوري اچ ورنہ اسان پوري ايندا سين حضور مان واپس گهر ويس ۽ گهر وارن کي چيس تہ منهنجي نياڻي سنيرائي ڏيو تہ ماماڻا گهمائي اچانس. گهر کان نڪتس تڪ ڪوڙر بہ ساڻ ڪيس هڪڙي ويران جڳهہ تي نياڻي کي پورڻ جو ارادو ڪيس تہ نياڻي چيو وطن آ الائي ڪهڙو مامن جو نہ پار !. نياڻي کي ڪلهي تان لاهي کڏ کوٽڻ لڳس کڏ کوٽڻ وقت جيڪا شيءِ منهنجي جسم تي پئي لڳي اها نياڻي انهيءَ مٽيءَ کي جسم تي پئي هٽائي. جڏهن قبر کوٽي پوري ڪيم انهيءَ نياڻي کي قبر ۾ وڌس تہ ابا ابا پئي ڪري.

حضور عليہ السلام کان ان صحابي پڇيو تہ سائين ڇا پلا اسلام آڻڻ سان منهنجي اهو گناهہ ختم ٿي ويندو؟ رحمة للعٰلمين فرمايو "اسلام کان پهريان جيڪي گناهہ ڪيا اسلام آڻڻ کان پوءِ اهي معاف آهن. (بخاري)

حديث رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو:

"التائب حبيب الله والتائب من الذنب كمن لا ذنب لہ (حديث)

ترجمو: "تہ بہ ڪرڻ وارو الله تعاليٰ جو دوست آهي ۽ توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو گناهہ ئي نہ ڪيو هجي".

ان وقت جي لحاظ کان نياڻي جنهن گهر ۾ پيدا ٿيندي هئي ان کي عيب سمجهندا هئا. ڇو تہ ان وقت عرب قبيلي ۾ ان دور مطابق نياڻي هڪ بوجهہ سمجهي ويندي هئي. ان کي پالي ڪري ان تي خرچ ڪري ٻئي جي حوالي ڪرڻ غيرت جي خلاف آهي. ان وقت نياڻي کي زندهہ دفن ڪرڻ هڪ "روشن خيالي" سمجهي ويندي هئي. جنهن جي گهر ۾ نياڻي پيدا ٿيندي هئي اهو منهن (چهرو) ڍڪي گهمندو هو. پوءِ اسلامي تعليمات آئي حضور عليہ السلام رحمت للعٰلمين شافعي قيامت هوندا فرمايائون "قيامت جي ڏينهن زندهہ دفن ٿيڻ واريون نياڻيون سوال ڪنديون اسان کي ڪهڙي خطا جي عيوض قتل ڪيو ويو".

هڪ گذارش

پنهنجي نياڻي جو نڪاح ڪرڻ وقت انهيءَ ڳالهه جو اهم خيال ڪيو وڃي ته جتي اسين پنهنجي جگر جو ٽڪرو ڏيئي رهيا آهيون اهي ڪهڙي حيثيت جا آهن ۽ اهي اسانجي خاندان، رهائش ۾ هم آهنگي آهي يا نه ٻيو اهو ضرور خيال ڪجي ته نڪاح وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جي عمر ۾ ڪوئي فرق نه هجي يعني ڪنوار 13 سالن جي ته گهوٽ 70 سالن جو پوڙهو نه هجي **ٽيون** پنهنجي نياڻي کي ٽڪن (روپين) عيوض نه وڪڻو. جنهن ۾ توهانجي نياڻي کي گهوٽيتن ۾ ڪائي عزت ڪو نه ملندي هر وقت انهيءَ کي طعنا ميار پئي ملندي ته توکي تنهنجي پيءُ ماءُ ٽڪن ۾ وڪٽي ڏنو هو. اها ان نياڻي لاءِ زندگي پر ذلت جو عذاب آهي. **چوٿون** جڏهن به پنهنجي نياڻي جو نڪاح ڪرايو ته انهيءَ جي سٺي تربيت جو خيال رکيو وڃي. ڇو ته هڪ سٺي با اخلاق زال ئي هڪ بهترين ماءُ ثابت ٿي سگهي ٿي. ۽ پنهنجي اولاد جي صحيح اخلاق تربيت ڪري سگهي ٿي. **پنجون** ان نياڻي کان رسمي طور ئي صحي رشتي جي رضامندي ضرور معلوم ڪئي وڃي 14 ۽ 15 سالن جي نياڻي جو نڪاح 70 يا 80 سالن جي پوڙهي سان نڪاح ڪرائيندا ته اهو ظلم آهي نياڻي سان. اڄ پوري دنيا ۾ ناخواندگي گهرو تقرار، طلاق آهي سمورا مسئله بي جوڙ شادين جي ڪري ٿين ٿا.

”حضور عليه السلام جن جي زماني ۾ هڪ ڇوريءَ جو نڪاح ان جي پيءُ بغير ان جي اجازت جي ڪيو ان شخص جي ڇوڪريءَ جي شڪايت حضور عليه السلام سان ڪئي نبي سائين ان جي پيءُ کي گهرائي نڪاح فسخ ڪرڻ لاءِ فرمايو ان تي ان ڇوڪري چيو يا رسول الله مان هاڻي نڪاح قبول ڪيان ٿي منهنجو مقصد صرف اهو هيو اڳ اسان جي پينرن جي ذاتي حقوق جي توضيح (وضاحب) ٿي وڃي“.

هي پنهنجي جڳهه تي حقيقت آهي ته پيءُ کي ڌيءَ تي ولايت جو حق حاصل آهي. پر اهو به ضروري آهي پهريائين اخلاقاً طور تي ان جي رضامندي پڇي تاڪه ان کي احساس هجي ته اسانجي زندگيءَ جو فيصلو اسانجي

رضامنديءَ ۽ مشوري سان ٿي رهيو آهي. ائين ڪنهن جانورن وانگر ڪنهنجي حوالي نہ ڪجي.

اولاد جو احساس جانورن کي بہ هوندو آهي. توهان جيڪڏهن پنهنجي اولاد جي صحيح تربيت ڪندا تہ انهيءَ ۾ توهان جي نياڻي جو ئي فائدو آهي توهان جيڪڏهن پنهنجي نياڻي جي سٺي تربيت ڪندا تہ نتيجو بہ سٺو نڪرندو ورنہ توهان جي نياڻي جي زندگي زهر ٿي پوندي انهيءَ نياڻي کي گهر واري جي گڻ سيکارڻ ماءُ تي فرض آهي. مڙس جي خدمت ڪرڻ سس، سهري جي خدمت ڪرڻ اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي ماءُ ئي سيکاريندي آهي. اڄ اسانجي معاشري مان اهي وڏن واريون ڳالهيون ۽ نصيحتون نڪري ويون آهن تہ اهو پيار محبت، ايثار، همدردي، سڀ نڪري ويون آهن جنهن سان هڪ بهترين خاندان جو نمونو پيش ڪري سگهجي ٿو.

جن خاندان جي شرافت، متانت، شرم ۽ حيا جون مثالون ڏنيون وينديون اهي بي پردگي، بي حيائي فحاشي جي مثالي طور پيش ڪجن ٿا. جنهن جو نتيجو اڄ ڪلهہ عوام ۽ خواص جي سامهون آهي. اخبارن ۾ خبرون ڇپن ٿيون فلان علائقي جي ڇوڪري گهر کان ڀڄي پريمي سان پيار جو پرڻو ڪيو.“

اسان جون اخبارون انهن نا فرماني ”پريمي جوڙن“ جي رهنمائي ڪري انهن جي وڏي پيماني تي خبر ڇاپين ٿا.

اهي ڇوڪريون اهي بہ ڪونہ ٿيون سوچين تہ انهيءَ جي ڀڄي وڃڻ کان پوءِ ذلت جهڙي زندگي انهيءَ جا والدين ڪئين گذاريندا؟ ائين بہ ڪو نہ سوچين ٿيون تہ ڪهڙي ڏک سک ۾ اسان کي پاليون هيائون. انهن جي راحت بڻجن بدران انهن لاءِ عذاب جو سبب بڻجي ويون. اهڙي ذليل ۽ خوار ڪرڻ واري خبر جڏهن اخبار ۾ ڇپندي تہ انهن جا والدين ڪهڙو منهن معاشري کي ڏيکاريندا. انهيءَ جو احساس انهيءَ کي هوندو جنهن سان اهڙو واقعو گذريو هوندو.

ميڊيا وارا اهڙين خبرن کي وڏي فراخدلي سان ڇاپين ٿا ۽ پنهنجي لاءِ نوٽ ڪمائڻ جو ذريعو بنائن ٿا.

جنهن جي مثال ”پريمي جوڙن“ جو اخبار ذريعي اعلان ڪرڻ معاشري جي باغين کي ڪورٽ سگوري ۾ گڏ رهڻ جو قانوني حق فرهام ڪري ٿي. اهو سڀ ڪجھ عصر حاضر جي تقاضائن جي نالي تي ٿي رهيو آهي. ”ماڊرن ضروريات“ جو لحاظ رکي سگهجي مسلمان پنهنجو پاڻ کي روشن خيال ۽ لبرل بنائڻ جي ڪوشش ۾ ڪن پيا. پر الله تبارڪ وتعاليٰ جي فرمان موجب اهي يهود نصارا ڪڏهن به توهان کان خوش نه ٿيندا ايسيتائين جو توهان انهن جي دين تي اچو“ (انهن جهڙي ڪم ڪندا رهو)

ٽن ڪمن ۾ جلدي ڪجي

حضور عليہ السلام جن فرمايو ٽن ڳالهين ۾ هرگز دير نه ڪجي.

(1) نماز ۾.

(2) جنازي ۾ دير نه ڪريو.

(3) بيوه (رنڙ) جو جوڙو ملي وڃي ته نڪاح ۾ دير نه ڪريو.

حضور عليہ السلام جن پنهنجي عملي زندگي ۾ ڪثرت (گهڻائي) نڪاح مان اهو سبق ملي ٿو ته عورتن جي نڪاح ۾ دير نه ڪجي جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ نه هجي ته پوءِ دير نه ڪجي. موجوده دور فتني جو دور سڏيو وڃي ٿو. هر طرح سان فحاشي، عرياني کي ترقي ڏيڻ لاءِ نوجوان ڇوڪرين کي ترغيب ڏني پئي وڃي. غربت، تنگ دستي جي بهاني مختلف قسمن جون لالچون ڏئي امت مسلم جي نياڻين کي يهود نصارا گهرن مان ڪيڍڻ جون ڪوششون ڪري رهيا اهن.

عموماً توهان ڏٺو هوندو ته دَر دَر امت جي نياڻين کي يهودي ڪمپنين جون شيون وڪڻندي. جيڪا مسلمان غيرتي مرد لاءِ شرم جي ڳالھ اهي. غير مردن سان گهر کان ٻاهر سفر ڪرڻ جي اسلام ۾ اجازت ڪونهي ”سليز گرل“ ڇوڪريون گاڏين ۾ گهٽين ۾ ڪمپني جي مردن سان گهمنديون وتن ٿيون.

حضور عليہ السلام جن عورت جي ڪمائي تي گذارڻ ٻين لفظن ۾ عورت جي ڪمائي کائڻ واري کي ديوث سڏيو آهي.

انهن (سليز گرل) ڇوڪريءَ کي مجبورين گهر کان نڪرڻ تي مجبور ڪيو هوندو يا وري انهيءَ جون ضرورتون جيڪي انهن جا وارث انهن کي مهيا ڪونہ ٿا ڪن.

”حضور عليہ السلام جن آخري حج جي موقعي تي خطبي ۾ ارشاد فرمايو ”عورتن جي معاملي ۾ الله کان ڊڄو توهان جا حق عورتن تي ۽ عورتن جا حق توهان تي آهي“.

مرد ۽ عورت جي درميان هڪ ٻئي سان هڪ خاص جذبو ۽ ڪشش هوندي آهي جيڪي گهڻي ميل ميلاپ جي ڪري گهڻين اخلاقي بيمارين جو سبب بڻبيون آهن. انهيءَ لاءِ شريعت انهيءَ طوفان جي ناڪي بندي لاءِ پردي جو حڪم ڪيو آهي ورنہ گهٽين ۾ تازا ڇاول ٻارن جو تعداد وڌي ويندو.

ڌيءَ جي نالي نصيحت ڀريل خط

حضرت مولانا اسعد مدني رحمتہ الله جي پنهنجي پريشان حال ڌيءَ ڏي خط لکيو جيڪو هڪ پيءُ جي طرف کان پنهنجي اولاد کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ۽ سکي زندگي گذارڻ لاءِ ڪافي ۽ شافي آهي. خط جي عبارت کي سنڌي ۾ مختصر طور بيان ڪجي ٿو.

”عزيزه ڌي! الله تون کي ٻنهي جهانن ۾ خوش رکي (آمين) ڌيءَ هن دنيا ۾ رهڻ چند ڏينهن آهي انهيءَ لاءِ انهيءَ جي خواهش خاطر آخرت جي اصلي ۽ هميشہ جي زندگيءَ کي برباد ڪرڻ سخت ڏوڪو آهي ۽ پاڻ سان دشمني آهي. تون اهڙي جڳهہ ۽ خاندان ۾ وڃي رهي آهين جاتي هر ويجهو ۽ پري (رشتو) تنهنجي هر ڪم ۽ حرڪت ۽ هر شيءِ کي غور سان ڏسندو. جيڪڏهن تون ڪو ڪم يا حرڪت يا ڳالهہ پنهنجي ڏاڏي (مولانا حسين احمد مدني رحہ) جي طريقي جي خلاف ڪئي تہ ان کي رسوا ڪنديءَ ۽ پاڻ بہ ذليل ٿينديءَ . لباس ۾ فيشن ۽ نقل جي بجاءِ دين داري جو لحاظ ۽ شرم ۽ حيا جو خيال ضروري آهي.

گهڻن ماڻهن سان (مراد عورتن) تعلقات مناسب ناهن. گهٽ ۾ گهٽ تعلق ۽ ڳالهيون گهڻن مصيبتن کان بچائينديون آهن جيترو تعلق تنهنجي ساهرا پسند

ڪن. اهو ئي مناسب آهي (سواءِ محرم رشتي دارن سان غير محرمن سان نہ) ملڻ ۽ اچڻ وارين سان خوش اخلاقي خنده پيشاني ۽ نوڙت سان پيش اچجانءِ.

جيڪڏهن (ساهرن) جي وڏن کي پنهنجو وڏو ۽ پنهنجو خير خواهہ سمجهہ جانءِ تہ انشاءَالله ڪڏهن بہ ذليل نہ ٿينديءَ شادي کان پهريان مان پيءُ جو درجو الله ۽ رسول کان بعد ۾ آهي شادي کان بعد ۾ پنهنجي مڙس جو هوندو آهي. ان جي مرضي جي خلاف هلڻ ڏاڍي خراب عادت آهي پنهنجو ڪم پاڻ ڪجاءِ ۽ ٻين جي خدمت ڪجان ۽ سڀ تنهنجا محتاج ٿيندا. ۽ دلين ۾ عزت ٿيندي آرام طلبي، سستي ۽ ٻين کان خدمت وٺڻ جي عادي ٿينديءَ تہ ماڻهن جي نظرن کان ڪري پونديءَ گهرجي هر شيءِ کي برابر صاف سٿرو ۽ پنهنجي جڳهہ تي رکجانءِ. مصالا، چاهہ وغيره کي جاتان کڻي انهن کي پنهنجي جڳهہ تي رکجانءِ. ڪنهن ڪائڻ واري شيءِ کي کليل نہ رکجانءِ.

نماز کي صحيحي وقت تي ۽ اطمنان سان دل لڳائي پڙهجان ۽ ناشڪري ۽ غيبت عورتن جي بدترين عادت آهي. ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪجانءِ.

(فقط والسلام اسعد غفرلہ) (بشڪريہ محاسن الاسلام ماه نامہ)

باب ستون
اصلاح معاشره

معاشري جي اصلاح لاءِ چند حدود قيود:

جڏهن ڪان انسانن جي بهبود ۾ اضافو ٿيو آهي تڏهن ڪان سماج جي جوڙ جڪ، توڙ فوڙ بچاءُ سڌار جا قانون بہ مرتب ٿيڻ لڳا آهن انهن لاءِ ضروري آهي تہ هر دور ۾ معاشري جا سلجهيل، داناءَ پڙهيا لکيل فردن جي هڪڙي جماعت هجڻ ثابت ٿيو آهي. جڏهن انسانن پنهنجي فطرت جي ابتڙ پنهنجي رهڻي ڪهڻي، مذهبي ريتون رسمون اپنائڻ چاهيون تڏهن ڪائنات جي پيدا ڪندڙ انهيءَ جو خيال ڪندي انساني نسل جي بقاءِ سڌاري لاءِ ڌرتي تي پنهنجي رسول موڪلڻ شروع ڪيا. جيڪي انهن جي برين عادتن ۽ اخلاقن جي اصلاح لاءِ ڏينهن رات محنت ڪندا رهيا. ۽ اهي پغمبر هر دور ۾ ايندا رهيا ۽ انسانن جي فلاح ۽ بقاءِ لاءِ چند قانون، حدود، قيود پيش ڪيا.

(الله تعاليٰ بہ انسانن سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو تہ: ”توهان جيڪڏهن سدهي رستي نہ هلندو ۽ هدايت نہ وٺندو تہ نقصان وارن مان هوندو“. هي قرآن جي مختلف جڳهن مان ورتل مفهوم آهي.

قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ:

ومن يعص الله ورسولہ ويتعد حدوده يدخلہ نارا خالدا فيها ولہ عذاب مهين.(النساء ١٤)

ترجمو: ”۽ جيڪو بي فرماني ڪندو الله ۽ ان جي رسول جي ۽ ٽپندو ان جون حدون تہ داخل ڪندو ان کي باهہ ۾ هميشہ رهندو ان ۾ ۽ ان لاءِ عذاب ذليل ڪندڙ آهي“.

معاشري ۾ جيڪي بدنظمي، بي چيني، بدامني پيدا ٿئي ٿي انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ معاشري جي ماڻهن جيڪي ڪنهن محلي شهر جا ذميوار هوندا آهن انهن جي طرف ڪان ڪجهہ رعايتون مليل هونديون آهن انهن رعايتن جو غلط

فائدو وٺي پوءِ ماڻهو غلط ڪم ڪرڻ جي جرات ڪري وٺن ٿا. انهيءَ لاءِ ضروري آهي. شهر جا حاڪم ذميوار انهن تي ڪجهه موثر قدم کڻن ۽ هر هڪ شخص پنهنجي طور تي ۽ ان تي عمل ڪري ته سماج ۽ معاشرو پنهنجي پاڻ ٺهيو پوي. ۽ هڪ بهترين ماحول پيدا ٿي پوندو. اهڙا اسباب ئي پيدا ٿيڻ نه ڏجن جنهن جي ڪري اهي مسئلن پيدا ٿين ٿا.

يعني اختلاط مردن وزن ڳنڍيل محفلون، مجلسون بي حجاب هڪ ٻئي جي گهرن ۾ اچ وڃ.

ڏسو! الله تعاليٰ انسان کي بڻايو آهي ۽ انهيءَ ئي انساني رهنمائي لاءِ ذرين اصول مرتب ڪيا آهن جن کي اپنائي ڪري اسين انهن فتنن، فسادن، جهيڙن کان بچي سگهون ٿا. ۽ وڏن خونريزين قبائلي تقرارن کان بچي سگهون ٿا.

اسلامي تعليمات ۾ چند اصول بيان ٿيل آهن جنهن کي الله پاڪ پنهنجي ڪلام مقدس ۾ فرمايو آهي.

(1) بغير اجازت جي گهر ۾ داخل ٿيڻ.

يا ايها الذين امنو لا تدخلوا بيوتا غير بيوتكم حتي تستانسوا.

(الخ النور 27)

ترجمو: ”اي ايمان وارو! نه داخل ٿيو ڪنهن به گهر ۾ جيسيتائين اجازت وٺو ۽ سلام چئو انهن گهر وارن تي اهو اَٿوَ بهتر لاءِ جيئن اوهان ياد رکو“.

قرآن پاڪ جي مذڪوره آيت مان اهو هڪ قانون ثابت ٿيو ته پنهنجي گهر کان سواءِ ٻئي جي گهرن ۾ سواءِ انهن جي اجازت جي داخل نه ٿيو.

اڳتي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فان لم تجدوا فيها احدا فلا تدخلوها حتيٰ يوذن لكم وان قيل لكم ارجعو فارجعو هو ازكيٰ لكم والله بما تعلمو م عليم. (النور 28)

ترجمو: پوءِ جيڪڏهن نه لهو اتي ڪوئي ته نه گهڙو ان جي جيسين موڪل ملي توهان کي ۽ جيڪڏهن چيو وڃي توهان کي ته موٽي وڃو پوءِ موٽي وڃو اهو تمام چڱو آهي توهان لاءِ ۽ الله توهان جي عملن کي ڄاڻيندڙ آهي“

(1) پهريائين الله تعاليٰ فرمايو. اجازت کانسواءِ ڪنهن جي گهر ۾ داخل نه ٿيو وري فرمايائون.

(2) جيڪڏهن اجازت نه ملي ته پوءِ موٽي وڃو اهو توهان لاءِ ڀلو آهي.

فقهاءِ ڪرام لکيو آهي: ڪنهن جي درتي ٽي دفعا دستڪ ڏيو يعني ڪڙو کڙڪايو. جيڪڏهن ڪوئي به جواب نه اچي ته واپس موٽي اچو.

حضور عليه السلام ڪنهن صحابي جي جواب ۾ فرمايو ”ڇا توهان اهو چاهيو ٿا ته توهان پنهنجي ماءُ، ڀيڻ کي سواءِ ڪپڙن جي ڏسو“ هي روايت پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ سواءِ اجازت جي باري ۾ آهي. اهڙي طرح عورتون گهرن ۾ آزاد هونديون آهن انهن جو اٿڻ ويهڻ ڪهڙي مهل ڪئين هوندو آهي ڪهڙي محل ڪئين هوندو آهي انهيءَ لاءِ بهتر اهو آهي جو پنهنجي گهرن ۾ به اجازت وٺي وڃي ۽ سلام چوي جئين پهرين آيت ۾ ذڪر ٿيل آهي وتسلموا عليٰ اهلها خير لکم.

(3) اڳتي الله تعاليٰ فرمائي ٿو.

”قل للمومنين يخضوا ـ الخ اهڙي طرح عورتن کي به حڪم آهي قل للمُؤمنٰت يَخۡضُضۡنَ“.

يعني الله تبارڪ وتعاليٰ مومن مردن ۽ عورتن کي حڪم ڪري ٿو اي نبي! چئو مومنن کي ته پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ مومن عورتن کي ته اهي به نظرون هيٺ رکن. حقيقت ۾ قصور اکين جو هوندو آهي تڙپڻ دلين کي پوندو آهي.

(4) وليضربن بخمرهن عن عليٰ جيوبهن ولايبدين زينتهن الا بعولتهن. (النور 31)

ترجمو: ۽ وجهن پنهنجي رون کي پنهنجي گريبانن تي ۽ نه ظاهر ڪن پنهنجي زينت مگر پنهنجي مڙس لاءِ“.

مذڪوره آيت مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته هار سينگار کانسواءِ پنهنجي مڙسن جي لاءِ ٻئي ڪنهن لاءِ درست ناهي. شل نه ڪاٿي شادي محفل ٿئي پوءِ سائين عورتون ائين سينگار ڪنديون هڪ ٻئي جي ريس تي.

”حضرت عبدالله بن جعفر رضہ پنهنجي نياڻي کي نصيحت ڪئي اي ڌيءَ زينت صفائي جو خيال رکجانءِ سو زينتن جي هڪ زينت سرمو لڳائڻ آهي ۽ سو صفائي کان وڌيڪ صفائي پاڻي سان غسل ڪرڻ آهي“.

امت مسلمان جون عورتون! جيتري خوبصورتي سادگي ۾ آهي اوتري خوبصورتي ميڪ اپ جي اجائي خرچي ۾ نہ آهي. سائنس تحقيق مطابق نحن جي پالش ۾ اهڙا ڪيميڪل هوندا آهن جيڪي انساني صحت لاءِ نقصانڪار هوندا آهن. ۽ انهن ۾ حرام جانور سوئر جي چربي ملائي ويندي آهي.

تجربي طور هڪ عورت جنهن کي اکين ۾ سرمو ۽ چپن تي مساڳ لڳل هجي ۽ ٻئي عورت کي ميڪ اپ جا تھ لڳل هجن ٻنهي کي بيهاريو پوءِ انصاف سان ٻنهي جي چهرن ڏي نهاريو. توهان کي پاڻ يقين ٿي پوندو سادگي واري وڌيڪ خوبصورت آهي يا ميڪ اپ واري؟؟ فيصلو ڏسڻ وارين تي ڇڏيو وڃي ٿو.

ڪلام کان پوءِ ديدار جي طلب:

پيغمبرن موسيٰ عليہ السلام ئي ڪليم الله هيو (يعني الله سان ڪلام ڪندڙ) طور جبل تي وڃي الله تعاليٰ سان هم ڪلامي ڪندو هو. بار بار هم ڪلامي ڪرڻ جي وجہ سان ان جي دل ۾ خيال آيو تہ محبوب حقيقي کي ڏسڻ بہ چاهيان ٿو. جا تي بار بار ڳالھ ٿيندي پوءِ اڳلو قدم ديدار هوندو. محبت جو اهڙو جذبو اڀريو ۽ جوش آيو طور جبل تي پهچي جئين ڏنائين رب ارني انظر اليک. (اعراف)

ترجمو: حر حال الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجو ديدار ڪرايو حاصل ڪلام جو اهو ٿيو تہ جڏهن بار بار ملاقات ۽ گفتگو ٿيندو تہ حجت وڌندي. پهريائين موبائل، ميسج، انٽرنيٽ ذريعي پوءِ روبرو ديدار.

شعر

نہ تو خدا ہے نہ میرا عشق فرشتوں جیسا،
دونوں انسان ہیں تو کیوں اتنے حجابوں

ميں۔

ڏسڻ لاءِ دل چاهي ٿي ۽ جڏهن ڏسندا ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

اصل وجہ هي آهي ته اسان پنهنجي رهڻي ڪهڻي اسلامي طور طريقي تي ڪونه ٿا گذاريون. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ڪيترائي فائدا آهن. مثلاً ؛ بنا روڪ ٽوڪ جي ڪنهن جي گهر ۾ وڃڻ سان بي پردگي ٿئي ٿي اهو به گناهہ آهي گهر وارن جي دلين ۾ بدگماني پيدا ٿئي ٿي پوءِ شيطاني عمل عام جام ٿي وڃن ٿا. ۽ ماڻهن جون عزتون لٽجي وڃن ٿيون.

پنهنجي گهر جا ياتي به گهر ۾ اجازت وٺي وڃن

قران پاڪ ۾ الله تعاليٰ به ادب سيکاري ٿو ته ڪي وقت اهڙا هوندا جنهن ۾ محرم رشتي دارن کي به اجازت وٺي گهر ۾ اچڻ لاءِ چيو ويو.

قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو ته:

يا ايها الذين آمنو ليستا ذِنکم والذين ....(الخ انور 58)

ترجمو: اڳي صبح جي نماز کان جڏهن لاهي رکو پنهنجا لٽا (ڪپڙا) منجهند جو ۽ بعد نماز سومهڻي جي

ثلث عورت لکم ..... ايضاً (النور58)

”اهي ٽئي وقت توهان جي اگهڙ جا آهن“

مذڪوره قرآن پاڪ جي آيت مان اهو درس ملي ٿو ته گهر هڪ پناهہ گاهہ جي حيثيت رکي ٿو پنهنجي پناهہ گاهہ ۾ انسان آزاد هوندو رهڻي ڪهڻي ۾ انسان جو پردو گهر جي اهميت انهيءَ لاءِ آهي جتي انسان پنهنجي اگهڙ ڍڪي سگهي ”ننڊ موت تي ڀيڻ آهي“ جنهن انسان موت جي حالت ۾ پنهنجي اگهڙ نه ٿو ڍڪي سگهي اهڙي طرح ننڊ جي حالت ۾ به پنهنجي اگهڙ ڍڪڻ کان عاجز آهي. تنهن ڪري قرآني تعليم به خاص ڪري انهي ئي وقت جو ذڪر ڪيل آهي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو لباس پائن لاهن ٿا. (تضعون ثيابکم) جو حڪم مليو ته اهو دل ۾ خيال رکڻ گهرجي ته ڪٿي اسانجا گهر وارا اهڙي حالت ۾ ته نه وينيا آهن.

جنهن حالت ۾ محرمات کي ڏسڻ حرام آهي. ٿوري بي پرواهي جي ڪري عظيم گناهه ڪري وجهون جون پنهنجي ماءُ، ڀيڻ کي نا مناسب حالت ۾ ڏسڻ جو گناهه ٿي پوي.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي ته:

واذا بلغ الاطفال مُنكم الحلم فَليستَا ذِنوُا اكما يستاذن الذين من قبلهم ....والله عليم حكيم (النور 59)

ترجمو: ۽ جڏهن ٻهچن ٻار اوهان جي جواني کي ته موڪل گُهَرن جئين موڪل گهري هئي انهن کان اڳين اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ پنهنجون آيتون ۽ الله ڄاڻيندڙ آهي حڪمت وارو آهي“.

هي حڪم دنيا جي ناهيندڙ رب پاڪ جو آهي جنهن جي صفت علم ڄاڻڻ وارو حڪيم حڪمت وارو آهي. جنهن انسان کي بنايو اهو ئي انهن جي عادت ۽ اخلاقن کان خوب واقف آهي تنهن ڪري اهڙي قسم جا قانون پنهنجي ڪلام مقدس ۾ نازل ڪيا اٿس ڪو به شخص ائين ڪو نه چوندو آهي ته منهنجي اولاد گنهگار آهي بلڪه پاڪدامن ۽ معصوم سمجهندا آهن.

ٻئي جڳهه تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ولا يضربن با رجلهن ليعلم ما يخفين من زينتهن.....الي الله......... لعلكم تفلحون.(النور 31)

ترجمو: ” ۽ نه هڻن پير پنهنجا اهڙا جو معلوم ٿئي اهو جو لڪائن ٿيون پنهنجي زيورن مان ۽ رجوع ٿيو الله جي طرف سمورا اي ايمان وارو جئين توهان ڪامياب ٿيو“.

مذڪوره قرآن جي قانون مان اهو ثابت ٿيو ته جڏهن به گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ٿئي ته پنهنجي پيرن مان جيڪي زيور پاتل هجن انهن کي ظاهر نه ڪجن ۽ گهمڻ وقت زمين تي زور سان پير نه هڻن. انهن ڪمن جي ڪري ماڻهن و خيال انهيءَ عورت ڏانهن ڇڪجي پوندو ظاهر ڳالهه آهي ته پوءِ پردي ڪرڻ جو

مقصد فوت ٿي ويندو. پوءِ اوباش ماڻهو پردي وارن عورتن کي بہ ستائڻ لڳندا جيڪو هڪ نا مناسب ۽ ڪڌو ڪم آهي.

اڳتي قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

واذا سألتموهن متاعا ً فسئلوهن مِن ورآءِ حجاب ذالكم اطهر لقلو بكم وقلوبهن. (الاحزاب 53)

ترجمو: " جڏهن گهرو انهن کان ڪا شيءِ تہ گهرو انهن کان پردي پٺيان اهو وڌيڪ پاڪ ڪندڙ آهي توهان جي دلين ۽ انهن جي دلين کي".

هن آيت مبارڪ ۾ الله تعاليٰ هي حڪم ڪيو آهي تہ جڏهن توهان پاڪدامن بيبن کان ڪوئي سوال ڪيو يا ڪائي شيءِ وٺو تہ پردي جي پٺيان وٺو ائين ڪرڻ سان توهان جون دليون (يعني مردن ۽ عورتن) پاڪ ۽ صاف رهنديون اهو قانون دلين جي مالڪ جو آهي.

معاشري ۾ جيڪي زنا جا گناهہ ٿين ٿا اهي سڀئي بي پردگي جي ڪري ٿين ٿا. اسڪول، ڪاليجن، اسپتالن، سرڪاري ، نيم سرڪاري دفترن ۾ بي پردا ڪم ڪندڙ عورتون هجڻ ڪري انسانن جي دلين ۾ خراب خيال اچڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهي عورتون اچن بہ هار سينگار ڪري فٽنگ ڪپڙا پائي پنهنجي اسٽاف کي متاثر ڪرڻ خاطر، پنهنجي پرسنلٽي وڌائڻ خاطر اهي سڀئي سبب هجڻ سان هڪ ماڻهو آخرڪار پنهنجي شرافت وڃائڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. پنهنجي دوستن کان بڇڙ گهٽائي واقعا آهن. جيڪي انهن پاڻ مون کي ٻڌايا آهن ۽ آءُ خود پاڻ بہ انهن مٿي ذڪر ڪيل جڳهن تي وڃي ڪري اهڙو ماحول ڏٺو آهي جو مون کي ان ماحول ۾ هجڻ سان شرم محسوس پيو ٿئي تہ ڪٿي هي يورپي ملڪن جا ادارا تہ ناهن.

الله تبارڪ وتعاليٰ سڀني کي سمجهہ ۽ هدايت نصيب فرمائي ۽ پنهنجي وساريل رستي تي ٻيهر موٽي اچون ۽ شيطان کي راضي ڪرڻ بجاءِ رحمٰن رحيم کي راضِ ڪيون تہ جيئن ٻئي جهان ٺهي پون.

اے مسلم عورت؛

کیا ملا تجھے نئے رنگ میں ڈھل کے ،
تو اک تماشہ بنی پردے سے نکل کے ،
جس نے تیری ہستی کے تقدس کو جلادی،
تونے مستی سے وہی رسم مٹادی،
کیا تجھ کو ملا اپنے خیالات بدل کے ،
تو اک تماشہ بنی پردے سے نکل کے،
وقعت بھی گنوا بیٹھی تحفظ بھی گنوایا،
خود اپنے ہی ھاتھوں سے سکون اپنا،
کانٹے ہی ملتے تجھے پھولوں کو مل کے،
تو اکھ تماشہ بنی پردے سے نکل کے،
مغرب کی تھذیب بظاہر تو حسین تھی،
دکھ ہی حاصل ہوئے اس راہ پہ چل کے،
تو اک تماشہ بنی پردے سے نکل کے۔

(بصيرت)

وجود زن سے ہے تصور کائنات میں زندگی،
اس کے ساز سے ہے زندگی کا سوز دردل ،
اس راز کو عورت کی بصیرت ہی کرے فاش،
مجبور ہیں معذور ہیں مردان خرامند،
نہ پردا نہ تعلیم نئی ہوکہ پرانی،
نسوانیت کا نگہبان ہے فقط مرد،
جس قوم نے اس اندہ حقیقت کو نہ پایا،
اس قوم کا جمیل بہت جلدہوا زرد۔

عورتن تي ٿيندڙ تشدد ۽ رياست جي حڪمرانن جي ذميواري

گذشته سال جي رپورٽ مطابق 102 تعداد ۾ عورتن کي چٽي عيوض ڏنو ويو جنهن رياست ۾ جرم هڪڙو ڪري سزا ۾ محصوم نياڻيون ڏنيون وڃن چٽي عيوض معصوم نياڻين جون زندگيون برباد ڪيون وڃن ٿيون.

زنا جي چٽي ۾ نياڻي کي ڏيڻ وارا جرگه ڪميٽي جي سر پنچائت وارن کي ٻين جون نياڻيون ڏور لڳن ٿيون ڇا پلا انهيءَ جڳهه تي انهن جون نياڻيون هجن ها ته ڏين ها؟؟؟

جرڳن ۾ ٿيندڙ پاڪستان جي قانون جي خلاف ورضي ڪئي وڃي ٿي هڪڙي رياست ۾ ٻئي رياست قائم ڪئي وڃي ٿي.

(1) باهه مان گذرڻ.

(2) ڪارو ڪاري جي عيوض نياڻيون چٽين ۾ ڏيڻ. ڳوريون رقمون پرائڻ.

(3) معصوم (نابالغ) ٽياڻين کي 70 ۽ 80 سالن جي پوڙهي مرد سان نڪاح ڪرائڻ اهي سيني سزائون پاڪستان جي يا شريعت جي

کھڙي قانون ۾ آهن؟ پاڪستاني حڪمرانن کي رڳو لال مسجد ۽
جامعہ حفصہ جون نياڻيون نظر آيون جيڪي پاڪستان ۾ فحاشي
۽ برائين کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ طور نڪتل هيون.

موجوده حڪومت کان اها اپيل ٿي ڪجي تہ جلدي انهيءَ ڪڏي رسم جو خاتمو آندو وڃي تہ جئين قبائلي جهڳڙن ۾ ٻرندڙ سنڌ جيجل جي جان آجي ٿي پوي ورې ڀيهر سنڌ امن ۽ شانتي جو مرڪز بڻجي پوي.

جرگہ ڪميٽي جي سرپنچن ۽ ظالم جاگيردارن، وڏيرن کي جيل ۾ وجهي عدالتن ۾ اهڙا ڪيس هلايا وڃن جنهن سان ايندڙ نسلن کي سبق ملي سگهي تہ جئين آئنده ڪو بہ ظالم وڏيرو اهڙا ظلم ڪرڻ کان اڳ ۾ سو بار سوچي تہ ٻيلي هاڻي سوچ مٽائڻي پوندي.

باب اٺون
تجويزون ۽ خيالات

اهم ۽ قابل توجہ ڳالھہ عِلماءِ ڪرامن جو فيصلو

جتي سرڪاري ادارا بي جان ۽ بي وس هجن جتي خون ريزي ۽ سماجي برايون عام ٿي وڃن اتي پنهنجي مدد پاڻ طور تي شهري انهيءَ کي خاتمي ڪرڻ لاءِ اٿي پون جيئن نسل ڪشي جي واٽ تي هلندڙ رسمن جو خاتمو ٿي سگهي قبائلي تڪرار قومن جو تڪرار ۽ ٻيا ڪيترائي جيڪا سماج ۾ ناسور بڻجي سماج ۽ نسل کي اوڏهي وانگر کائن ٿا.

اسان جيڪڏهن همت ڪري انهي جي خامي جي لاءِ نہ سوچي سمجهي ڪو عملي قدم نہ کڻنداسين تہ اسان جي قوم ۽ نسل تباھہ و برباد ٿي ويندي. اج اها برائي ڪنهن خاص مخصوص علائقن ۾ آهي سياڻي اها وڏي وڏي پوري ملڪ کي ۽ آهستي آهستي پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي. ڪنهن ليڪڪ جو چوڻ آهي تہ ليبڊي ڊيانا جو قتل بہ غيرت جو قتل (ٻين لفظن ۾ ڪارو ڪاري جو قتل) آهي انهن لفظن ۾ ڪيتري حقيقت آهي پاڻ ڪٽي چئجي انهن جو طريقو مختلف آهي. اهو هڪ الڳ بحث آهي.

ڪنهن سماج جي بقاءِ سڌاري لاءِ انهيءَ معاشري جا چند سڌريل شخصيتون پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار رهن جنهن ۾ عالم، مفتي، اديب، دانشور، قانون دان، سچا ۽ ايماندار پوليس جا آفيسر ملي ڪري سماجي برايون ختم ڪرڻ لاءِ ڪو ادارو ٺاهين جنهن ۾ هر هڪ کي ڪم ورهائي ڏجي.

1. هڪڙا براين کي تبليغ جي ذريعي انهن براين جا اثر ٻڌائين.
2. ٻيا انهن کي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻن.

ڪا بہ بري عادت نہ رڳو تبليغ سان ختم ٿيندي آهي نہ ئي عملي پابندين سان انهيءَ جو ڪو اثر ٿيندو آهي. جيسيتائين انهن جي دلين ۾ خوف خدا جزا ۽ سزا

جو تصور انهن جي دلين ۽ دماغن ۾ نہ ويهاريو ويندو تيسيتائين ڪا بہ سزا انهن کي اثر انداز نہ ٿي ڪري سگهي.

ڏسو رحمة للعٰلمين مڪي وارن عربن کي پنهنجي شفقت ڀري انداز سان پهريائين شراب جون برايون ٻڌايون پوءِ آهستي آهستي انهيءَ جي حرمت جو حڪم فرمايو. انما الخمر.........الخ ٻيو زنا کان منع فرمايو لاتقربا الزنا.

زنا جو متبادل حڪم نڪاح جو ڏنائون. اهڙي طرح ڪنهن بہ بري عادت يا رسم جي خاتمي لاءِ ڪو متبادل رستو تجويز ڪجي تہ جئين رسمن ۽ رواجن جيڪي جهالت ۽ اونداهيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. انهن جو خاتمو ٿي سگهي.

انهيءَ سلسلي ۾ مون عاجز سماج جي عالمن اديبن، سماجي ڪارڪن کان انهيءَ سلسلي ۾ تجويزون ۽ رايا لکرايا آهن جيڪي پڙهندڙن جي سامهون رکجن ٿا. تہ جئين انهن کي پنهنجي دماغ ۾ ويهاري سگهن ڪي ابوجهہ ماڻهو وڏيرن، جاگيردارن جي چوڻ تي پنهنجي گهرن کي ويران ڪري نہ ويهن.

عالمن ۽ اديبن جي تجويز کان اول عيسائي پادري جو خيال اسلامي نظام کي رائج ڪرڻ جي باري ۾ پڙهندڙن جي نظر ڪجي ٿو جيڪو برطانيہ جي وڏي پادري آرچ شيپ آف ڪنٽر بري ڊاڪٽر رودان وليمز ۽ انگلينڊ ۽ ويلزجي سينئر جج لارڊفلپس چيو:

”برطانیہ میں مسلمانوں کے لئے اسلامی قوانین کے نفاذ کو ممکن قرار دیتے ہوئے اس بات کو تسلیم کیا ہے شرعی قوانین آج بھی قابل عمل اورا گرنیت نیک ہوتوان کونافذ کرنامشکل کام نہیں“

اپنے ملک کے ان دونوں مایہ ناز شخصیات کے بیانات پر وہاں کے اخبارات نے کافی تنقید بھی کی ہے لیکن اس کے باوجود یہ اپنے بیان پر قائم رہے یہ بات ہمارے ان حکمرانوں کے لئیے باعث شرم ہونی چاہئیے جو شرعی قوانین کا نظام لیتے ہوئے بھی شرماتے ہیں اور ڈرتے ہیں کے دنیا ہمیں دقیانوسی ہونے کا طعنہ نہ دے“

(شکریہ القلم ھفتیوار 25تا21جولائی2008)

عالمن سڳورن ۽ اديبن جا
ڪاروڪاري جي خاتمي بابت رايا

1. ڇا ٿا فرمائن علماء ڪرام ۽ مفتيان عظام ۽ اديب حضرات ان مسئلي بابت تہ ”ڪارو ڪاري رسم جو حل ڇا آهي؟
2. ڪارو ڪاري رسم جيڪا هڪ جا هلاڪي رسم آهي تنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ علماءِ ڪرام جو ڪهڙو خيال آهي. ۽ ان کي ڪيتري حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ علماءِ ڪرام جي ڪوشش ٿيل آهي.
3. ڀر جيڪڏهن ڪنهن فردن کان زنا جو گناهہ ٿي پوي تہ انهيءَ لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪجي ۽ ڪهڙي حڪمت عملي تجويز ڏجي جنهن سان قرآن ۽ سنت مطابق انهيءَ رسم جو خاتمو ٿي سگهي.
4. ڇا موجوده ”جرگہ ڪميٽي“ کي اهو حق آهي تہ شريعت جي ابتڙ زاني مرد ۽ عورت کي سزا ڏئي سگهن؟ حقيقت ۾ ڏسجي تہ اهو بلڪل جاهل هوندا آهن دين ۽ شريعت جي معاملي ۾.

علماءِ ڪرام تي اها زميواري آهي تہ وڏيرن، جاگيردارن جي انهيءَ روزگار بڻايل ڏنڌي کي ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو نظام مرتب ڪن جنهن سان انهن ظالمن جو ڪاروبار بلڪل ختم ٿي وڃي ۽ هڪ اهڙو طريقو بنايو وڃي جنهن سان زاني کي سزا بہ اچي وڃي ۽ معاشرو بہ پاڪ صاف ٿي وڃي ۽ اسان جي ملڪ ۾ خوشحالي اچي وڃي ۽ قحط سالي جي عذاب کان بچي سگهجي.

حضرت مولانا مفتي اصغر علي آرائين

جامعہ حماديہ خيرپور ميرس

نحمده ونصلي وسلم عليٰ رسولہ الڪريم اما بعد.

جواب: ڪارو ڪاري کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ بي پردگي، فحاشي، عرياني، زنا، آوارهگردي مخلوط تعليم و معاشرو جهالت قومي خانداني اني رسم و

رواج ان جا وڏا اسباب آهن نتيجتاً ڪوڙو الزام ڏئي بدگماني، دشمني، ملڪيت ۽ قرض قبائلي وغيره جي ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو ان رسم انسانيت کي تباهه ڪيو نه پوڙها ٻچيا نه ٻار نه نوجوان نه ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ، زال ۽ نه پيءُ ڀاءُ ۽ پٽ ان ڪري رسم کي ختم ڪرڻ ضروري آهي ته مٿي مذڪوره برائن کي ختم ڪيو وڃي ۽ شرعي احڪام، شرعي تعليم جي تشهير تقرير ۽ تحرير ۽ ميڊيا جي ذريعي عام ڪري هڪ پاڪيزه اسلامي فلاحي معاشرو جوڙڻ گهرجي ۽ ان رسم جي خلاف موثر طريقي سان آواز بلند ڪيو وڃي عام طور تي رسم جي خلاف آواز اٿاريو ويندو آهي. ليڪن ان جا اسباب بيان نه ڪيا ويندا آهن. الله تعاليٰ ڪان دعا آهي ته مسلمانن ۾ پاڪ معاشري جا اسباب مهيا ڪري آمين ثم آمين.

ڪتبه حرره

اصغر علي آرائين

29 شعبان 1329

1-9-2008

حضرت مولانا مير محمد ميرڪ

مدير د مهتمم جامعہ حماديہ

مون مفتي صاحب جي راءِ سان متفق آهيان ۽ ان سان گڏ جيسيتائين علماء جي هٿ ۾ قوة نافذه ٿي اچي ايتري تائين ڪو بہ عملي قدم نہ ٿو کڻي سگهجي.

فقط طالب دعا

مير محمد عفي عنہ

ميرڪ وارو

1. حدن جو نفاذ حڪومتي طاقت سان ممڪن آهي. قاضي موليٰ ئي انهيٰ جو مجاز آهي. ڪارپ جو الزام صريح زنا جو الزام نہ آهي. صريح زنا جي لاءِ چئن شاهدن جي ضرورت آهي پر پاڪر چمي يا اڪيلو ٽيڻ وغيره بہ بہ شاهد ڪافي آهن ان جي سزا اهڙي تجويز ڪجي جيڪا بنا حڪومتي طاقت جي عمل ۾ آڻي سگهجي مثلاً سال تائين شهر نيڪالي يا ڳوٺ مان لڏي وڃڻ وغيره.
2. عالمن سڳورن جي ذميواري آهي تہ سردارن ۽ مقدمن سان وفد جي صورت ۾ ملن ۽ گڏيل فتويٰ ڇاپي انهن ۾ ورهائن.
3. جرگہ ڪاميٽي جي حيثيت نہ شريعت ۾ مسلم آهي ۽ نہ مروج قانون ۾ بلڪ سنڌ هاءِ ڪورٽ جرگہ سسٽم تي بندش وجهي ڇڏي آهي.

مفتي عبدالوهاب چاچڙ

صدر مفتي

جامعہ عربيہ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي

21 جمادي الثاني 1429

تجويزون ۽ خيالات

معاشري جي چند معزز شخصيتن جا تجزيا ۽ خيال پيش ڪجن ٿا. جن ۾ عالم، مفتي، خطيب، اديب، مصنف، سماجي ڪارڪن شامل آهن.

1. حضرت مفتي حبيب الله شيخ الحديث جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي

سوال: ڪارو ڪاري (زنا ڪاري رسم) کي ختم ڪرڻ لاءِ موجوده دور ۾ ڪهڙا عملي قدم کڻي سگهجن ٿا؟ اها ڪڏي رسم نسل ۽ انسانيت جي خاتمي جو سبب آهي. ان بابت توهانجا ڪهڙا خيالات آهن جنهن سان اها برائي ختم ڪري سگهجي.

الجواب: ڪارو ڪاري رسم جي خاتمي جو اسلامي قانون جي نافذ ٿيڻ کان سواءِ بيو ڪو بہ حل ناهي جيستائين اسلامي قوانين ۽ شرعي حدود جو نفاذ نہ ٿيندو تسيستائين انهيءَ جو ڪو بہ حل ناهي. اسلامي قوانين نافذ ٿيڻ سان اهي جهالت واريون رسمون پنهنجو پاڻ ختم ٿي وينديون شرعي پردو مخلوط محفلون انهن جو خاتمو اسلامي تعليم جي اشاعت.

2. حضرت مولانا اسد الله شيخ (خطيب جامعہ مسجد خيرپور ميرس)

اسلامي تعليم جي اشاعت ۽ ماڻهن ۾ خدا جي خوف پيدا ڪري ان خراب رسم کي ختم ڪري سگهجي ٿو جيسيتائين اسلامي قانون لاڳو ٿئي تيستائين ڪاري ڪري مارينڌڙ ماڻهن کي آئين ۽ ملڪي قانون موجب قتل جي سزا ڏيئي بين خراب رسمن تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

والله اعلم بالصواب احقر.

اسد الله شيخ

خطيب جامعہ مسجد صديق اڪبر

خيرپور ميرس.

علامہ حزب الله آءِ سومرو

(چيئرمين علم دوست ادبي سنگت سنڌ)

اين جي اوز پاران ڪارو ڪاريءَ کي اهڙي طرح پيش ڪيو پيو وڃي جڻ سنڌ ڪارو ڪاريءَ تي هلي ٿي سندن غير مصدقہ ڪارو ڪاري جي تعداد کان وڌيڪ سنڌ ۾ باهہ جي واقعن، حادثن ۽ خودڪشين ۾ مري ويندڙن جو تعداد آهي. ڪارو ڪاري جا واقعا جيڪي بيان ڪيا وڃن ٿا سي سڳاوتي، قرض ۽ ملڪيت ڦبائڻ جي معاملن تان ڪاروڪاري جي اوٽ وٺي قتل ڪيل آهن ان ڪري اهي ڪارو ڪاري يا غيرت جا قتل نہ آهن ان تعداد مان ڏهہ سيڪڙو ئي غيرت ۽ ڪارو ڪاريءَ جا هوندا آهن جيڪي ”معاشرتي سزا“ آهي. اسان جي عالمن کي ان تي اين جي اوز کان پڇڻ گهرجي تہ زنا لاءِ ڪهڙي سزا هجي؟ اگر اسلامي سزا بہ نہ هجي ۽ معاشرتي سزا بہ نہ هجي تہ پوءِ ڪهڙي سزا هجي؟ اگر اسلامي سزا بہ نہ هجي ۽ معاشرتي سزا بہ نہ هجي تہ پوءِ هٿ سان بدڪاريءَ کي وڌائڻ جا سانباهہ آهن.

حقيقت ”ڪاروڪاري“ يا غيرت جا قتل تڏهن ختم ٿيندا جڏهن حڪومت پاران غير اسلامي ڪم بي پردگي، عرياني، فحاشي، گڏيل ادرا معاشرا ختم ڪيا وڃن ۽ زنا جي اسلامي سزا لاڳو ڪئي وڃي نہ تہ ڪاروڪاري ۽ غيرت جا قتل ختم نہ ٿيندا ڇا انهن معاشرن جن پنهنجي ڊڪشنرين مان غيرت جو لفظ ڪڍي ڇڏيو آهي. اتي غيرت جا قتل نٿا ٿين؟

ڇا برطانيہ ۽ آمريڪا ۾ عورت کي ٻئي ”فرينڊ بواءِ“ سان گهمڻ تي قتل نہ ٿو ڪيو وڃي؟ ڇا ليڊي ڊائنا پنهنجي عرب دوست دودي الفهد سان رهڻ ۽ گهمڻ جي سزا ۾ ٻنهي کي نہ مارايو ويو؟

ان ڪري اسلامي معاشرتي سزائن خلاف ڪجهہ نہ چوڻ گهرجي ۽ اين جي اوز کي بہ گهرجي تہ پنهجي مفاد تي مذهب کي استعمال ڪرڻ چاهين ٿا پر مذهب جي معاشرتي اصول ۽ سزائن جو نفاذ چونہ ٿا چاهين ۽ انهي جي هوندي هو کهڙي منهن سان چون ٿا تہ عالم ڪارو ڪاريءَ خلاف چونہ ٿا لکن.

حزب الله آءِ سومرو

چيئرمين

علم دوست ادبي سنگت ـ سنڌ

0300-3290626

پروفيسر الطاف اثيم

سابق ايڊيشنل ڊائريڪٽر سچل چيئر
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس

اڄ جي ترقي يافته دنيا ۾ سنڌ واسي جنهن هٽرادو عذاب مان گذري رهيا آهن تنهن تي جيتري ڳڻتي ڪجي ٿوري آهي سال اندر ڪارو ڪاري جي ڪُڌي رسم هيٺ سوين قيمتي جانيون بيگناهه ڪهاڙين جو بک بڻجن ٿيون. ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي ته اڄ تائين ڪنهن جاگيردار وڏي ماڻهوءَ ، پير، مير سردار جي نياڻي يا پٽ ڪاروڪاري ڪري نه ماريو ويو آهي. نه ئي ڪوئي ڏنڊ يا چٽي جرگي ۾ پري اٿائون. اهو ڇو آهي؟ ڇا سندن گهرن ۾ نياڻيون يا پٽ پنهنجي راءِ يا پسند رکندڙ نه هوندا آهن؟ ڇا شريعت انسان کي اهي حق نه ٿي ته هو پنهنجي ازدواجي زندگيءَ بابت آزادي سان فيصلو ڪري.

هي سڀ مسئلا جهالت ۽ لالچ سبب پيدا ٿيا آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالم سگهورا پڙهيا لکيا ماڻهون ۽ سماجي تنظيمون ان ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ ترجيحي بنيادن تي ڪٺن ڳوٺ ڳوٺ واهڻ وستي خاص طرح انهن علائقن ۾ جتي ڪارو ڪاي رسم کي وڏي اهميت مليل آهي اتي عملي انداز ۾ تبليغ ڪري انسانيت کي تذليل ٿيڻ کان بچائين.

پروفيسر الطاف اثيم
ايڊيشنل ڊائريڪٽر سچل چيئر

برڪت بلوچ

اسسٽنٽ پروفيسر ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس

اها عورت يا مرد جيڪي هڪ ٻئي ڪي چاهيندڙ هوندا انهن کي زنا ڪاري جي حالت ۾ ڏسڻ ڪان پوءِ انجو مڙس پنهنجي زال کان نفرت جو اظهار ڪري ”ڪاري“ قرار ڏئي ڇڏيندو آهي ڪنهن موقعي تي ڪنهن جدا جدا وقت تي غير مرد ۽ پنهنجي زال کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي. ڪڏهن قتل ڪرڻ کانسواءِ هو ڪاري مرد ڏر کان فيصلي ذريعي ڏنڊ ۾ وصول ڪندا آهن عورت جو قتل ان جي چاهيندڙ جو قتل ۽ ڏنڊ اهي ذاتي رسم جي بنياد تي مقرر ڪيل قانون آهن پر شريعي لحاظ کان انتهائي غلط ۽ حرام طريقو آهي.

ڪارو ڪاري جا سماج تي انتهائي خراب اثر پئجي چڪا آهن. ڪارو ڪاري جي آڙ ۾ ملڪيت بچائڻ، ذاتي انتقام وٺڻ ڏنڊ جو پيسو ڪمائڻ لاءِ ڪجهه نام-نهاد سردارن ۽ انهن جي ايجنٽن ڌنڌو اختيار ڪيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ ڪارو ڪاري ڪيسن لاءِ اسپيشل ٻڌٽي واريون عدالتون قائم ڪيون وڃن. جيڪي سرڪاري جج، سماجيات جي ماهر، نفسيات جي ماهر، دينيات جي ماهرن تي مشتمل هجن.

برڪت بلوچ
سنڌي شعبو
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

حوالا

(لکڻ مهل جن ڪتابن مان حوالا ورتا ويا)

1. قرآن مجيد.
2. ترجمو حضرت سائين مولانا عبدالڪيم پير وارا.
3. تفسير عثماني رحه
4. صحيحي البخاري.
5. مشڪوات
6. فتح القدير في الفقه.
7. هدايه
8. نوراالانور.
9. قدوري.
10. اسلامی نظام اور ہماری ذمہ داری (اردو).
11. حقوق نسواں بل حقیقت کیا ہے.
12. بنات عائشه رضه (شماره نسواں 1427هه).
13. محاسن اسلام
14. قديم سنڌ (مصنف ڀيرو مل).
15. هفته وار (القلم) اخبار
16. الحماد (ماهانه).
17. قلب سليم (اردو)
18. مقام النساءِ (اردو).
19. ڪتاب ادب النساءِ (عربي).
20. سانحه لال مسجد.

ليکڪ جو مختصر تعارف

محقق جو نالو: **محمد جميل**

ولديت: مولانا واحد بخش رحمة الله تعاليٰ

ذات: قلپوٽو

جاءِ پيدائش: راضي ڳوٺ تعلقہ و ضلعہ خيرپور ميرس.

تاريخ پيدائش: 01-08-1985

تعليم جو تفصيل: مئٽرڪ، فارغ تحصيل 1425ھ جامعہ دارل الهدي نيڙهي حبيب آباد خيرپور، انٽر 2002ع. فتوي ڪورس.

ابتدائي تعليم: مدرسة تعليم القرآن ڳاڙهي موري

ابتدائي ڪتب: پنهنجي والد محترم مولانا واحد بخش قلپوٽو رحمة الله تعاليٰ وٽ هدايہ تائين.

بعد ۾: تڪميل دوره حديث دارالهدي نيڙهي، تخصص في الفقہ ڪراچي ۾ جامعہ دارالعلوم صرافہ بازار لياري حضرت مفتي حبيب الله شيخ دامت برڪاتهم جن وٽ پڙهيائين.

ادبي رهنمائي: قاضي مفتي سليم الله ۽ محترم حزب الله آءِ سومرو.

ادبي وابستگي: ڪارو ڪاري تي مقالو لکڻو هيو جيڪو اداره جي طرفان تصنيف جي تربيت جي حوالي سان جيڪو اردو ۾ هيو اتي جمع آهي .

ايڊريس: ضلعہ و تعلقہ خيرپور ميرس يوسي دائود ڳوٺ وليج راضي ڳوٺ.

فون نمبر: 0306-3682570

صفي الله آءِ سومرو

علم دوست ادبي سنگت _ سنڌ

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book